# قديم سنڌ

## جي تجارتي تاريخ

چيتن لال ماڙيوالا
ايم. ايڇ. پنهور

عطا محمد ڀنڀرو

Gul Hayat Institute

روشني

Gul Hayat Institute

# قديم سنڌ

## جي تجارتي تاريخ

# قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ

چيتن لال ماڙيوالا
ايم. ايڇ. پنهور

عطامحمد ڀنڀرو

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2004ع

## انتساب

سڄي ڄمار سنڌ جي قديم
سڀيتا، ثقافت، ادب ۽
ٻوليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ
ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ
جي نالي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# فهرست


**باب پهريون**

تعارف، موضوع جي اهميت ۽ معلومات جو ذريعو 9

**باب ٻيون**

ملڪ ۽ اُن جا ماڻهو 20

**باب ٽيون**

سنڌ جا ڏيساور سان واپاري ناتا، آمدرفت جا وسيلا ۽ واپاري رستا 26

**باب چوٿون**

مغل دؤر تائين سنڌ جي واپار جو اڀياس 54

**ضميمو: الف**

ٺٽو ۽ لاهري بندر وسيلي سنڌ جي بين الاقوامي تجارت 80

**ضميمو: ب**

ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ جو ديبل بندر 111

حوالا 147

مددي ڪتابن جو وچور 158


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

باب پهريون

# تعارف، موضوع جي اهميت ۽ معلومات جو ذريعو

سنڌ ننڍي کنڊ جي اولهہ ۾ هڪ ننڍو صوبو آهي، جيڪو گذريل ڪيترين صدين کان بين صوبن جي پيٽ ۾ گمنام رهندو پيو اچي. حقيقت ۾ اِها آهي تہ ڊگهي عرصي کان وٽي هن کي ناقابلِ توجهہ علائقو تصور ڪيو پيو وڃي. يورپي ماڻهو جڏهن پهريون ڀيرو نمودار ٿيا هئا تہ انهيءَ وقت بہ سنڌ صوبو بلڪل تنها هو ۽ سنڌن نظرن کان پري هو. جڏهن هن علائقي کي انگريزن پنهنجي حڪومت سان شامل ڪيو، تڏهن ڪيس غير اهم سمجهيو ويندو هو. سورليءَ جو بيان آهي تہ، ”جڏهن مير، ’لارڊ ايلنبرو‘ جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيا هئا تہ ان وقت بہ انگريز سنڌ ۾ اهڙيءَ ريت داخل ٿيا تہ جڻ ذرتيءَ جو هي ٽڪرو هنن لاءِ اڻ چاتل ۽ اڻ سڃاتل هو.“ (1)

انگريزن جي فتح کان سُتت ئي پوءِ انگريز عملدار سنڌوءَ جي هن پار جو پنهنجي پنهنجي تصور موجب پنهنجي ملڪي ماڻهن وٽ تعارف ڪرائڻ لاءِ آتا هئا، جيڪو تازو سنڌن اوپارينءَ شهنشاهت ۾ شامل ڪيو ويو هو. ڪن انگريز عملدارن هن کي رومانس ۽ مهم جوئيءَ جي ڌرتي سمجهي قابلِ توجهہ موضوع تصور ڪري ورتو هو، جنهن کي پنهنجو هڪ الڳ مزاج هو ۽ يورپي واپاري جنهن کان واقف ئي ڪونہ هئا. ڪيترن هن ڌرتيءَ جي هڪ خوبصورت ۽ رنگين تصوير چٽي هئي. ’رچرڊ برٽن‘ چيو هو تہ، ”هي اُميدن ۽ آسرن واري سرزمين آهي.“ جڏهن تہ ’چارلس نيپيئر‘ هن ڌرتيءَ کي نِندي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ، ”منجهس ڪجهہ بہ ڪونہ آهي.“

هنن ماڻهن پنهنجو مواد هڪ ذريعي وٽان ڪنيو آهي، پرسنڌن ڪڍيل نتيجا ڌار ڌار، مايوس ڪندڙ ۽ ڏکوئيندڙ آهن. دنيا کي سنڌ بابت هڪ غلط



Gul Hayat Institute

تاثر مليو. جيڪو هن ڌرتيءَ لاءِ ڏاڍو نقصانڪار ثابت ٿيو آهي. سنڌ کي مختلف رنگن واري سرزمين تصور ڪيو ويو هو. هن جي مصر سان مشابهت ڪئي ويندي هئي ۽ چيو ويو ته هو 'نيل' ۽ 'سنڌوءَ' جي ماتري آهي. ڪڏهن هن کي اڪين مان وهندڙ ڳوڙهن جي ماتريءَ به سڏيو آهي، جنهن ۾ مصر واري پليگ جي بيماريءَ به آهي. (2) هن ملڪ جي تجارت جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته، "شيطان هنان جي تجارت کي باهه جيان اڳتي وڌائيندو." يعني هتي واپار جو مستقبل نهايت روشن آهي. هي لفظ 'چارلس نيپيئر' جا آهن. تنهن هوندي به سنڌ کي خطرناڪ ۽ هيبتناڪ سمجهي ٿو. (3)

معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته جڻ حالتن موجوده سنڌ خلاف خطرناڪ سازش ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته اُن کي سائيءَ جي بيمار وارين اکين سان ڏٺو ويو آهي. پر ڪيس نقصان اينرو گهڻو پهچايو ويو آهي جو ان جو ازالو ٿي ممڪن ڪونه آهي.

تاريخي دؤر وارن ماڳن مان حاصل ٿيل ثقافتي جاڻ مان گهڻي معلومات ملي ٿي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته هي هڪ عجيب غريب ثقافت هئي ۽ ڪن ڳالهين ۾ مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيبن کان به اوچي هئي، جنهن دنيا کي هن قديم ڌرتيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ دريافت هاڻي تازو ٿي آهي. هندستان جي قديم آثارن جو کاتو، سنڌ جي ثقافتي ماڳن ۾ عملي طور تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيو آهي. اهڙيون کوٽايون ۽ کوجنائون 1922ع کان شروع ٿيون. اهو هڪ اتفاقي واقعو هو. 'مسٽر راکل داس بئنرجي' موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪري دنيا کي هتان جي هڪ قديم ۽ شاندار ثقافت سان روشناس ڪرايو، جنهن کان دنيا اڳي واقف ڪانه هئي ۽ اها مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيبن جي سهيوڳي هئي. هي سڀيتا ڪي به ٿي صديون نه پر گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار سال پراڻي آهي. هن کان سواءِ سنڌ سان لاڳاپيل هڪ اهم حقيقت هي به آهي، جنهن اسان جو گهڻو ڌيان ڇڪايو آهي ته سنڌ جي سنڌ وَرڪي واپاري دنيا ۾ پکڙيل آهن. ان کان سواءِ سنڌي واڻين جو هٽ مهذب دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملندو. هنن جي هر جاءِ تي موجودگي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائي ڇڏيو آهي.

هن جي طبيعت پُڇائو هوندي آهي ۽ پُڇ پُڇ ڪرڻ وارا ماڻهو ڪانئس سوال ڪندا آهن تہ ٻڌاءِ تون ڪهڙي ديس جو واسي آهين. اهڙيءَ دنيا جي هر ماڻهوءَ کي سنڌ جي ڄاڻ آهي.

سنڌي ماڻهو لئي مان لٺ پڇي هاٿي تازو واپاري ڪونہ ٻڌيا آهن. سنڌ جي تجارت پراچين سمي سان لاڳاپو رکي ٿي. هن ملڪ ۾ سندس تجارت جو احوال قديم تذڪرن ۾ موجود آهي. جيڪڏهن 'مسٽر اين. ايم. بليموريا' جو هي نقطهءِ نظر صحيح آهي تہ، (4) ويدن ۾ ”پڻي“ ماڻهن جو ذڪر آهي تہ پوءِ هيءَ حقيقت وڌيڪ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ ويد دؤر ۾ سنڌ جو ماڻهو مهان ڪاري ڪيڙائو هو. هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون شاهديون موجود آهن تہ سنڌ انهن اهم تورن تجارتي مرڪزن مان هڪ هيو، جتي 3000 ق.م يا ان کان بہ اڳ ساري دنيا مان ايندڙ تجارتي ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا. جنرل جو بيان آهي تہ، بين الاقوامي تجارت جي شروع ٿيڻ سان سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو ڏيساوري واپار جو اهم مرڪز بڻجي چڪو هوندو. (5) ساڳيو مصنف وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”هي ماڳ هڪ وڏي تجارتي ۽ فطري آمدرفت جي ان وسيلي جي چيڙي ۾ آهي، جيڪو هندستان جي ميداني علائقن مان گذري وچ ايشيا تائين ويندو هو. ان کان سواءِ سنڌوءَ جي چوڙ وارو هي علائقو اپيٺ جي ان ماڳ تي آهي جيڪو ميسوپوٽاميا جي درياهن ۽ ميڊيٽيرينن سمنڊ کي پڻ ويجهو هو، جتي قديم دؤر کان وني وڻج واپار انتهائي عروج واري منزل تي پهچي چڪو هو ۽ سمنڊ وسيلي تجارتي مهمون عروج تي پهتل هيون.“ (6)

سمنڊ ۾ سنڌوءَ جي مختلف ڦاٽن جا چوڙ قديم دؤر کان وٺي ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ کان ايندڙ تجارتي ٻيڙن جي بيهڻ جا اهم ٽاڪ هوندا هئا. ان جو ناڪئو اجا ٻيڙي هلائي مس سگهندو هو تہ هن ذرتيءَ ڏانهن هاڪارڻ جي ڪوشش ڪندو هو. 'ڊاڪٽر بريسينڊ' شنار ماٿريءَ جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن کي ميسوپوٽاميا جي درياهن جي ماٿريءَ سڏيو ويو آهي ۽ مختلف ملڪن سان سندس هلندڙ تجارت جو بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ اسان وٽ اهڙيون پڪيون شاهديون موجود آهن تہ هتان جي تجارت اوپر طرف سنڌو ماٿريءَ جي هينئين پاسي واري علائقي سان ٿيندي هئي. (7)

هاڻي اهو بہ سمجهيو پيو وڃي تہ مصر جي ممي ٿيل فرعونن جي لاشن کي سنڌ جي ڪپڙي ۾ ويڙهيو ويندو هو. هن حقيقت مان هي ڄاڻ ملي ٿي تہ قديم دؤر ۾ سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ تجارتي لاڳاپا موجود هئا. (8) هن کان سواءِ سنڌو ماٿريءَ ۽ وچ ايشيا جي ملڪن سان قافلن وسيلي تجارت هلندي هئي، جيڪي بولان لڪ مان پيا هيڏي هوڏي ايندا ۽ ويندا هئا. هيءَ اهڙي حقيقت آهي، جنهن لاءِ ڪنهن شاهدي پيش ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانہ آهي.

سنڌ جا ڏيساور سان واپاري لڳ لاڳاپا قديم دؤر سان واسطو رکن ٿا، جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. سنڌ جي اهڙيءَ وسيع تجارت کان متاثر ٿي ايران جي شهنشاهہ 'آريس' (ڇهين صدي ق.م) 'اسڪاءِ لئڪس' کي ڪنهن خاص مهم تي سنڌ روانو ڪيو هو. ضروري معلومات ملڻ کان پوءِ هن شهنشاهہ سنڌ کي فتح ڪري ورتو هو.

ساڳيءَ ريت 'سڪندراعظم' کي بہ ساڳين سببن ڪري هن ڌرتيءَ موهي ورتو هو. (9) 'ٽالمي' هن واپار کي گهڻو همٿايو. (10) انهيءَ زماني ۾ سنڌ، مصر ۽ ايران جا واپاري عربستان يا صابي(Sabaen) بندرگاهن تي ملندا هئا ۽ تجارتي مال جي مٽاسٽا ڪري پنهنجي وطن ڏانهن ورندا هئا. 'اگاٿا رچيدس' (ٻي صدي ق.م) جو هن تجارت بابت بيان آهي تہ ايشيا جي مختلف ملڪن جا تجارتي ٻيڙا اچي عربستان جي مختلف بندرن تي گڏبا هئا. اهڙن واپاري ٻيڙن جو گهڻو تعداد "پوتانا" مان ايندو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ، ان اهم تجارتي مرڪز جو بنياد سڪندر رکيو هو، جيڪو سنڌوءَ جي چوڙ وٽ هو. (11) "پيريپلس آف اريٿرين سي" (پهرين صدي عيسوي) جو مصنف ٻڌائي ٿو تہ، سنڌ سان اهڙي تجارت سنڌس وقت ۾ قائم هئي. (12) ان کان پوءِ سنڌ تي ڪجهہ صدين لاءِ هندو راڄ قائم رهيو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي تجارت تمام گهڻي ترقي ڪئي ۽ هتان جا ماڻهو وڻج واپار ڪري ڏاڍا سکيا ستابا ٿي ويا هئا. 'ڪئپٽن مئڪمردو' جنهن سنڌ تي گهڻي تحقيق ڪئي آهي، ٻڌائي ٿو تہ، هن ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ تجارت لاءِ نهايت اهم آهي ۽ هندو دؤر ۾ وڻج واپار نهايت عروج تي پهتو هو. (13) سنڌ ۽ ان جي پاڙيسري ملڪ گجرات جي واپارين پنجين

صدي عيسويءَ ۾ "جاوا" ۾ وڻج واپار شروع ڪيو هو ۽ اتي وڃي وسنديون ناهي ويٺا هئا. (14)

پر مسلمان دؤر جي ابتدا ۾ سنڌ جي وڻج واپار کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو هو، جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ هئا. پر صفا نهوڙجي ناس ڪونه ٿيو هو. هندستان ۾ مغل دؤر جي شروعات سان هندستان سان گڏ سنڌ کي به اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو هو. هن دؤر ۾ يورپ جا سياح سنڌ ۾ آيا هئا. هنن نَون ماڻهن کي احساس ٿيو هو ته سڪندر جو بياس ۽ سنڌوءَ وسيلي نيرڪس جي اڳواٽيءَ ۾ سمنڊ تائين تجارتي آمدرفت جو نشان هو. (15) مغرب جي تجارتي مهمن سنڌ جي وڻج واپار کي وڏيڪ ترقي ڏني. جيتري قدر سنڌ جي وڻج واپار جو تعلق آهي ته اها فقط ملبار، ايراني نار، عربستان ۽ آفريڪا جي بندرن تائين محدود هئي.

مٿي بيان ڪيل ملڪن سان واپار ايڏو گهڻو ڪونه هو، جنهن کي وڏيڪ تيزي يورپ جي واپارين ڏني هئي. انهن پنهنجي تجربي مان سمجهي ورتو هو ته پنهنجي ملڪ جي مارڪيٽ جي پيٽ مٿي بيان ڪيل ملڪن جي مارڪيٽ اندر مال بدلي مال ڏيڻ ۾ سنڌ جي تجارت تي وڌيڪ نفعو ڪمائي سگهن ٿا. جتي هن ملڪ جي تجارتي مال جي وڌيڪ هاڪ ۽ کپت آهي. ساڳئي وقت اسان کي سنڌ کان باهر ويندڙ تجارتي مال ۾ واڌ ڏسجي ٿي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي تجارت جي مال جي يورپ ڏانهن به تڪڙي روانگي ڏسجي ٿي. ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو مغرب جا واپاري سنڌ جي صنعتڪارن کان آرڊر تي پنهنجيءَ پسند مطابق مال تيار ڪرائيندا هئا. اڳ ۾ ايئن ڪونه ٿيندو هو ۽ يورپي واپاري سنڌ جي صنعتڪار جي مرضيءَ مطابق تيار ٿيل مال کڻي ويندا هئا، پر اهي ڳالهيون يورپ جي پنهنجي صنعت قائم ٿيڻ تائين رهيون. ان کان پوءِ سنڌ جي واپاري مال ۾ ٿڏائي يا موڙي ڏسجي ٿي، جيڪا هڪ وڏي تبديلي هئي. پر سنڌ جي فتح کان پوءِ حالتون وري سڌرندي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان کان پوءِ ڪراچي، سنڌ جي تجارتي مال جو چڙ ساموندي ڦاٽڪ بڻجي وئي هئي ۽ چڙ ته مشرق جو "لِورپول" ٿي پئي هئي.

مٿي بيان ڪيل سنڌ جي تجارت جي تبصري مان چِٽيءَ ريت ظاهر ٿي

وجي ٿو تہ سنڌ، تجارت جو نهايت اهم مرڪز ۽ واپارين لاءِ جنت رهي آهي. ان هوندي بہ هي ملڪ وڻج واپار جي نقطہءِ نظر کان گهڻو مشهور ڪونہ رهيو آهي. سنڌ جي تجارت بابت قديم حوالا نهايت مختصر آهن ۽ نظر ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ اچن ٿا. تنهنڪري سنڌ جي پراچين وڻج واپار تي جامع طريقي سان لکڻ ممڪن ڪونہ آهي.

هندستان ۾ مغل دؤر جي ابتدا سان مختلف قسمن جي تجارت جي ترقي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تنهنڪري سنڌ جي تجارت کي 1526ع کان 1843ع تائين بيان ڪيو ويو آهي.

هن موضوع تي دستياب ويساهہ جوڳي مواد ڪري منهنجي دل تي اهو اثر ويهي ويو آهي تہ سنڌ جي تجارتي آمدرفت وسيع پيماني تي هلندي هئي، جيڪا نهايت چوٽ تي پهتل هئي. هن ملڪ جي وڻج واپار جو تفصيل سان اڀياس ٿي رهيو آهي. پر هن ڏس ۾ کوجنا ڪرڻ ۾ ڪيترين ئي ڏکيائيون رستا- روڪ ڪيون بيٺيون آهن. عام طور تي سنڌ جي تجارت تي مليل ذريعن جي آثار تي محققن پنهنجي طرفان اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن مليل معلومات جي ذريعن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪجي ٿو تہ سارو پتو پئجي وڃي ٿو. هن جي آڏو ڏکيائين جو ڏونگر کڙو بيٺو آهي. اهڙين ڏکيائين کي سمجهڻ ايڏو ڪو ڏکيو بہ ڪونہ آهي.

هن تحقيق تي ڪم اينڊڙ سڀ تاريخي ذريعا هن ريت ورهائي سگهجن ٿا. پهريون سنڌي مؤلفن جون تاريخون، ان کان پوءِ هندستان جون تاريخون، جن ۾ ملڪ جي حصي طور سنڌين جو تفصيلي ذڪر هجي. ٻيو تہ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قائم ڪيل سنڌ اندر واپاري ڪوٺيءَ جي ملازمن ۽ ڪمپنيءَ جي وچ ۾ ٿيل ان لکپڙهہ، احوال ۽ ڏنل اطلاعن کي مختلف قسمن ۾ ورهائڻ گهرجي، جيڪي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي ڏانهن سترهين صدي (1635ع کان 1662ع) ۽ ارڙهين صدي (1758ع کان 1775ع) ڏانهن روانا ڪيا آهن.

هن قسم جي مواد کي انهيءَ ڪري وڏي اهميت آهي جو انهن دستاويزن جو سڌو سنئون سنڌ جي تجارت سان واسطو آهي. هن قسم جي معلوماتي مواد کان اڳ سنڌ ۾ آيل سياحن جي سفرنامن ۽ تجارتي مهم جوءَ

ماڻهن جي ڏنل احوالن کي ڏسڻو پوندو، جيڪي پنهنجي اهڙي جاکوڙ دوران هتي آيا هئا يا انهن مذڪوره زماني دوران هتان جي وڻج واپار بابت ٻڌو سُڻيو هو.

متي بيان ڪيل مختلف قسم جي ذريعن سان گڏ هڪ ٻيو مواد پڻ شامل ڪرڻ گهرجي، جنهن کي اسان خطرناڪ قسم جو ورثو سڏي سگهون ٿا، جنهن ۾ تمام گهڻا دستاويز شامل آهن. انهن ۾ انگريز سرڪار ۽ خانگي ماڻهن جا سنڌ سان ڪيل لکپڙهه وارا ڪاغذ شامل آهن، جن جو تعلق اڻويهين صديءَ جي منڍ سان آهي. (16)

معلوم ائين ٿئي ٿو ته هن زماني ۾ انگريزن جا سنڌ ۾ سياسي مقصد آهن ۽ پوءِ 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي وئي. اهي دستاويز معلوماتي ذريعن جي حيثيت رکن ٿا. هن ذريعي سان ثانوي درجي جو مواد پڻ شامل ڪرڻ کپي، جنهن جو تعلق موجوده دؤر جي محقق جي کوجنا سان آهي. ان خاص دؤر سان لاڳاپيل هندستاني طرز زندگيءَ جو گهڻ- پاسائون اڀياس ڪرڻ به ضروري آهي، جنهن سان هن ڪتاب جو تعلق آهي. ان سان گڏ مختلف گزيٽيئر ۽ مجموعا به شامل ڪرڻ کپن، جن وسيلي هڪ محقق کي ڪمائتا حوالا، تبصرا، سمجهاڻيون ۽ اضافي مواد ملي ويندو، جيڪو ڪيس کوجنا جي ڪم ۾ وڏو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڏيهي عالمن جي گڏ ڪيل سنڌ جي تاريخي مواد کي به هن تحقيقي ڪتاب جي ڏسَ ۾ هڪ بنيادي حيثيت حاصل آهي. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته اهڙو مواد هتي موجود ئي ڪونه آهي. جيڪڏهن ڪو ٿورو ٿڪو اهڙو مواد آهي به ته اهو ايترو ته اڻ پورو آهي جو عام قسم جي مواد جيترو به فائدو ڏئي ڪونه ٿو سگهي. هن وقت تائين تاريخ جي علم کي بادشاهي دستاويز تصور ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انهن جي درباري ماڻهن جو ذڪر هوندو آهي. اهو به بيان ٿيل هوندو آهي ته امن ۽ امان ۽ جنگين دوران سندن زندگيءَ جو ڍنگ ڪهڙو هوندو آهي. پر انهن ۾ رعيتي ماڻهن جي زندگيءَ جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي آهي. تاريخي تذڪرن جي گهڻائي بادشاهي ثناخواني سان ٽمٽار ٿيل هوندي آهي، تنهنڪري عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ڏانهن سندن خيال ويندو ئي ڪونه آهي. ان ڪان سواءِ

سندن تصنيفون اهڙي مقصد جي ڇوڏاري گهمنديون آهن جو مصنف جي نظر سماج جي اقتصادي حالتن ڏانهن تہ ڦرندي ئي ڪانہ آهي.

'سر ايچ. ايم. ايليٽ' هندستان جي مؤرخن جي هن اوڻائيءَ کي ڪنهن حد تائين پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ان جي مقابلي ۾ ڏيهي تجزيہ نگار جو هندستاني تاريخ ۾ ڪنهن بہ قسم جو اهڙو ڪردار نظر ڪونہ ٿو اچي. هنن جي تصور ۾ سماج عام روايتي يا رعايت يافتہ حيثيت ۾ يا خودمختيار ادارن يا خانگي رابطن واري حيثيت ۾ ڪنهن بہ غور فڪر جي جڳ لائق ئي ڪانہ هوندي آهي. اهو بہ معلوم ٿيندو تہ هنن جو ڏيهي تجارت، زراعت، پوليس، قانون ۽ انصاف سان ڄڻ تہ ڪو واسطو ئي ڪونہ آهي. اهڙي حقيقت، ڪو قصو، ڪا تقرير يا ڪا اظهار راءِ جنهن جو لڳ لاڳاپو عام ماڻهوءَ يا اهڙي طبقي سان آهي، جيڪو حيثيت ۾ مٿئين طبقي جو محتاج آهي، سو هنن ماڻهن جي نظر ۾ ڪنهن اهميت جي لائق ڪونہ هوندو آهي ۽ سمجهندا آهن تہ هنن ماڻهن جي اميرن، نوابن، وزيرن ۽ شاهي تخت ۽ طاقت جي ڀيٽ ۾ ڪابہ اهميت ڪانہ هوندي آهي. (17)

سنڌ جا مؤرخ اسان کي فقط هي مواد ڏئي سگهيا آهن، جنهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ تجارت جو حوالو هوندو آهي، جيڪو فقط لفاظيءَ سان ڀريل هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن وري رابطي جي وسيلن تي پڻ لکي ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ٿورو ٿڪو سنڌ جي وڻج واپار تي پڻ لکي ڇڏيو اٿن. خاص طور تي اهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي حڪمران طبقي جي مفادن کي متاثر ڪنديون آهن. نہ تہ هن نهايت اهم معاملي تي ماٺ اختيار ڪئي وئي آهي. تنهنڪري هنن بدران ٻين ذريعن تي اعتماد ڪيو ويو آهي.

هن خاص دؤر سان لاڳاپيل تحقيقي ڪم ۾ هندستاني تاريخن جو مواد ڪا خاص اهميت ڪونہ ٿو رکي. پر ان هوندي بہ سنڌ سان لاڳاپيل تذڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اعتماد لائق آهي ۽ سنڌ جي تجارت بابت وڌيڪ معلومات فراهم ڪري ٿو. هن قسم جي احوال ۾ اسان کي سنڌ جو فطرتي منظر ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو هندستان کان الڳ ۽ اڪيلو نہ، پر ان سان ڳنڍيل ۽ جَڙيل حيثيت ۾ نظر اچي ٿو ۽ ائين ڪونہ آهي، جهڙيءَ ريت سنڌ

جي تذڪرن پيش ڪيو آهي. هندستان جي اهڙن تذڪرن مان 'ابوالفضل جي تصنيف "آئينِ اڪبري" اهم حيثيت رکي ٿي.

هن تحقيق ۾ جنهن دؤر تي بحث ٿي رهيو آهي، تنهن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۽ سنڌ ۾ قائم ڪيل سندس واپاري ڪوٺيءَ جي ملازمن جي وچ ۾ ٿيل لکپڙهه نهايت اهم حيثيت رکي ٿي، جنهن جو واسطو 1635ع کان 1662ع ۽ 1758ع کان 1775ع تائين آهي. هن ذريعي وسيلي هڪ محقق جي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي سنڌ جي تجارت بابت يقين جوڳيءَ معلومات ملي وڃي ٿي. اهڙن دستاويزن مان نه رڳو سنڌ ۾ انگريزن جي تجارتي بازائيءَ جو سچو ڪرو پتو پئجي وڃي ٿو، پر هن ملڪ جي واپاري واپومنڊل جي گهڻ پاسائين حقيقي ڄاڻ پڻ ملي وڃي ٿي. انهن ڪاغذن ۾ اهي سڀ ڪارڻ بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌ جي وڻج واپار لاءِ اَڙ ۽ اٽڪ هئا. سنڌ ۾ ان وقت جي سياسي چرپر جي اثر، ان وقت جي حڪمرانن جي سنڌ جي تجارت ڏانهن لاپرواهي، واپاري آند نِيند ۾ اَڙ ۽ اَٽڪ جي ڪارڻن کي تفصيلي طور ڇِتو ۽ پڌرو ڪري بيهاريو ويو آهي. هنن حالتن مان هڪ محقق کي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ واري سنڌ جي تجارتي لاڙن جي پَليءَ پَٽ ڄاڻ ملي وڃي ٿي. ايسٽ انڊيا جي سنڌ ۾ قائم ڪيل واپاري ڪوٺيءَ جي ڪاغذن مان ٻن صدين جي مختصر ۽ محدود وقت جي تجارتي معلومات ملي ٿي ۽ مواد اهو ملي ٿو، جيڪو انهن ٻن مختصر مُدتن سان تعلق رکي ٿو، جيڪو انهن صدين سان لاڳاپيل سنڌ جو تجارتي لاڙو سڌي سگهجي ٿو. انهيءَ دؤر جا باقي رهيل تجارتي تفصيل سياحن، واپارين ۽ مُهم جوءَ ماڻهن جي سفرنامن مان حاصل ڪري سگهجن ٿا، جيڪي انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ آيا هئا.

اهڙا دستياب احوال نه رڳو سنڌ جي تجارت تي تفصيلي روشني وجهن ٿا، پر اهڙيون حقيقتون به بيان ڪن ٿا، جيڪي انگريزي واپاري ڪوٺيءَ جا دستاويز نه ٿا ٻڌائي سگهن. ان کان سواءِ اهڙن ماڻهن جو ذڪر احوال واپاري ڪوٺيءَ جي ملازمن جي ڪاغذن ۾ لکيل ڳالهين جي پٺڀرائيءَ به ڪري ٿو. اهو به معلوم ٿي وڃي ٿو ته انهيءَ زماني ۾ سنڌ اندر سياحن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون موجود هيون. اهڙيون ڳالهيون ڪو ٻيو ذريعو اسان

ڪي ڪونہ ٿو ٻڌائي سگھي. ڪي ڳالھيون ويساھہ جوڳيون ڪونہ آھن، پر ايئن ڪونہ ٿو چئي سگھجي تہ سڀ احوال اھڙو ھوندو. ھر مصنف پنھنجي نقطہِ نظر مطابق لکيو آھي ۽ پنھنجو فرض نڀاھيو آھي. اھڙيءَ ريت سڀني تصنيفن ۾ سنڌ جي تجارت ڪي مکيہ مقصد ڪونہ بڻايو ويو آھي.

ھڪ واپاريءَ جو مکيہ مقصد پنھنجو تجارتي مال سنڌ ۾ وڪڻڻ ھو. تنھنڪري ھن وڌيڪ زور ھن ڳالھہ تي ڏنو آھي تہ سنڌ ۾ ڪھڙين شين جو وڌيڪ کاپو آھي، جيڪي وڌيڪ درآمد ڪري سگھجن ٿيون ۽ برآمدي مال تي فقط اُچاتري نظر وجھي ويو. اھڙيءَ ريت برآمدي تجارتي مال جي واپاريءَ وري برآمديءَ واري تجارتي مال تي ويچاريو آھي. جيڪڏھن ڪو ماڻھو 'مئسن' جيان مُھم جُو آھي تہ ھو سنڌ جي طرزِ زندگيءَ ۾ سُکن ۽ ڏکن جو وڌيڪ ذڪر ڪري ٿو. اھا بہ فطري ڳالھہ ليکبي تہ اھڙو ماڻھو آمدرفت جي وسيلن ۽ انھيءَ ۾ دربيش مشڪلاتن جو بيان ڪندو، پر تجارت جي موضوع کي ايئن مثاچرو بيان ڪري ويندو.

پر 'مئنرڪ' جھڙو ڪٽر قسم جو پادري فقط اھو ذڪر ڪندو تہ، سنڌ ۾ عيسائي گرجا گھرن جي ڪھڙي حالت آھي. اھڙو ماڻھو سفري حالتن جو بہ ذڪر ڪندو. پر تجارت جو بيان فقط تڏھن ڪندو جڏھن ملڪي حالتن بابت جاچ پڙتال ڪندو. تنھنڪري ھر ھڪ ماڻھو پنھنجي پنھنجي نقطہِ نظر موجب احوال اوريو آھي. پر ڪنھن بہ سنڌ جي تجارت بابت جامع صورتحال پيش ڪونہ ڪئي آھي. سندن ڏنل اھڙا احوال بلڪل اڌورا ۽ اڻ پورا آھن. ڪٿي ڪٿي تہ اھڙو احوال ٽڪرن ٽڪرن جي صورت ۾ ڏنو ويو آھي، جو پڙھندڙ ٻاڙو رھجي وڃي ٿو. تنھنڪري ھن قسم جي معلومات تي پوري ريت ڀروسو ڪري ڪونہ ٿو سگھجي. اھڙيءَ طرح سياحن، واپارين ۽ مُھم جوئن جو ڏنل احوال ھن تحقيق واري دؤر تي مڪمل روشني ڪونہ ٿو وجھي. تنھنڪري ڪي اھڙا دؤر بہ آھن، جيڪي صفا خالي نظر ٿا اچن، جن تي ڪوبہ احوال يا دستاويز روشني ڪونہ ٿو وجھي.

انگريز سرڪار سنڌ جي دربار ڏانھن پنھنجا ڪي سفير موڪليا ھئا. جن جا سنڌ جي تجارت بابت بيان ڪيل تفصيل ڏايا ڪارائتا آھن ۽ انھن جو جامع نموني سان اڀياس ڪري سگھجي ٿو.



Gul Hayat Institute

انهن تفصيلن جي آڌار تي هڪ محقق کي انهن ڳالهين جي پوريءَ ڄاڻ ملي وڃي ٿي ته، جيڪي تجارت کي وڌيڪ متاثر ڪنديون آهن: پر ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اهڙا ڪاغذ اٺويهين صديءَ جي پهرئين اڌ جو تفصيلي احوال ڏين ٿا.

هن تحقيق لاءِ مکيه معلومات جي وسيلي جي تمام گهڻي کوٽ آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به محقق کي سنڌ جي تجارت جي ڪنهن به دؤر بابت ڪَري، سچي ۽ تفصيلي ڄاڻ ملي ڪانه ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪن دؤرن تي مواد ملي ٿو ته اهو بلڪل اڻپورو آهي. ڪي دؤر وري اهڙا به آهن، جن بابت ڪوبه احوال ملي ڪونه ٿو سگهي. ڪڏهن وري محقق لاءِ هي مسئلو پيدا ٿي پوندو آهي ته سنڌ جا ڪهڙي ڏيساوري ملڪ سان تجارتي تعلقات هئا ۽ اهڙن تعلقاتن ڳولڻ جا جتن ڪندو آهي ۽ اهڙو ڪوبه لاڳاپو ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا ويا آهن، جن مان 'ايڇ. ٽي. سورلي' ۽ 'مورلئنڊ' جا مقالا سرفهرست آهن. ان کان سواءِ ڪيترن گزيٽيئرن ۾ پڻ اهڙو احوال موجود آهي، جن وسيلي مٿي بيان ڪيل گهٽين اوڻائين کي دُور ڪرڻ ۾ مدد ملي وڃي ٿي. پوءِ به هوندي به 1526ع کان 1843ع تائين سنڌ جي تجارت جي موضوع تي بهترين نموني سان لکي پورو ڪري ڪونه ٿو سگهجي. جيڪڏهن هن معاملي ۾ صحيح تاريخي ۽ تنقيدي اندازا ۽ انومان ڪڍجن به سهي، پر پوءِ به هن تحقيق کي جامع سڏي ڪونه ٿو سگهجي. پر وڏين مشڪلاتن ۽ اوڻائين هوندي به هن قسم جي تحقيق نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته قديم زماني کان وٺي اهڙي ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي، جيڪا سنڌ جي طرزِ زندگيءَ جي اهميت تي پوري ريت روشني وجهي سگهي.

Gul Hayat Institute

باب پهريون

# ملڪ ۽ ان جا ماڻهو

ڪنهن ملڪ جي واپاري وايومنڊل کي سمجهڻ لاءِ ان ملڪ ۽ اتان جي ماڻهن جي معلومات هئڻ لازمي هوندي آهي. ان کان سواءِ اهو به ضروري هوندو آهي ته ان ملڪ جي زمين ڪان به واقف ٿجي، جيڪا انساني ضرورتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙو تجارتي مال پيدا ڪندي آهي. گڏوگڏ اُتان جي رهاڪن جي سَگهه ۽ سُرت جو به ڪاٿو ڪيو ويندو آهي، جيڪي ڪچي مال مان تجارتي مال تيار ڪري بازار ڏانهن اُماڻيندا آهن. سنڌ جي نالي مان محسوس ٿئي ٿو ته اهو نالو سنڌو ماٿريءَ جي هيٺئين پاسي جو آهي. سنڌو به ٻين وڏن درياهن جيان وَرُ وَڪڙ ڪندو وهندو نيٺ سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو آهي. 'ايڇ. ٽي. پوسٽنس' جو بيان آهي ته، هن درياهه جي پاڻيءَ ۾ مصر جي نيل درياهه جيان ٻنيءَ جو پَلُ پريل آهي. (18) سنڌ، سنڌو ماٿريءَ جي صفا ڇيڙي ۾ آهي. تنهنڪري سنڌوءَ هن ملڪ کي سدا سڪيو ستابو بڻائي ڇڏيو آهي.

هن مست درياهه جي پاڻيءَ ۾ لَٽَ وهي ايندو آهي ۽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڇانئجي ويندو آهي، جيڪو اترين علائقن جي جبلن جو ڳارُ آهي. اهو سنڌ جي لاڙ واري حصي جي ٻنين ۾ ڄمندو پڪڙبو آهي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ اندر لَٽَ جي موجودگيءَ ڪري سنڌ جي ٻنيءَ ۾ ڪوڪ کي طاقت واري خاصيت تمام گهڻي ٿيندي آهي. هن درياهه جي ٻي خوبي هيءَ آهي ته انهيءَ ۾ ورُ وَڪڙ تمام گهڻا ٿيندا آهن، تنهنڪري پاڻيءَ ۾ موجود اها قدرتي طاقت هنڌين ماڳين پکڙجي ويندي آهي.

سنڌو هن ملڪ جي ٻنين ۾ ايترو ته لَٽَ پکيڙيندو آهي جو ٻني ماڻهوءَ جي ٿُنهن سان ڪوٺي سگهبي آهي. (19) هي درياهه ٻنين ۾ لٽ اڇلي ڪين

نہ رڳو طاقتور ۽ نئون ڪونہ ٻڌائيندو آهي، پر هتان جي هر فصل لاءِ پاڻي جو ذريعو بہ آهي.

ايچ. ٽي. سورلي' لکيو آهي تہ، هتان جون ٻنيون درياهي لٽ سان پريل علائقو آهي، جنهن وچان هي درياهہ صدين کان وني وهندو ۽ پنهنجا پيٽ بدلائيندو رهيو آهي. (20) پنجاب ۾ هن درياهہ سان سندس ٻرتي ڪنڌڙ شاخون ملنديون آهن. پر سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ مهل اهو هڪ اڪيلي وهڪري جي شڪل ۾ هوندو آهي. اُتر سنڌ ۾ هن مان ڪيترا ڦاٽ نڪرندا آهن. "بکر" کان ٺورو هيٺ سندس اولهہ واري پاسي کان هڪ ڦاٽُ نڪرندو آهي، جيڪو سيوهڻ کان چار ميل ڏکڻ- اوپر ۾ اچي پنهنجي اصل وهڪري سان ملندو آهي. (21) وري جڏهن حيدرآباد وٽ پنهنجي ڇوڙ واري علائقي ۾ پهچندو آهي تہ اُتان بہ ڪيترائي ڦاٽُ ڇڏيندو آهي ۽ انهن وسيلي وچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. (22) اهڙيءَ ريت هي درياهہ سنڌ جي وسيع علائقي کي پاڻي ڏيندو ۽ زمينون آباد ڪندو آهي.

هن صوبي جي ساري زمين هڪ جهڙي ڪانہ آهي، پر هن جي لازمي ترڪيبي جزن ۾ لٽُ ۽ چيڪي مٽيءَ شامل هوندي آهي. لٽياسي زمين پوکي راهيءَ لاءِ ڀلي آهي. جڏهن تہ چيڪي مٽيءَ مان نڪر جا ٿانوَ جُڙندا آهن. لاڙ واري ٻنيءَ ۾ ابرقُ لٽُ گهٽ ٿئي ٿو. تنهنڪري اُتان جي ٻني نرم ۽ وارياسي هوندي آهي. اُتر پاسي واري ٻنيءَ ۾ اهڙي خاصيت ڪانہ هوندي آهي، جتي مٽي وڌيڪ پڪي ۽ چيڙهيالي ٿيندي آهي، (23) ۽ مٿاڇري تي گاهہ ڦٽل ڏسبو آهي. درياهہ جي پاسي واري ٻني ڏاڍي ڀلي آهي، جنهن ۾ مٽي ۽ واري گڏيل هوندي آهي. پر اهي ٻنيون جيڪي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي پهچ کان پراهيون هونديون آهن، سي هلڪيون ۽ وارياسيون ٿي پونديون آهن. (24) سنڌ اندر زمين جي مختلف قسمن هئڻ ڪري مختلف علائقن ۾ مختلف پوکون ٿينديون آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڇوڙ واري جوءِ يا صفا هيٺين علائقي ۾ پاڻي تمام گهڻو هوندو آهي ۽ زمين جي خاصيت بہ اهڙي آهي جو اتي ساريون گهڻيون ٿينديون آهن. هن جوءِ ۾ ساريون ايتريون تہ گهڻيون ٿينديون آهن، جو ڇوڙ واري علائقي وارن بندرن تان چانور ڏيساور موڪليا ويندا آهن. وچولي ۽ اتر سنڌ جي زمين اهڙي آهي

سواءِ سنڌ ۾ ڇيٽ ۽ چوڪڙيءَ جي طرز جو پڻ شاندار ڪپڙو اُجندو هو، جنهن جي فرانس ۾ هاڪ لڳي پئي هوندي هئي. هن ڪپڙي جي گهڻيءَ طلب ڪي ڍسي ململ جي هن ڪپڙي جو نقل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. هن قسم جي پيداوار کان سواءِ سنڌ ۾ کنڊ بہ ٺاهي ويندي هئي. چوڙ واري علائقي ۾ بيڙين ٺاهڻ جي صنعت موجود هئي. هن صنعت سان لاڳاپيل ڪاٺ سنڌ ۾ ڪونہ ٿيندو آهي. تنهن هوندي بہ چوڙ وارو هي علائقو هن قسم جي صنعت لاءِ ڏاڍو مناسب هو. مغل دؤر ۾ بيڙين جي صنعت سان لاڳاپيل فقط ٽي ماڳ هئا، جن ۾ هڪ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ قائم هو. (27) سنڌ جي جنڊيءَ جي صنعت بہ تمام گهڻي مشهور ۽ معروف هئي. هن صنعت سان لاڳاپيل ڪجهہ سامان وچولي علائقي مان ملي ويندو هو. تنهنڪري هالا شهر هن صنعت جو مشهور مرڪز بڻجي پيو هو، جيڪو چين ۽ جپان موڪليو ويندو هو. ساري هندستان جي نوابن ۽ اميرن جي گهرن ۾ استعمال ٿيندو هو. (28)

مٿي ڏنل بيان مان چٽيءَ ريت معلوم ٿي وڃي ٿو تہ، قدرت سنڌ کي تمام گهڻين نعمتن سان نوازيو آهي. هتي مختلف قسمن جي اناج سان گڏ ٻيون بہ ڪي شيون پيدا ٿينديون هيون، جن جي ڪري هتي قديم دؤر کان وٺي تيار مال جي صنعت وجود ۾ اچي وئي هئي. هن قسم جي پيداوار جي گهڻائي ڪري وڻج واپار جو اهم مرڪز بڻجي پئي هئي. هن قسم جي ڪچي تجارتي مال جي بدلي ٻين ملڪن کان تيار تجارتي مال جي ڏي وٺ هلندي هئي.

مٿي بيان ڪيل شين کان سواءِ ڪي ٻيون بہ اهڙيون واپاري وٿون هيون، جن سنڌ جي تجارتي آمدرفت کي گهڻو اُتساهيو ۽ اُڀاريو هو. ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ، ملڪ جي عام ۽ سياسي حالت بهتر رهي آهي. هي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي ملڪ جي تجارت کي وڏي طاقت بخشينديون آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ کي ڏينهون ڏينهن اُسرندڙ تجارت واري اهم حيثيت حاصل آهي. هي ملڪ قدرتي تجارت جي عظيم شاهراهہ تي واقع آهي. هن جي هڪ پاسي اولهہ کان ڪابل ۽ قنڌار آهي تہ ٻئي پاسي اوڀر کان هندستان جا وسيع علائقا آهن. ڪيترين صدين

ڪان سنڌ اترين ملڪن جي تجارتي مال جي بازار رهي آهي. ان ڪري ڪيس خراساني تجارت جو ڦاٽڪ سڏيو ويندو هو. ان ڪان سواءِ سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ اتر هندستان جي تيار مال جي پڻ مارڪيٽ رهي آهي. جيئن ته سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو اولهه وارن ملڪن جي وڌيڪ ويجهو آهي، تنهنڪري هيءَ ڌرتي قديم دؤر کان وٺي تجارتي سرگرمين جو مرڪز رهي آهي. هن ملڪ کي هي به امتيازي حيثيت آهي جو اُن کي ساموندي تجارت جو مرڪز پڻ سمجهيو ويندو آهي. سنڌوءَ جهڙو وڏو درياهه اُن جي وچ تان وهندو آهي، جنهن هنان جي وڻج واپار جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي؛ ريل، موٽر ۽ هوائي جهازن وسيلي آمدرفت جديد دؤر جي ايجاد آهي. قديم زماني ۾ اهڙي آمدرفت فقط پاڻي ۽ خشڪي وسيلي هلندي هئي. خشڪيءَ کان وڌيڪ پاڻيءَ واري سفر کي اوليت ۽ اهميت ڏني ويندي هئي. ڇاڪاڻ ته تجارتي مال جي آند ۽ نيند لاءِ اجهوڪا وسيلا هوندا هئا.

سنڌ جي فاتح 'سر چارلس نيپيئر' لکيو آهي ته، "يورپ جو تيار تجارتي مال هنن درياهن وسيلي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ساڳين درياهن وسيلي هندستان جو تيار تجارتي مال ٻاهر پڻ موڪلي سگهجي ٿو." هي ماڻهو پنهنجي نقطهءِ نظر ۾ بلڪل صحيح آهي. سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ نهايت اهم آهي، جنهن جو ساموندي علائقو نهايت سڪيو ستابو ۽ ريان ڪيان آهي. تنهنڪري وڻج واپار لاءِ ڏاڍو ڪمائتو ثابت ٿيو آهي، جيڪو قدرتي رستن وسيلي ساري دنيا سان ڳنڍيل آهي.

قدرت، جيتوڻيڪ، سنڌ کي اهڙيءَ بهترين بيهڪ سان نوازيو آهي. جو ان جي تجارت ڏينهون ڏينهن اُسرندي ۽ ترقي ڪندي رهي. پر قدرت جي اهڙن بي مثال ارادن کي ڪڌن ماڻهن جي بدنيتي شڪست ڏئي ڇڏيندي آهي. هڪ واپاري فقط ان ملڪ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي. جتي سندس تجارتي مال جلديءَ ۾ وڪامي وڃي. واپارين کي هن ڪان به ڪي اهم ڳالهيون ڌيان ۾ هونديون آهن. جيتوڻيڪ تجارتي مال جو سولائيءَ سان واعدو به ڪا عام ۽ ننڍڙي ڳالهه ڪانه آهي. هن طبقي جي



Gul Hayat Institute

اهم خواهش اِها هوندي آهي تہ سندن تجارتي مال سولائيءَ سان کَپي وڃي ۽ ان وسيلي ڪمايل دولت کي پنهنجي تصرف ۾ آڻي سگهي. هنن مائهن کي دولت ڦرجڻ ۽ پنهنجي جان جي جوکي جو ڊپ هوندو آهي. تنهنڪري واپاري پنهنجو مال ڪٺي انهن ملڪن ڏانهن وڃڻ پسند ڪندا آهن، جتي امن امان هوندو آهي ۽ مال ڦرجڻ جو اُڌڪو ڪونہ هوندو آهي.

معلوم ٿيندو تہ سنڌ ۾ وڻج واپار انهيءَ زماني ۾ وڏيڪ اُسريو آهي، جڏهن هتي امن امان رهيو آهي. 'ڊاڪٽر ونسينٽ' لکيو آهي تہ: جڏهن هن ملڪ ۾ تجارت لاءِ امن امان رهيو آهي تہ سنڌوءَ وسيلي اهڙي آمدرفت تمام گهٽي وڌي آهي. (29) ٻين مصنفن بہ اهڙيون شاهديون ڏنيون آهن، جن مان 'ڊاڪٽر ونسينٽ' (30 ۽ 31) جي بيان جي پٺڀرائي ٿي وڃي. ساڳئي نقطہءِ نظر کان انهن علائقن ۾ امن امان نهايت ضروري هو جن مان تجارتي مال گذري سنڌ جي چوڙ واري علائقي ۾ پهچندو هو. سنڌ جي وڻج واپار ۾ اهڙيءَ ڳالهہ نهايت اهم هوندي هئي ۽ هن ناتي اندرين علائقن ۾ امن امان رکڻ بہ ضروري هو.

واپاري سڀ کان وڌيڪ هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيندو آهي تہ سندس تجارتي مال جو وار بہ ونگو نہ ٿئي، نہ وري سندس جيءَ کي جوکو رسي. تنهنڪري هو انهن ملڪن ڏانهن ڪڏهن بہ ڪونہ ويندو آهي، جتي ڪيس تجارتي مال ڦرجي وڃڻ جو هُٽ ڪُٽو هوندو آهي. جيڪڏهن پراڻن رستن سان امن امان نہ رهندو آهي تہ امن وارا نوان رستا اختيار ڪيا ويندا آهن. سنڌ جي تجارتي تاريخ ۾ مٿي بيان ڪيل ڳالهيون موجود آهن. جيئن طوراني شهنشاهت جي زوال کان پوءِ محسوس ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن ڪاڇي واري بيل پٽ جا ڌاڙيل بولان لڪ کان گذري سنڌوءَ ڏانهن ايندڙ تجارتي قافلن کي بيدرديءَ سان لُٽيندا ڦريندا هئا. اهڙي آزار کان پوءِ انهن تجارتي قافلن اڳيون دڳ ڇڏي قلات ۽ بيلي واري ويران علائقي وارو رستو اختيار ڪيو هو. هن رستي سان سفر ڪري گهڻو خرچ ۽ وقت لڳي ويندو هو. اهڙيءَ ريت هن ملڪ جي تجارتي اوسر ۽ ترقيءَ تي امن امان جو اڻچرج جهڙو اثر محسوس ڪيو ويو آهي.

وچولي ۽ چوڙ واري علائقي جي بازارين جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو هو. انهن مارڪيٽن وسيلي ٻاهرين ملڪن کان ايندڙ واپارين کي اهو تجارتي سامان ملي ويندو هو، جنهن جي سنڌن ملڪن ۾ کپت هوندي هئي. انهيءَ ڪري سنڌ جو تيار تجارتي مال وڏي نفعي تي اک ڇنب ۾ کپي ويندو هو. ان سان گڏ کين ٻاهران آيل مال تي پڻ گهڻو منافعو ملي ويندو هو. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ ٻاهرين ملڪن جي واپارين جي اٿيئي ويهه لڳي پئي هوندي هئي. اهڙيءَ ريت سنڌ کي قديم دؤر کان وٺي مختلف تي تجارتي مارڪيٽ هئا. جن مان هڪ اُتر سنڌ ۾ ٻيو وچولي ۾ ۽ ٽيون چوڙ واري علائقي ۾ هوندو هو. اُتر سنڌ جي تجارتي مارڪيٽن ۾ هي شهر تجارتي مرڪز هئا. جهڙوڪ: اروڙ، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو. وچولي سنڌ جو مارڪيٽ سيوهڻ جي اوسي پاسي هوندو هو. جڏهن تہ لاڙ يا ڏکڻ سنڌ جي تجارتي مارڪيٽ ۾ سنڌوءَ جي چوڙ وارا بندر شامل هئا، جن سان گڏ ٺٽي، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ کي پڻ شامل ڪري سگهجي ٿو.

جيڪڏهن سنڌ جي مواصلاتي ذريعن تي ويچاربو تہ پهريائين اسان جو ڌيان هڪدم سنڌوءَ ڏانهن هليو وڃي ٿو. پاڻيءَ جو هي وهڪرو پراچين سمي کان وٺي هتان جو مواصلاتي وسيلو رهيو آهي. 'هينري پاٽنجر' لکي ٿو تہ: سنڌو هڪ شاندار درياهہ آهي. هن وقت تائين پاڻيءَ جي مقدار ۽ ويڪر بابت جيڪي بہ ڳالهيون هن درياهہ سان منسوب ڪيون ويون آهن، سي سڀ غلط ۽ اٽپوريون آهن. (32)

'ڊاڪٽر جيمس برنس' لکي ٿو تہ، "قدرت سنڌ کي وڏي نعمت سان نوازيو آهي. جيڪا سنڌو آهي. قدرت جي هيءَ نوازش ٻارهوئي وهندي رهندي آهي. هي تجارت جو وڏو ذريعو آهي، جنهن کي ڪابہ ظالم قوت بگاڙي ختم ڪري ڪانہ ٿي سگهي." (33)

سنڌ جي فتح جون خبرون جڏهن يورپ پهتيون هيون تہ فرانس جي هڪ سياسي مدبر لکيو تہ: سنڌو هاڻي انگريزن جي ملڪيت ٿي ويو آهي. ڪير بہ انسان جي مقدر کي اڳواٽ ڏسي ڪونہ سگهندو آهي. (34)

ٽين ق.م دوران سنڌوءَ جي ڪنار سان موهن جي دڙي وارو شهر آباد هو، جيڪو وڻج واپار جي هڪ وڏي منڊي هو. تجارت جي وڏي مرڪز

وسيلي سنڌ ان وقت جي مهذب دنيا ڏانهن پنهنجو قيمتي تيار مال موڪليندي هئي. ان کان پوءِ ڇهين صديءَ ۾ ايران جي شهنشاهه دارا سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجي شهنشاهت سان ملائي ڇڏيو هو، ڇو ته انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ وسيلي هلندڙ وڻج واپار جو ايشيا جي بازارتي قبضو هو.

هن شهنشاهه اهو مقصد ميڊيٽيرينن سمنڊ جي هڪ مشهور بيڙائت 'اسڪائي لئڪس' وسيلي حاصل ڪيو هو، جنهن سندس خاص گذارش تي سنڌوءَ جي وهڪري جي جاچ پڙتال ڪئي هئي. ان کان پوءِ هو سنڌوءَ جي ڇوڙ کان ٿيندو ايشيا جو ڏاکڻيون ڪنارو ڏئي نهر سوئيز واري پڇڇي سمنڊ تائين پهتو هو ۽ هن ملڪ جي تجارتي اهميت جي تصديق ڪئي هئي. (35) اسان جي ملڪ هندستان جو يورپي نالو 'انڊيا' آهي، جيڪو سنڌوءَ جي يورپي نالي 'انڊس' تان پيو آهي، جنهن جو ڪنهن يوناني لفظ سان ڪو تعلق ڪونه آهي ۽ ايراني لفظ تان ورتل آهي. (36)

سڪندرِاعظم به سنڌوءَ وسيلي هلندڙ تجارت تي موهجي پيو هو. 'ڊاڪٽر ونسينٽ' پنهنجي ڪتاب ۾ 'نيرڪس' جي هاڪارڻ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته، "سنڌوءَ وسيلي سڪندر سان گڏ هاڪارڻ مان گهڻن کي هن ملڪ جي وسيع تجارت جي ڄاڻ نه هئي. سڪندر جي تجسس واري مزاج پنهنجي ارادن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ هنن کان ڪيترائي سوال پڇيا هئا. ڇاڪاڻ ته هو ڪيتري عرصي کان وٽس اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ بي چين هو. (37)

ساڳيو مصنف اڳتي هلي لکي ٿو ته، قديم دؤر کان وٺي جڏهن هن ملڪ ۾ صلح سانت ۽ امن امان هوندو هو ته سنڌوءَ وسيلي هن ملڪ جي تجارت تمام گهڻي ترقي ڪندي هئي. (38) 'پيريپلس'. عرب جاگرافيدانن، اٺين عيسوي صديءَ جي عرب فتح جي تذڪرن، 'البيروني'، 'ابن بطوطا' جي ڏنل بيانن (39)، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي واپاري ڪوٺيءَ جي نمائندن جي رپورٽن (جيڪي سترهين ۽ ارڙهين عيسوي صديءَ دوران هتي رهندا هئا.) انگريز سياحن (40) انگريز سرڪار جي سياسي ڪاتي جي ڪامورن ۽ سنڌ جي انگريز فاتحن جي بيانن پڻ

'ونسينٽ' جي ڏنل احوالن جي تصديق ڪئي آهي تہ سنڌو قديم دؤر کان وٺي ايشيائي واپار جو مکيہ وسيلو رهيو آهي.

سنڌو هڪ وڏو ۽ نهايت خوبصورت درياھ آهي، جنهن جون ڪنڌيون ٻيڙين سان والاريون پيون هونديون آهن. هڪ ڪنڌيءَ کان ٻي ڪنڌيءَ تائين وهڪري جي ويڪر هڪ ميل ٿيندي. وهڪرو وڏي شان ۽ وقار سان وهندو آهي. (41) سندس وهڪرو سنڌ جي وچ تان گذري ٿو. (42) ۽ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. (43) سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ وارا سندس ڦاٽ ڪوري کان ڪراچيءَ تائين 124 ميلن ۾ پکڙيل آهن. وچ وارو هي سارو علائقو ڇوڙن ۽ ڪارين سان ڇِچريو پيو آهي. (44) هنن مان ڪي ڪاريون ڪڏهن سنڌوءَ جا وڏا ڦاٽ هئا. جن وسيلي سنڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. چؤماسي جي (مينهوڳي واري) رُت ۾ سمنڊ هيٺانهن ڪنارن ڪي ڪائي ڇڏيندو آهي. (45) ڪڏهن اهي ڪاريون ٻيڙين هاڪارڻ جو ڪم ڏينديون آهن. (46) جڏهن سمنڊ کان سنڌوءَ ۾ داخل ٿبو آهي تہ انهن منجهان نهايت سولائيءَ سان سفر ڪري سگهبو آهي. هنن جي پيٽ ۾ سنڌوءَ جي مکيہ ڦاٽ واري وهڪري مان هاڪارڻ ڏکيو هوندو آهي. سنڌوءَ جي هنن ڇاڙهن ۾ وهڪرو مانارو ٿيندو آهي. (47) انهن ڪارين جو سمنڊ وارو پاسو وڌيڪ اونهو بہ هوندو آهي. تنهنڪري ٻيڙائت پنهنجون ٻيڙيون هنن جي پيٽ مان هاڪارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن، جيڪي ڇوڙ واري علائقي مان مٿي هاڪاري سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ۾ داخل ٿيندا آهن. (48) اهڙيون ڪاريون هاڪارڻ وارو اهو ساڳيو مقصد پورو ڪنديون آهن، جيڪو گنگا جو ڦاٽ "هگلي" سرانجام ڏيندو آهي. (49)

سنڌوءَ جو سنڌ منجهان وهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين وارو سفر نرالو هوندو آهي. ان جي خاص خوبي اِها آهي تہ سندس سير ۾ سڙڪا ۽ ڪڙڪا ۽ ڪُن ۾ ڪولاهل هوندا آهن. 'برنس' هڪ هنڌ لکي ٿو تہ، "پاڻيءَ جي ڪُن اينرو تہ سگهارو سنڪو ڏنو جو اسان جا ٻيڙا ان جي ڇوڏاري ڦرڻ لڳا. ڇاڪاڻ تہ ان ماڳ وٽ پاڻيءَ جي وهڪ ڏاڍي تکي هئي." (50) جڏهن سنڌوءَ ۾ ڇاڙھ ۽ مستي هوندي آهي تہ، (51) هن جي رفتار16-1-7 جاگرافيائي ميل هوندي آهي. هن تيز رفتاريءَ جو ڪارڻ اِهو

آهي تہ سنڌ منجهان جنهن جڳهہ تان وهندو آهي سا اُتر جي پيٽ ۾ گهڻو هيٺ آهي. (52) اهو ئي سبب آهي جو سنڌوءَ جي وهڪري ۾ وڙ وڪڙ تمام گهڻا آهن ۽ سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ هن جو وهڪرو ڏاڍو تيز هوندو آهي. اهڙي تيز ۽ تک ڀيڙين هاڪارڻ لاءِ اَڙ ۽ اَٽڪ ثابت ڪانہ ٿيندي آهي. (53) هن جي ڪنارَ سان پاڻيءَ جي وهڪَ مٿي هوندي آهي. تنهنڪري سنڌي ٻيڙي سٽائي واءَ تي اوپارو بہ تيز رفتاريءَ سان هاڪاري سگهندي آهي.

سنڌوءَ جي هي طاقتور رفتار ٻيڙين هاڪارڻ ۾ هڪ قسم جو ناڪاري اثر وجهندي آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي پاڻيءَ ۽ زمين جون ڪي جاگرافيائي خاصيتون آهن. درياهہ سنڌ جنهن علائقي مان وهي سمنڊ ڏانهن ويندو آهي سو لٽياسو آهي ۽ جنهن ڪي هي سگهارو وهڪرو سولائيءَ سان ڪائي ۽ پائي سگهندو آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو ٿوري وقت اندر ٻيڙيون ڏئي پڪون ڪائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ مؤج ۽ مستيءَ ۾ هن مان ڪيترا واهڙ ڦٽي نڪرندا آهن ۽ هي پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجو رخ اختيار ڪندو آهي. هن جو وهڪرو سدائين هڪ ڪونہ رهندو آهي. هن جي پاڻيءَ جي لَٽ هميشہ اولهندي پاسي رهي آهي. ان ڪري سنڌس ڇوڙ واري علائقي ۾ پڻ نيون ڦيريون گهيريون اينديون رهيون آهن ۽ گڏريل ڪيترين صدين کان پنهنجي نت نئين رخ اختيار ڪرڻ واري خاصيت ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. (54)

'ڊاڪٽر هيڊل' 1936ع کان 1938ع تائين سنڌوءَ جي سروي ڪئي هئي. هن پڻ محسوس ڪيو هو تہ هن وهڪري کي نت نئين رخ اختيار ڪرڻ جي عجيب خاصيت آهي. هو لکي ٿو تہ، سنڌس وهڻ واري ايراضي جي مٽي نرم ۽ ڀربري آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ نہ آهي. سنڌوءَ جي رخ بدلائڻ جو مکيہ ڪارڻ بہ اهو آهي. سنڌس رخ جي ڦيرگهير فقط اهڙي نرم مٽيءَ واري علائقي ۾ ڏٺي وئي آهي، جنهن جو مثال گهوڙا ۽ بگهياڙ بہ ڦاٽ آهن. هڪ موسم دوران هن ڦاٽن جو چڱيءَ ريت مشاهدو ڪيو ويو ۽ معلوم ٿيو تہ پاڻي پراڻي پيٽ کي ڪائي، گونيءَ ڪند تي پنهنجو نئون رخ اختيار ڪري رهيو هو. (55) اهو هرگز سمجهڻ نہ کپي تہ وهڪري جي تبديلين ڪري جهازرانيءَ تي اثر پوندو. (56)



Gul Hayat Institute

پر اهڙي موسم دوران سنڌوءَ وسيلي هن طريقي کان سواءِ هاڪارڻ جو ٻيو سنو نمونو ڪونه آهي. هن طريقي ۾ رفتار ڪانه هوندي آهي، پر جوکو به ڪونه هوندو آهي. ٻيڙي ڪاهڻ جي رفتار ڏهن کان تيرهن ميل في ڏينهن هوندي آهي. ڪڏهن نه ڇڪ دوران وَرتَ به ڇِڇي پوندو آهي. (69) اهو فقط ٻيڙي جي رخ موڙڻ وقت ٿيندو آهي ۽ ان هنڌ ٿيندو آهي جتان وهڪري جو پاڻي نهايت تيز رفتاريءَ سان گذرندو آهي. اهڙي ڏکي حالت ۾ ڏينهن ۾ هڪ يا ٻه ميل مَسُ هاڪاري سگهبو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن ٻيڙي تيز وهڪري ۾ اڙجي پوندي آهي ته ان مان جند ڇڏائڻ ايڏو سولو ڪم ڪونه هوندو آهي. (70) هن کان سواءِ جيڪڏهن ٻيڙيءَ ڪُنَ جي تيز وهڪري ۾ ڦاسي پوندي آهي ته اهو وهڪرو ٻيڙيءَ کي ايڪپري ڪناري ڏانهن ڌِڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن جول سينور ٿُتي پوندو آهي ته پوءِ ٻيڙيءَ کي نقصان پهچڻ اٽڻ تي پوندو آهي. (71) ان کان سواءِ چوڙ واري علائقي ۾ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ ويهي ويل لَٽُ کي به جهاز رانيءَ دوران محسوس ڪري سگهبو آهي، جيڪو وهڪري جي تري ۾ واريءَ جي دڙن جي شڪل ۾ موجود هوندو آهي. اهڙين پِٽُن جي موجودگيءَ ڪري درياهه جو سمنڊ وارو چوڙ بند ٿي پوندو آهي. ايئن ٿيڻ سان هڪڙا بندر ويران ٿي ويندا آهن ۽ نوان جڙي پوندا آهن. حقيقت هيءَ آهي ته سمنڊ سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪيندو آهي ته وهڪري اندر موجود لَٽُ ڦاٽ جي چوڙ وٽ ويهندو ويندو آهي ۽ هڪ پِٽُ جي صورت ۾ وهڪري لاءِ اٽڪُ بڻجي پوندو آهي.

هن باري ۾ 'ڪيپٽن ڊبليو پاٽنجر' پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته، ”جڏهن سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو وڏو مقدار سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي ته اُن ۾ موجود لَٽُ ڦاٽ جي چوڙ وٽ گڏ ٿيندو رهندو آهي، جيڪو هڪ وڏيءَ پِٽُ جي شڪل ۾ ظاهر ٿي پوندو آهي.“ هن کان سواءِ ٻيون پڻ اهڙن ماڻهن جون بيان ڪيل شاهديون آهن، جيڪي ٻيڙين وسيلي سمنڊ کان سنڌوءَ ۾ داخل ٿيا هئا ۽ سنڌوءَ وسيلي هاڪاري سنڌ آيا هئا. جن جو تاريخ جي مختلف دوَرن سان تعلق آهي. سندن بيان هن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪن ٿا ته سنڌوءَ جي چوڙ وٽ واريءَ جا خطرناڪ دڙا موجود آهن، جنهن ڪري وڏا ٻيڙا سنڌوءَ جي وهڪري ۾ داخل ٿي ڪونه سگهندا هئا.

’ڊاڪٽر پٿاوالا‘ هاڻي تازو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ کوجنا ڪئي آهي ۽ مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي پنيرائي ڪئي آهي. سندس بيان آهي ته، ”سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان بندرن جا نشان آهن، جيڪي واريءَ جي دڙن ڪري ناس ٿي ويا هئا.“ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ موجود لَٽَ ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾نتي ڍِڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ وَهندو واريءَ جي دڙي جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. چؤماسي واري مينهوڳيءَ دوران سنڌوءَ جو پاڻي وڌيڪ لڙياتو ۽ خطرناڪ ٿي پوندو آهي.

سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ سان ڪيترا بندر وهڪري جي پيٽ ۾ لٽُ ويهي وڃڻ ڪري تباهه ٿي ويا آهن. اهڙن بندرن جا گهڻا نالا آهن، جيڪي پنهنجي دؤر جا مشهور بندر هئا. پر سندن ماڳ اڄ سڃاڻڻ ڪان پري آهن. ڪنهن زماني ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ ”بار بريڪم“ نالي هڪ مشهور بندر هوندو هو، جنهن جو ’پيريپلس‘ ۾ ذڪر موجود آهي. ان کان پوءِ سنڌ جو ”ديوَل“ يا ”ديبل“ بندر هو، جيڪو عربن ۽ يورپي ماڻهن وٽ تمام گهڻو مشهور هو. ان جي ٿِي وڃڻ کان پوءِ ”لاڙي“ يا ”لاهري“ بندر هو. بعد ۾ ”اورنگا“، ”ڌاراجا“، ”شاهه“، ”وڪر“ ۽ ”موگهر بير“ نالي وارا بندر موجود ڏسجن ٿا. ان کان سواءِ بيا به ڪيترا ننڍا وڏا بندر آهن، جيڪي غير اهم معلوم ٿين ٿا. سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ لَٽَ پوڻ ۽ بندر جي پورجي وڃڻ ڪري سنڌ جي تجارت کي ٿورو گهڻو ڌڪ لُڳو هو. ’تيونات‘ ۽ ’ٽئَورنيئر‘ سورهين صديءَ دوران هتي آيا هئا، جن جي زماني ۾ سنڌوءَ جو پيٽ لَٽَ سان پورجي ويو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو ”آگري“ ۽ اترين ملڪن کان ايندڙ تجارتي سامان ”ٻکر“ پهچي خشڪيءَ رستي سورت بندر ويندو هو. (72) جڏهن اهو معلوم ٿيو ته سنڌوءَ جي ڪنار سان ڪنهن بندر هجڻ جو امڪان ڪونه آهي ته ارڙهين صديءَ ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ جو بندر بڻايو ويو.

مٿي بيان ڪيل حال احوال مان چڱيءَ ريت ڄاڻ ملي ٿي ته سنڌوءَ جون خوبيون ۽ خاصيتون کهڙيون آهن، جنهن تجارتي سامان جي آمدرفت لاءِ ڏچا پيدا ڪري ڇڏيا هئا. ان ڪري واپارين مجبور ٿي ان بدران ٻيو رستو اخيار ڪيو هو. انهيءَ تجارتي رستي ۾ تمام گهڻا خوف ۽ خطرا

موجود هوندا هئا. وڏا واپاري ان ڪري سنڌوءَ کي پنهنجي آمدرفت لاءِ ڪَتب ڪونہ آڻيندا هئا. جيڪو هن قسم جي آمدرفت لاءِ هڪ اهم فطري وسيلو هو. پر هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڏرڻ پڻ لازمي آهي تہ فطرت اهڙو ڪو مڪمل تجارتي رستو اجا تائين پيدا ڪونہ ڪيو آهي. جهاز رانيءَ لاءِ هڪ نہ تہ ٻيو ڏچو ضرور موجود هوندو آهي، تنهن ڪري هن قسم جي آمدرفت ۾ وقت کي ڏسي ڪيترين ڦيرين گهيرين آنديون وينديون آهن.

سنڌو ڪو تيز رفتار درياهہ ڪونہ آهي، جنهن وسيلي تجارتي آمدرفت نہ ٿي سگهي. جڏهن درياهہ ۾ چاڙهہ هوندو آهي ۽ سندس وهڪري ۾ تيز رفتاري اچي ويندي آهي تہ هن جي ڪنڌيءَ وارو پاڻي مانارو هوندو آهي، جنهن وسيلي ٻيڙيون ڏاڍيءَ سولائيءَ سان اوپارو يا لهوارو هاڪاري سگهجن ٿيون. خشڪ موسم دوران جڏهن سنڌو تانگهو ٿي ويندو آهي ۽ لَٽ جا ننڍا وڏا دڙا سندس پيٽ ۾ ظاهر ٿي بيهندا آهن تہ پوءِ ٻيڙائت ٻيڙيءَ کي وَرتُ سان ڪاهيندا آهن. اهڙيءَ موسم ۾ سنڌوءَ وسيلي ٻيڙي هاڪارڻ جو اهو طريقو صدين کان چالو آهي. ان کان سواءِ سنڌوءَ ۾ اهڙيون حالتون سارو سال ڪونہ رهنديون آهن. پر ٿورَ- وقتيون هونديون آهن. تنهنڪري ٻيڙائتُ اهڙيءَ موسم دوران سولائيءَ سان هاڪاري سگهندو آهي. سنڌو تجارت جو وهڪرو آهي، جيڪو هتان جا رهواسي قديم دؤر کان وني ڪتب آڻيندا رهيا آهن. اهو موهن جي دڙي واري دؤر 3000 ق.م کان وني اڄ تائين چالو آهي.

'اسڪائي لئڪس'، 'سڪندرِ'، عرب جاگرافيدانن، يورپي واپارين، ميرن جي دربار ڏانهن موڪليل انگريز سفيرن ۽ پوليٽيڪل ايجنٽن جي متفق راءِ آهي تہ، سمنڊ کان وني اُترين ملڪن تائين ڪيترين ڏکيائين هوندي بہ سنڌوءَ وسيلي آمدرفت هلندي هئي. سنڌي ٻيڙائتن پنهنجي سوچ ۽ سُرت وسيلي اهڙيون ٻيڙيون جوڙيون هيون، جيڪي تيز وهڪري سان گڏوگڏ سٽائي واءَ ۾ ڏاڍي سولائيءَ سان اوپارو ۽ لهوارو هاڪاري سگهندو هو. 'پوسٽنس' ۽ ٻين ماڻهن سنڌوءَ وسيلي ٿيندڙ آمدرفت ۾ ڪيترن جُڙتو ڏچن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي هن وهڪري جي سفر ۾ موجود ٿي ڪونہ هئا. انگريز عملدارن جي مقرر ڪيل تنديلن جي رڪارڊ وسيلي هيءَ

ڄاڻ ملي ٿي تہ سنڌوءَ وسيلي بيڙين هاڪارڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي وڏي مشڪلات موجود ڪانہ آهي.

’ليفٽيننٽ ڊلهائوسي‘ لکيو آهي تہ، ”سنڌوءَ وسيلي هاڪارڻ ۾ موجود مشڪلاتن کي هروڀرو وڌائي اينگهائي بيان ڪيو ويو آهي.“ (73) هن ماڻهوءَ کي 1832ع ۾ سنڌ اينڊڙ وفد ۾ هڪ جاگرافيدان طور شامل ڪيو ويو هو. ساڳئي مصنف انهن تنديلن کان پڇا ڳاڇا ڪري معلومات حاصل ڪئي هئي، جنهن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ، سنڌوءَ وسيلي هاڪارڻ ۾ حادثا گهٽ ٿيندا هئا، جيڪي شديد نوعيت جا ڪونہ هوندا هئا. ڪي حادثا دوڦانن ڪري ٿيندا هئا ۽ سنڌي بيڙائت اهڙين آنڌارين ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري سخت قسم جا حادثا ٿي پوندا هئا ۽ حياتيون ضايع ٿي ويندڙيون هيون. جيڪڏهن صدين کان وٺي تجارتي وهڪري ناتي سنڌوءَ جو اڀياس ڪرڻو آهي تہ پوءِ اسان کي سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ وارين بيڙين جي شڪل صورت، گهلنڌڙ هوائن ۽ سنڌوءَ جي چوڙ وٽ پهچڻ وارن وڏن بيڙن جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪرڻو پوندو.

سنڌوءَ وسيلي ٿيندڙ آمدرفت ۾ ڪم اينڌڙ عام بيڙي ”ڊونڊي“ آهي. هن قسم جي بيڙيءَ جي بناوت مال لڏڻ واري حيثيت سان تعلق رکي ٿي. هن نوعيت واري وڏي بيڙي بہ سؤ ٽن بار کڻي سگهندي آهي. جڏهن تہ هن قسم جي صفا ننڍي ۾ ننڍي بيڙي فقط ڏهہ ٽن وزن کڻي سگهندي آهي. اهڙيون وڏي ۾ وڏيون بيڙيون اسي فوٽ ڊگهيون ۽ ارڙهن فوٽ ويڪريون ٿينديون آهن. (74) ميرن جون شاهي بيڙيون تہ هنن کان وڌيڪ ڊگهيون هونديون هيون. ان سان گڏ ڏاڍيون آرامده بہ هيون. سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واريون بيڙيون چين ملڪ جي ”جنڪ“ بيڙين جهڙيون آهن. (75) جن جي پاڇل، آڳيل کان وڌيڪ اُتاهين ٿيندي آهي ۽ ڪٽنو اڳئين ۽ پوئين پاسي تي هيٺ جهڪيل هوندو آهي. (76) هن بيڙيءَ جو اڳُ ۽ پنيون پاسو لاهوندو ٿئي ٿو. اڳيون پاسو پاڻيءَ سان 20 درجن جي ڪنڊ ۽ پويون پاسو 40 درجن واري ڪَنڊ ناهيندو آهي. (77) ان کان سواءِ ڊونڊي اولهہ جي ”پَنت“ بيڙيءَ سان پڻ هڪجهڙائي رکي ٿي. هن قسم جي بيڙي ٻوڙن سان ڍڪيل پاڻيءَ ۾ هلائي ويندي آهي، جيڪا ڏاڍي آرامده ٿيندي آهي. (78)

سنڌ ۾ جيئن تہ ساڳ وڻ ڪونہ ٿيندو آهي. مهانگي هئڻ ڪري بيڙائت ڏاڍو مهانگو خريد ڪندا آهن. تنهنڪري سنڌ ۾ هاڪارڻ واريون بيڙيون مختلف قسم جي ڪاٺ مان جوڙيون وينديون آهن. سنڌي بيڙيءَ جي ترِي ۾ ساڳ، چِيل، ٻير(79) ۽ ڪُريل جو ڪاٺ گڏي ڪم آندو ويندو آهي. هنر ۽ ڪاريگريءَ بہ ساڳي ڪم آندي ويندي آهي، جيڪا ساڳ وڻ جي ڪاٺ ڪم آڻڻ وقت ڏسبي آهي. ڳٽي ڏنو ويو تہ اتي پورا 672 ٽڪرا ڪم آندا ويا هئا. (80) هن قسم جي ڪم مان ڪن مصنفن غلط تاثر ورتو آهي. (81) تہ سنڌ جون بيڙيون سگهاريون ڪونہ آهن ۽ ٿوري سَٽڪي ۾ اُکڙي وڃڻ جهڙيون آهن. اهڙيون ڳالهيون تجربي غلط ثابت ڪيون آهن ۽ اهي بيڙيون ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽو چوڙ ڏينديون آهن ۽ عام طور ست سال هلنديون آهن. (82)

سنڌي بيڙيءَ ۾ سادي ڪاٺ جي استعمال هوندي بہ هيءَ بيڙي گهٽو وقت هلندي آهي. هن ڳالهہ مان پتو پوي ٿو تہ هتان جا ڪاريگر پنهنجي فن ۾ چيهہ هنرمند آهن. ٻوندي بيڙيءَ گهٽو ڪري تراڪڙي ترِي واري بيڙي هوندي آهي. ڪن بيڙين جو ترو ڪجهہ گول قسم جو هوندو آهي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪين درياهہ ۾ سولائيءَ سان هاڪاري سگهجي. هن قسم جي ترِي واريون بيڙيون درياهہ جي ڀيٽ ۾ موجود واريءَ جي دڙن تان سولائيءَ سان گذري وينديون آهن. (83) نہ تہ بيڙيون سنڌوءَ منجهان سمنڊ ۾ لهڻ مهل وچي جيڪر پٿُن سان ٽڪرائجن. ايئن ٿيڻ ڪان پوءِ هنن لاءِ ڪٽي بيهڻ جي جاءِ بہ ڪانہ هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻيءَ جي رفتار نهايت تيز هوندي آهي. تراڪڙي ترِي واري بيڙيءَ جا پاسا ڪجهہ اوچا ٿيندا آهن. ان ڪري وهڪري ۾ جيتري گهٽي تيز رفتار هوندي آهي، اوتري اونهي پاڻيءَ ۾ پهچڻ جي تڪليف وڌيڪ هوندي آهي. اهڙي ڏکئي صورتحال کي ٻوندي چڱيءَ ريت مُنهن ڏئي سگهندي آهي. (84) هن بيڙيءَ جي پاچل ۽ اَڳيل وارا پاسا تراڪڙا ٿيندا آهن ۽ اندر تي وريل هوندا آهن. اهڙيءَ خاصيت ڪري بيڙي واريءَ جي دڙن مان سولائيءَ سان نڪري ويندي آهي. اهڙيءَ ريت ضرورت وقت ان کي ساموندي ڪناري سان سولائيءَ سان ٻڌي سوگهو ڪري سگهبو آهي. يا جيڪڏهن پاڻيءَ ان کي ڏِکي ڪناري تي



Gul Hayat Institute

اڇلي ڇڏيندو آهي ته منجهس اهڙي جهٽڪي سهڻ جي پڻ سگهه هوندي آهي. (85)

سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واري ٻيڙيءَ کي ڀاڇيل وٽ وَنجهه هوندو آهي، جنهن کي ٻيڙائت ضرورت مطابق اڳتي پوئتي هلائيندو آهي. جڏهن ته ناکئو مٿاهين جڳهه تي ويهي پنهنجو ڪم ڪندو رهندو آهي. سنڌي ٻيڙائت ٻيڙي واري پنهنجي فن ۾ ڏاڍا ڏاها ۽ ڏات ڏٺي آهن. (86) عام طور تي اڪيلي سرِ ٻيڙي هلائيندا ڏسبا آهن. (87) ڊونڊي ٻيڙي يورپي ماڻهن کي ايڏي سني ڪانه لڳندي آهي. (88) هي ٻيڙي ڏسڻ ۾ ويڪري ۽ ٻي ڍنگي نظر ايندي آهي. پر هر نموني سان ڪشادي ۽ سهنجي به آهي. جوڙي به جلد سگهبي ۽ مٿس لاڳت به گهٽ ايندي آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هتي سنڌوءَ ۾ هلندڙ ٻيڙيءَ کان وڌيڪ سني ٻيڙي ممڪن ئي ڪانه هئي. (89)

'هئملٽن' سترهين صديءَ جي صفا پڇاڙيءَ ۾ سنڌ ۾ آيو هو. هن ڊونڊيءَ بابت پنهنجو مزيدار بيان ڏنو آهي. هو چوي ٿو ته، "هي ٻيڙيون تراڪڙي تري واريون آهن. هڪ پاسي کان لاڳيتو ننڍيون ڪوٺڙيون ٺهيل آهن، جيڪي به تي ڦوٽ مٿي آهن. انهن ڪوٺين مان هڪ رڌڻو هوندو آهي، ته ٻي وري ڪاڪوس طور ڪم اچي ٿي. اهڙيءَ طرح سارو گند ڪچرو پاڻهرتو وڃي درياهه ۾ ڪرندو آهي. ٻيڙيءَ تي ٺهيل ڪوٺڙيون مسافرن کي مسواڙ تي ڏنيون وينديون آهن. اهڙيون ڪوٺڙيون انهن ماڻهن کي ڏنيون وينديون آهن، جن جو سامان ٻيڙيءَ تي لڏيل هوندو آهي. ڪوٺڙيءَ ۽ سامان جو ڪُلف ڪُنجي ان ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي مرضيءَ مطابق جتي ڪيس وڻندو آهي، اتي تجارتي سامان وڪڻي سگهندو آهي. حقيقت اها آهي ته مون پڻ ٺٽيءَ جي آمدرفت سان لاڳاپيل اهڙيون ٻيڙيون ڪونه ڏٺيون. جن ۾ سفر ايترو آسانيءَ ۽ آرام سان ڪري سگهجي." (90)

'ائبٽ' سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واري ٻيڙيءَ جي بناوت ۽ شڪل صورت جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي آهي. هيءُ لکي ٿو ته، "سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واري ٻيڙيءَ ۾ درياهه سان لاڳاپيل فن ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڏاڍي خوبصورت آهي. هن جا ٻئي پاسا اُڀ ڳاتيا آهن ۽ سُکان وڏو ٿيندو اٿس، جتي ونجهه به هوندو آهي. هن جي بناوت ۾ عجيب غريب موڙ ۽ وڪڙ آهن. سنڌس

بناوت سٺي آهي ۽ عورتن جي رهڻ واريون جايون به خوبصورت آهن. درياهي صفر جي نقطهءِ نظر کان هن قسم جون ٻيڙيون ڏاڍيون آرامده آهن. هي درياهه به پنهنجا نت نوان رخ ڪندو آهي. تنهنڪري هن ٻيڙيءَ ۾ اهڙيون خاصيتون رکيون ويون آهن جو ڪيس هر حالت ڪي مُنهن ڏيڻ جي صلاحيت آهي." (91)

ٻاڦ تي هلڻ واري انجڻ کان اڳ درياهه يا سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ جو سفر سڄائيءَ تي مدار رکندو هو. تنهنڪري اِهو معلوم ڪرڻ نهايت ضروري آهي ته سنڌوءَ ۾ ٻيڙين جي هاڪارڻ تي موسم جو ڪيترو اثر هوندو هو. سنڌ ۾ اهڙي موسم هن ريت آهي ته، اپريل کان وٺي سيپٽمر تائين ڏکڻ جي هوا گهُلندي آهي، جنهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا تبديلي ايندي آهي. (92) ان کان پوءِ اوپر، اُتر- اوپر جو واءُ لڳڻ شروع ٿيندو آهي. بعد ۾ اُتر گهُلندو آهي. پر اهڙي هوا تهه سياري ۽ پود جي پارن دوران لڳندي آهي. هن کان پوءِ اپريل ۾ وري ڏکڻ گهُلڻ شروع ڪري ٿو. جيڪڏهن واءُ سڄائو هوندو آهي ته اوڀارو هاڪارڻ واري ٻيڙي به لهواري طرف هاڪارڻ واري ٻيڙيءَ جيان سولو سفر ڪري سگهندي آهي.

'ڊبليو پاٽنجر' لکي ٿو ته، ''جيڪڏهن واءُ سڄائو هوندو آهي ته ٻيڙيءَ لاءِ اوڀاري هاڪار ۾ به ڪا اَڙ اَٽڪ محسوس ڪانه ڪئي ويندي آهي. (93) سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واري ٻيڙيءَ جي في ڪلاڪ ٽي ميل رفتار هوندي آهي. پر جيڪڏهن واءُ سڄائو گهُلندو آهي ته رفتار وڌي ويندي آهي. جڏهن ته ڪاهڻ جي في ڏينهن تيرهن ميل رفتار تمام گهٽ آهي. پر سڄائي واءُ دوران هن جي رفتار تيهه ميل ٿئي ٿي. (94)

هنن سڀني ڳالهين تي ويچارڻ کان پوءِ سڀني ذريعن متفق طور بيان ڪيو آهي ته، سنڌوءَ اوڀارو هاڪارڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ بهتر موسم اپريل کان سيپٽمبر تائين آهي. انهيءَ موسم دوران سنڌوءَ ۾ هاڪارڻ واري ٻيڙي رسي کان وٺي ڪاهڻ کان سواءِ سولائيءَ سان سيوهڻ پهچي ويندي آهي. (95) ڏکڻ جو سڄائو واءُ نه رڳو ٻيڙيءَ کي اوڀارو هاڪارڻ ۾ ڪارڻي ٿيندو آهي، پر ان سان رفتار ۾ پڻ تيزي اچي ويندي آهي. سال جي باقي موسم دوران اُتر جو واءُ گهُلندو آهي. تنهنڪري ٻيڙيءَ کي اوڀاري هاڪارڻ ۾

Gul Hayat Institute

ڏاڍي اهنجائي ۽ اولائي ٿيندي آهي. اهڙين حالتن ۾ ٻيڙيءَ کي ورت جي مدد سان ڪاهيو ويندو آهي. ايئن ڪرڻ سان سفر جي رفتار به گهٽجي گهٽجي ويندي آهي. ان کان سواءِ حادثن جا امڪان پڻ وڌي ويندا آهن. پر چوڙ واري علائقي ۾ ته هن کان به وڌيڪ ڏچو پيدا ٿي پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻي ٽانگهو ٿي ويندو آهي ۽ ٻيو ته پاڻي به جونءِ جيان هوريان هوريان پيو چُرندو آهي. پر هن ساڳيءَ موسم دوران حيدرآباد کان مٿي ويندي سنڌ جي دنگ تائين ٻيڙيون اهڙي ڏچي جي وَرُ چڙهيل ڪونه هونديون آهن. تنهنڪري هاڪار سولي ۽ سَهنجي هوندي آهي. ان جو ڪارڻ اِهو آهي ته حيدرآباد کان هيٺ سنڌوءَ واري حصي جي پيٽ ۾ هتي پاڻي ججهو هوندو آهي. (96) جيتري قدر لهواري طرف هاڪار جو تعلق آهي ته اها سال جي هر موسم ۾ سنڌوءَ جي هر حصي ۾ سولائيءَ سان ڪري سگهبي آهي. پر بيڙائت هن قسم جي سفر کي اپريل کان سيپٽمبر تائين وڌيڪ پسند ڪندا آهن. پنجاب جا واپاري فيبروريءَ جي مهيني دوران هيٺ اچڻ شروع ڪندا آهن. (97) ۽ پنهنجي ملڪ جي تجارتي مال سان ٻيڙيون پرائي لهوارو هاڪاريندا آهن.

تجارتي مال سان لڏيل ٻيڙيون لهواري هاڪارڻ مهل اڳ ۾ هڪ اڳواڻ ٻيڙي ڪنديون آهن. (98) سنڌ ۾ هن قسم جي ٻيڙيءَ کي سوئي (سونهين) يا رهبر ٻيڙي سڏيو ويندو آهي. سونهين ٻيڙيءَ کي ٻين جي پيٽ ۾ ياڙو ٿورو ملندو آهي. پر ڏگهيءَ هاڪار ۾ ڪيس ياڙو گهٽو ملي ويندو آهي. تنهنڪري ٻيڙين جي هڪ ڏگهي قطار لاءِ فقط هڪ سونهين ٻيڙي هوندي آهي. سونهين ننڍڙي ٻيڙي هوندي آهي، جنهن کي ٻه ماڻهو هلائيندا آهن. جنهن مان هڪ ماڻهو ٻيڙيءَ جي آڳيل جي ڏِڪي تي ويهي پنهنجي اينڌڙ ٻيڙين کي پاڻيءَ جي اونهائيءَ جي ماپ ٻڌائيندو ايندو آهي. جڏهن ته ٻيو ماڻهو ناکٽي طور ڪم ڪندو آهي. سونهين يا رهبر ٻيڙي کي ٻين کان اڳي روانو ڪيو ويندو آهي، جنهن سان گڏ به ٽي ڏونڊيون به هونديون آهن. ٻيڙين جي هن ننڍي قافلي جو اهم ڪم پاڻيءَ جي ماپ لهڻ ۽ ٻڌائڻ هوندو آهي. ان سان گڏ هنن ٻيڙين تي ويٺل ماڻهو وايومنڊل جو پڻ اڀياس ڪندا آهن ته رستي ۾ ڪنهن قسم جو ڪو خطرو وغيره ته ڪونه آهي.

تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ ٻيڙين جي هاڪار لاءِ موسم سان لاڳاپيل ڪي مونجهارا ۽ مسئلا ڪونه هئا. (99) جيڪي هن قسم جي آمدرفت کي متاثر ڪندا هجن. پر ڪڏهن ڪڏهن آنڌاري اچڻ ڪري نقصان ٿي پوندو هو ۽ ان جي ختم ٿيڻ تائين سارو معاملو ڊانوانڊول ٿي ويندو هو. (100) پر سونهين ٻيڙي وارا ماڻهو آنڌاريءَ اچڻ جو اطلاع پنيان ايندڙ ٻيڙين کي اڳواٽ ئي ڏئي ڇڏيندا هئا. تنهنڪري طوفان اچڻ کان گهڻو اڳ ڪاهڻ وارا ماڻهو ٻيڙين کي لنگر ڪري ڇڏيندا هئا. (101)

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ ملازم 'بونفورڊ' اتر هندستان کان سنڌوءَ جي چوڙ تائين سفر ڪيو هو. هن 1638ع ۾ لکيو آهي ۽ ساڳين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. هو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي ٻڌائي ٿو ته، "مينهوڳيءَ ۾ سنڌوءَ وسيلي سفر خطرناڪ هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان گڏ چوهو به هوندو آهي." (102)

ٻيڙين جي هاڪار لاءِ ٻي آڙ ۽ اٽڪ سنڌوءَ جو چاڙهه هوندو آهي. دنيا جي ٻين وڏن درياهن جيان سال جي هڪ خاص موسم دوران سنڌوءَ ۾ تمام وڏو چاڙهه ايندو آهي. هن درياهه جو چاڙهه مارچ مهيني کان شروع ٿيندو آهي (103) ۽ سيپٽمبر مهيني جي 23 تاريخ ڌاران ختم ٿي ويندو آهي. (104) هن ۾ اها موسم به اچي وڃي ٿي جڏهن ڏينهن ۽ رات هڪ جيترا ٿيندا آهن. پاڻيءَ جي اهڙي تازي چاڙهه کي تيز رفتاري ۽ پاڻيءَ جي مقدار وڌي وڃڻ ڪري سڃاڻي سگهبو آهي. (105) پر سندس ويڪر ۽ اونهائيءَ ۾ ڪو فرق ڪونه ايندو آهي. جيڪڏهن وهڪري ۾ اهڙيون ڳالهيون نه هونديون ته سمجهبو ته پاڻيءَ جي رفتار ۾ لاٿ اچڻ واري آهي. (106) وڏو چاڙهه مئي مهيني ۾ اچي ٿو، جيڪو لڳاتار وڌندو رهي ٿو ۽ سيپٽمبر تائين رهي ٿو. (107) وڏي ۾ وڏو چاڙهه جولاءِ ۾ اچي ٿو. آگسٽ ۾ ڪڏهن لهندو ۽ ڪڏهن چڙهندو آهي. اهڙي صورتحال سيپٽمبر جي ٻئي اڌ تائين رهندي آهي. ان کان پوءِ سمجهي ونبو آهي ته اهو سندس آخري چاڙهه آهي، جيڪو وڏو ڪونه هوندو آهي. (108) چاڙهه وارن هنن ڏينهن ۾ سنڌوءَ اُٿلي هڪ وسيع علائقو ٻوڙي ڇڏيندو آهي. پر هيءَ ٻوڏ ڪن خاص علائقن ۾ ايندي آهي ۽ عام ڪانه هوندي آهي.



Gul Hayat Institute

'ڊاڪٽر لارڊ' پنهنجي "ميڊيڪل ممايرس" ۾ سنڌو ماٿريءَ بابت پنهنجي نقطهءِ نظر جو هن ريت اظهار ڪري ٿو ته، "سنڌ ۾ هڪ اهڙو درياهه آهي، جنهن جو آبي ذريعو دنيا جو سڀ کان اوچو جبل آهي. پر هو پنهنجي ڪنار جي پرپاسي واري علائقي جي مس آبپاشي ڪري سگهندو آهي." (109)

سنڌوءَ جي پهرئين چاڙهه وارو پاڻي سندس پيٽ ۾ موجود اڙن ۽ اٽڪن کي صاف ڪري ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ پاڻيءَ جو وهڪرو نهايت آرام سان گذرندو رهندو آهي ۽ ٻيڙيون ڏاڍيءَ سولائيءَ سان هاڪاري سگهنديون آهن. سندس وهڪري جي سِير ۾ جيڪي به واريءَ جا دڙا هوندا آهن، تن کي پهريون لُڙهو وهائي اڳتي ڪڍي ويندو آهي. (110) توڙي جو چاڙهه ڪري پاڻيءَ جي وهڪري ۾ تيزي اچي ويندي آهي، ان هوندي به جيڪڏهن ڏکڻ کان سڌائي هوا گهُلندي آهي ته اهڙا مسئلا ۽ مونجهارا دُور ٿي ويندا آهن، جيڪي وڏي چاڙهه ڪري پيدا ٿيندا آهن. اهڙو واءُ به هن موسم ڏاران سنڌوءَ سان گهُلندو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته اهڙو واءُ چاڙهه جي رُت ۾ سنڌوءَ جي هاڪار کي وڏي واهر ڪندو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل بيان مان اهڙيون ڳالهيون ثابت ٿي وڃن ٿيون، جيڪي هر شڪ ۽ شبهي کان بالاتر آهن ته سنڌوءَ هاڪارڻ جهڙو درياهه آهي، جنهن کي قديم زماني کان وٺي تجارتي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. هن مان اها به معلومات پڻ ملي وڃي ٿي ته سنڌ واري سامونڊي ڪنارو ٻاهرين ملڪن کان ايندڙ تجارتي ٻيڙين لاءِ ڏاڍو سولو هو ۽ ٻيڙيون آسانيءَ سان تجارتي مال کڻي اچي ڇوڙ واري علائقي جا بندر پيٽينديون هيون. مٿي اهڙو بيان اچي ويو آهي ته سنڌ جي ڇوڙ وارو علائقو ڏکيو هو. ان هوندي به هتان جي واپارين (111) سنڌوءَ وسيلي آمدرفت کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. ڇوڙ واري علائقي ۾ هاڪارڻ جي ڏکئي هٿڻ ڪري به هتان جي بندرن تي اچي تجارتي سامان لهندو ۽ چڙهندو هو. اهڙين مشڪلاتن دوران سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع بندرن تان خشڪي رستي ڪڇي نتي پهچندو هو. جيڪو بندر کان چاليهه ميل پري هو. (112) اهڙو بيان پڻ مٿي اچي ويو آهي ته، سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو وڏو مقدار وڏي طاقت

سان سمنڊ ۾ داخل ٿيندو هو، جنهن ۾ لَٽَ جو پڻ وڏو مقدار شامل هوندو هو. ان ڪري سنڌوءَ جي ڦاٽن جي ڇوڙ وارين جڳهن وٽ لَٽَ جا دڙا ٺهي پوندا هئا، جن آمدرفت کي ڏاڍو ڏکيو بڻائي رکيو هو. پر هن ڏکيائيءَ کي سمنڊ جي پاسي کان ايندڙ ٻيڙين گهڻو سولو بڻائي ڇڏيو هو، جيڪي ننڍن ڦاٽن جي ڇوڙن ۽ ڪارين وسيل مٿي هاڪاري سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ وچي مکيہ وهڪري ۾ داخل ٿينديون هيون. هنن وهڪرن ۾ ايڏي شدت ڪانہ هوندي هئي ۽ سنڌن داخل ٿيڻ واري جاءِ وٽ پاڻي بہ اونهو هوندو هو. تنهنڪري مٿي هاڪارڻ واسطي ٻيڙين لاءِ وڌيڪ سولا هوندا آهن. انهيءَ صورتحال ڪري ڇوڙ جي علائقي وارا پتڻ سمنڊ کان پري خشڪيءَ واري علائقي ۾ هئا. (113) سنڌ جو ساموندي ڪنارو سدائين ساموندي لهرن ۽ وِيرن جي ضد ۾ رهندو آهي. تنهنڪري سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ ٻيڙين جي بيهڻ جهڙو ڪو ماڳ ڪونہ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڇوڙ وارا بندر سمنڊ کان گهڻو پري آهن. انهن ڳالهين کان سواءِ سنڌوءَ جا سڀ ڇوڙ آباديءَ کان خالي آهن. تنهنڪري نئين آيل ٻيڙائت لاءِ اهو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي تہ ڇوڙ وارو صحيح ڦاٽ ڪهڙو آهي. پر جيڪي ٻيڙائت سنڌ گهڻو ايندا ويندا هئا، سي ڪنهن نہ ڪنهن نشاني وسيلي وچي صحيح ڦاٽ ۾ داخل ٿيندا هئا. توڙي جو اهڙا ڦاٽ ساموندي ڪناري کان گهڻا ڏور هوندا هئا ۽ وٽن ڪو سونهون بہ ڪونہ هوندو هو.

'هئملٽن' هن باري ۾ لکي ٿو تہ، سنڌوءَ درياهہ کي ڳولي لهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر هن جي ڪنار سان هڪ مسلمان بزرگ جو قبو آهي، جيڪو گهڻو اُتانهون آهي، جنهن کي سنڌو درياهہ جو منارو ڪري سڏيندا آهن. هن قبي کي سدائين چُن جو ليپو ڏيندا آهن، تنهنڪري هي چٽو نشان ٿي پيو آهي. (114)

سنڌوءَ جي صحيح ڇوڙ کي معلوم ڪرڻ ڏکيو هو، پر ٻيڙائتن کي اهڙي خبر پئجي ويندي هئي. هو سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن بندرن ڏانهن موسم جي خرابيءَ ڪري سال ڪن اچي ڪونہ سگهندا هئا. فيبروري يا ان کان پوءِ اولهہ جي گهاڙ گهُلندي آهي، تنهنڪري موسم جڻ طوفاني ٿي پوندي آهي. (115) هن موسم دوران چوماسي واريون طوفاني هوائون بہ لڳڻ شروع

ٿي وينديون آهن. انهيءَ موسم ۾ سامونڊي لهريون ايتريون سخت هونديون آهن جو ڪير بہ سنڌ جي بندرن ڏانهن اچي ڪونہ سگهندو آهي. (116) ان ڪان پوءِ آڪٽوبر ڪان وٺي وچ فيبروريءَ تائين خشڪيءَ جي طرف ڪان هوائون لڳڻ شروع ٿي وينديون آهن. انهن هوائن ڪري سمنڊ ۾ سانت اچي ويندي آهي. سنڌوءَ جي ڇوڙن ۾ موجود واريءَ جا دڙا بہ صاف چِٽا ٿي پوندا آهن. تنهنڪري بندرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٻيڙيون سولائيءَ سان هاڪاري سگهنديون آهن. (117)

'ليفٽيننٽ جان ووڊ' جو بيان آهي تہ، "سوين ٻيڙيون اچي سنڌوءَ جا بندر پيٽينديون آهن." (118) اهڙيءَ ريت سنڌو سڀ ڪان سولو، سستو ۽ وڌيڪ محفوظ تجارت جو ذريعو هو. (119) اوسي پاسي جا سيئي ملڪ هيڏانهن پنهنجا واپاري ٻيڙا موڪليندا هئا. (120) انهيءَ ڪري سنڌي ماڻهن جو تجارت تي مڪمل قبضو هو.

هنن واضح حقيقتن مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي وڃي ٿي تہ مُهم جُو واپاري فقط سنڌوءَ وسيلي هلندڙ تجارتي آمدرفت تي ڪونہ ڀاڙيندا هئا. هن وسيلي آمدرفت سان فقط ٻہ وارن ۽ سنڌوءَ جي ڪنار وارن ملڪن سان تجارتي وهنوار هلندو هو. هن قسم جي آمدرفت ڪري اهڙي تجارت اُپري ۽ اُسري ڪانہ سگهي، جنهن ڪري سنڌ مشهور هئي.

سنڌ، وچ ايشيا جي تجارتي مال جو ڦاٽڪ آهي. سنڌوءَ ڪڏهن نہ اُترين علائقن سان اڙي آهي، نہ وري اها هاڻي انهن علائقن مان وهي ٿي، جن کي ايشيا کنڊ جا نهايت سُکيا ستابا ملڪ سڏيو ويندو آهي. تنهنڪري واپارين وچ ايشيا يا اُن ڪان اولهہ پاسي وارن ملڪن يا هندستان جي علائقن ڪان سنڌ ايندڙ اهم تجارتي رستن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي. ان ڪان سواءِ واپاري ڌُر کي اها سوڌي ڄاڻ هئي تہ سنڌو هڪ مست ۽ پنهنجي مرضيءَ وارو درياهہ آهي. ڪين اها بہ ساري سُڌ هئي تہ سال جا ڪي اهڙا بہ مهينا هوندا آهن جو سنڌوءَ وسيلي آمدرفت ڏکي ٿي پوندي آهي. اهڙين مشڪلاتن کي ڏسي قديم دؤر ڪان وٺي تجارت لاءِ متبادل رستا اختيار ڪيا ويا هئا. اهڙن اهم تجارتي رستن ڪري سنڌ ڏورانهن ملڪن سان ڳنڍجي تجارت جو مکيہ مرڪز بڻجي پئي هئي.

قديم تاريخي دؤر کان وٺي جنهن بابت اسان وٽ دستاويزي ثبوت آهن، سنڌ موجوده حدن کان گهڻو وڌيڪ وسيع هئي. ان سمي سندس اُتر کان "ڪشمير" هو ۽ ڏکڻ پاسي سندس "سورت" دنگ هو. هن جي اُپرندي سرحد "قنوج" تائين ۽ "مڪران" هن جو اولاهون دنگ هو. سنڌ جڏهن مسلمانن جي قبضي ۾ آئي ته، (121) سندس راڄڌاني "ملتان" ٿيو هو: انهيءَ ڪري قديم دؤر جي واپارين اهو تجارتي رستو اختيار ڪيو، جنهن کي ڪجهه عرصو پوءِ شاهي رستي جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جيڪو "ملتان" کان "بکر" پهچندو هو. هي تجارتي رستو سنڌوءَ جي ڪابي ڪنار سان پور- وچوٽ تي هلندو هو. (122) ٻيو اهم تجارتي رستو آگري کان سڌو بکر ايندو هو، جيڪو ان علائقي وچان ايندو هو، جنهن کي هاڻي بهاولپور رياست سڏيو ويندو آهي. گهڻي وقت تائين انهن ملڪن جو تجارتي سامان هن رستي سان سنڌ پهچندو هو، جتان کان ڏور هليو ويندو هو. (123) بکر کان ٻه رستا ڦٽندا هئا، جن مان هڪ سنڌوءَ جي ساڄي ۽ ٻيو ڪابي ڪنار سان هلندو هو، جيڪو امڪاني حد تائين سنڌوءَ سان پور- وچوٽ تي هو ۽ ڪڏهن حالتن مطابق ٿورو پري به ٿي ويندو هو. انهن مان ڪابي ڪنار وارو رستو اڳتي هلي حيدرآباد پهچندو هو. جڏهن ته ساڄيءَ ڪنڌيءَ وارو رستو ڪوٽڙيءَ پهچندو هو، جيڪو حيدرآباد جي آمهون سامهون سنڌوءَ جي ٻيءَ ڪنڌيءَ سان آباد آهي. سنڌوءَ جي ساڄي پاسي واري ڪنار سان تمام گهڻا تجارتي قافلا مَتيندا هئا. (124) هي مشهور رستو لاڙڪاڻي، دادوءَ، سيوهڻ، سَن ۽ انڙپور کان ٿيندو ڏکڻ ۾ هلندو هو. اپريل کان سيپٽمبر تائين واپاري سنڌوءَ وسيلي تجارتي آمدرفت کان لهرائيندا هئا. ڇاڪاڻ ته ان سمي هن درياهه ۾ گهڻو چاڙهه رهندو آهي. (125) سنڌوءَ جي ڪابي ڪنار وارو رستو خيرپور، نوابشاهه، دولتپور ۽ هالا کان مَتيندو هو. ساڄيءَ ڪنار وارو رستو اڳتي وڃي ٺٽي رسندو هو. اتان کان پوءِ جهرڪن کان ٿيندو سنڌوءَ جي چوڙ وارن بندرن ڏانهن هليو ويندو هو. ساڄيءَ ڪابي ڪنار وارو رستو به اڳتي ويندو هو ۽ ڪوٽڙيءَ سامهون سنڌوءَ جي ڪنڌي ڇڏي بدين ويندو هو، جتان کان اڳتي نڪري لکپت جي سامهون ڪوٽڙيءَ پهچندو هو، جيڪو سنڌوءَ جي ڪوري نالي

هڪ ڦاٽ جي ڪنار سان وسندڙ آهي. پر جڏهن ڪراچي، سنڌ جي ڦاٽڪ جي صورت اختيار ڪئي تہ پوءِ ساچي ڪنار وارو رستو نئي ڪان نڪري ڳاڙهي ڪان مَنِيندو وجي ڪراچي پهچڻ لڳو هو. ساچيءَ ڪنڌي واري رستي ۾ هڪ اوٺائي هئي جو تجارتي مال دير سان ڪراچيءَ پهچندو هو. تنهنڪري هڪ ٻيو رستو اختيار ڪيو ويو جيڪو سيوهڻ ڪان نڪرندو هو ۽ جابلو علائقي وچان گذري ڪراچيءَ پهچندو هو. (126) هنن اهم رستن ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪي ننڍا وڏا رستا هوندا هئا، جيڪي هر ملڪ ۽ هر طرف ڪان اچي پاڻ ۾ ملندا هئا. اهڙيءَ ريت تجارتي رستن جو هڪ ڄار وڇايل هو. تنهنڪري سنڌو ماٿريءَ ۾ تجارت تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي.

سنڌ جي اولاهين دنگَ سان ڪيرٿر جو جابلو سلسلو موجود هو، جيڪي ماٺهو اولهہ يا اتر ڪان هيڏانهن ايندا آهن، تن کي هن جابلو سلسلي مان سفر ڪرڻو پوندو آهي. فطرت انساني ڪوشش جا رستا ڪونہ روڪيندي آهي. مٿيُ بيان ڪيل طرفن ڪان ايندڙ تجارتي قافلا ڪيرٿر جي سوڙهن لڪن مان لنگهي سنڌ پهچندا آهن. 'ڊاڪٽر پٺاوالا' لکي ٿو تہ، ڌارين جا حملا. تجارت ۽ ثقافت هن سوڙهن لُڪن مان لنگهي هتي آئي آهي. هنن مان وڌيڪ مشهور بولان وارو لڪُ آهي. تجارتي قافلا هي لِڪ لتاڙي سنڌو ماٿريءَ جي پَتَنَ ۾ پهچندا آهن، جيڪي ڪابل، قنڌار ۽ اترين ملڪن جو تجارتي سامان آڻيندا آهن. هي قافلا عورتن جي سونهن سينگارُ سان لاڳاپيل واپاري وکرُ کڻي ايندا هئا. سنڌ جون جهونڙيون عورتون اڃا بہ قنڌاري گلبدن ۽ ڪاري رنگ جي ڪنويز کي ياد ڪنديون آهن. اهڙو تجارتي مال انهن علائقن ڪان ايندو هو، جن سان جوان عورتن جو هار سينگار جڙندو هو. اُهي قافلا جڏهن بولان جو لڪ لتاڙي اڳتي ٿيندا هئا تہ سندن واٽون الڳ ٿي ويندڙيون هيون. انهن مان ڪي ملتان ڏانهن مُنهن ڪندا هئا تہ وري ڪي سنڌ جا بندر پيٽيندا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سکر اُتر سنڌ جو اهم تجارتي مرڪز بڻجي پيو.

ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ شڪارپور جو شهر وجود ۾ آيو، جيڪو جلد ئي پوءِ خراسان جي تجارت جو ڦاٽڪُ سڏجڻ ۾ آيو. (127) هڪ تجارتي رستو سکر ڪان شڪارپور روزان يا روجهاڻ، منڻ ڪوٽ ۽ ديوجال ڪان

ٿيندو، ڪابل ويندو هو. اهڙو سفر چوويهہ ڏينهن وٺي ويندو هو. ڪل فاصلو ٽي سؤ ميل هو، جيڪو ويهن منزلن ۾ طئي ڪري سگهبو هو. بولان وارو لڪُ مينهوڳيءَ واري موسم ۽ برفباريءَ واري زماني ۾ بند رهندو هو. (128) پوئين زماني ۾ شڪارپور ڪان، ان ڪان اڳ سکر ڪان هڪ تجارتي رستو اُتر ڪان نڪري ديري غازي خان ويندو هو، جيڪو ڪڇي، گنداوا ۽ سنڌ کي پاڻ ۾ ڳنڍيندو هو. بولان لڪُ کان پوءِ نورو لڪُ ۽ ٽڪريُ لڪُ آهن، جن وسيلي قلات ۽ سنڌ ڳنڍجي ويندا آهن. (129)ٽڪري لڪُ جي پيٽ ۾ نوريءَ لڪُ مان گهڻا قافلا لنگهندا آهن. هن رستي وسيلي قلات، ڪوٽ ادو، جُهل، شادباد، دوست علي جو ڳوٺ، چاجدو ۽ لاڙڪاڻو پاڻ ۾ ملي ويندا آهن. غلام شاهہ جي ڏينهن ۾ قلات جو سنڌ تي ڪاهيندڙ لشڪر بہ هن رستي سان اڳتي وڌيو هو. (130)

ان ڪان پوءِ هيٺئين پاسي مولا لڪُ، لڪُ روهيل، ڦوسي لڪُ ۽ گاري لڪُ اچن ٿا، جنهن وسيلي سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ آمدرفت ٿيندي رهندي هئي. هي ٻين جي پيٽ ۾ نهايت قديم لڪُ آهن. هنن لڪَن جي ويجهو ڪيترا ئي قديم ثقافتي ماڳ آهن. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ هنن قديم ماڳن وسيلي سنڌو ۽ قلات جي ماترين جي وچ ۾ واپار هلندو هو. 3000 ق.م سان لاڳاپيل وٽج واپار انهن لڪَن معرفت هلندو هو. (131)

اڄ ڪلهہ بڙدي بہ اُهي لڪُ لٽاڙي مزدوري سانگي سنڌ ايندا آهن. ان ڪان سواءِ سنڌ ڪان لَسُ ٻيلي، مڪران ۽ ايران ڏانهن ويندڙ سولو رستو بہ انهن لَڪَن مان گذرندو آهي. (132) مسافر حب ندي اُڪري لس ٻيلي پهچي ٿو، جتان پوءِ هي رستو ڏاڍو سولو آهي. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ هي رستو ڏاڍو گهڻ ڪُتبُ آندو ويو آهي. ڪراچيءَ شهر جي بڌجڻ ڪان پوءِ هڪ رستو ڪڏي ڪيس سونمياڻيءَ بندر سان ملايو ويو هو. هي رستو سامونڊي ڪناري سان گڏ هلندو آهي. توڙي جو هي رستو هڪ ڏکئي علائقي وچان لنگهي ٿو، پر پوءِ بہ سفر جوڳو آهي. 'وليم پاٽنجر' 1832ع ۾ لکيو آهي تہ، سنڌ جي ٽالپرن، ايران جي حڪمران ڏانهن هن رستي وسيلي هاٿي موڪليا هئا. (133)

هاڻي اسان انهن تجارتي رستن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي سنڌوءَ جي اوڀارينءَ ڪنار واري اهم رستي سان اچي ملندا هئا. هي رستو اسان

Gul Hayat Institute

جو وڏيڪ ڏيان ڇڪائي ٿو، جيڪو مغل شهنشاهت جي راڄڌانيءَ آگري کان ٿيندو هو ۽ بکر پهچندو هو. هن رستي سان اُتر هندستان جو تجارتي مال سنڌ ايندو هو، جيڪو سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن بندرن وسيلي ڏور ڏيساور موڪليو ويندو هو. (134) هي تجارتي رستو سورت بندر جي پيٽ ۾ ڏاڍو سولو ۽ واپارين کي سستو پوندو هو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ آگري کان بکر ڏانهن بہ رستا نڪرندا هئا. انهن مان هڪ سڌو راجستان ۽ بهاولپور کان متي سنڌ ايندو هو. جڏهن تہ ٻيو لاهور ۽ ملتان کان ٿيندو سنڌ پهچندو هو، جنهن جو ذڪر 'بورن فورڊ' ڪيو آهي. (135) اهو رستو آگري کان دهلي، پاڻيپت، سمانا (پٽيالا ويجهو)، ٿانيسر، سرهند، لاهور ۽ ملتان پهچندو هو، جتان کان پوءِ پراڻو رستو وٺي اچي بکر پهچبو هو. هن رستي جي ڏاڙيلن جي ور چڙهي وڃڻ ۽ ڇوڙ وارن بندرن جي لٽجي وڃڻ تائين تجارتي قافلا هن رستي سان ايندا ويندا رهندا هئا. هي سترهين صديءَ وارو زمانو هو، جنهن ۾ 'ٿيوناٽ' ۽ 'ٽئور نيئر' هتي آيا هئا. (136) ٻيو رستو بکر کان جيسلمير ويندو هو. (137) هن رستي وسيلي راجستان، سنڌ سان مليل ويندو هو، جيڪو خيرپور واري علائقي مان لنگهندو هو. جنهن ڪري مسافرن جي آمدرفت مان هنان جي حڪمرانن کي گهڻو محصول ملي ويندو هو. (138) ٽوڙي جو هي تجارتي رستو راجپوتانا جي سڀني مشهور رياستن مان لنگهندو هو، پر سنڌ ڏانهن ايندڙ گهڻن واپارين جو تعلق جوڌپور سان هوندو هو. هي رستو بيڪانير ۽ آمر کان لنگهندو هو ۽ سنڌوءَ جي اوپر پاسي کان گذرندڙ شاهي رستي سان هالا يا حيدرآباد وٽ ملندو هو. حيدرآباد هڪ رستي وسيلي ديسا سان مليل هو، جيڪو عمرڪوٽ ۽ بالمير وٽان لنگهندو هو. ڪڇ جي ديسا پرسان گذرندڙ هي رستو بمبئي ويندو هو. جڏهن سانوڻ جي مينهوڳيءَ ۾ سمنڊ سان رابطو نہ رهندو هو تہ تجارتي مقصدن لاءِ هي رستو اهم هوندو هو. سنڌ کي اوپارين ملڪن سان ڳنڍڻ لاءِ هي رستا ڏاڍا اهم هوندا هئا. (139)

هنن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي رستا هئا، جن مان بہ بهاولپور کان عمرڪوٽ ۽ ٿندي الهيار تائين ايندا هئا. سڀ رستا سنڌو ماٿريءَ جي ڏکڻ واري حصي کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيندا هئا. سڀني جو تفصيل سان ذڪر



Gul Hayat Institute

ڪرڻ ممڪن نہ آهي ۽ نہ وري انهن جي ڪا تجارتي اهميت پڻ آهي. هتي ايئن چوڻ صحيح ٿيندو تہ سنڌ ۾ تجارتي رستن جو هڪ ڄار وڇايل هو، جنهن سان ننڍا وڏا ڳوٺ شهرن سان ڳنڍيل هوندا هئا.

سنڌ کي ٻاهرينءَ دنيا سان ڳنڍيڻ وارا رستا پڪا روڊ ڪونہ هوندا هئا، جهڙيءَ ريت اسان کي موجوده دؤر ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي سڙڪون هونديون هيون جيڪي تمام گهٽيون ويڪريون هونديون هيون ۽ ڪوشش اِها ڪئي ويندي هئي تہ اُهي سڌيءَ سنوت ۾ هجن ۽ منجهن ڪڏا ڪوٻا نہ هجن. ان ڪان سواءِ خاص ڌيان هن ڳالهہ ڏانهن ڏنو ويندو هو تہ جيئن ڪاچي ڌرتيءَ جي سنوت ڪان هيٺ ٿي نہ وڃن. انهيءَ مقصد لاءِ انهن سڙڪن جي مٿاڇري کي ٻُوڙا، ڪکُ ۽ ڪانا سَٿي ڍڪيو ويندو هو. ٿوري وقت ڪان پوءِ سڙڪن ۾ جيڪي ڪڏا ڪوٻا پئجي ويندا هئا، تن ۾ پڻ مٽيءَ وجهي سڙڪ جي سنوت مطابق ڪيو ويندو هو. اهڙا ڪڏا ڪوٻا گهٽيءَ آمدرفت ڪري ٿيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي ڌرتي لٽياسي آهي. تنهنڪري ڪاچڻ ۾ دير ڪانہ ڪندي آهي. سنڌ جي سڙڪن وڻج واپار جي اؤسر ۽ ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙيون شاهديون واپاري مُهم تي آيل واپارين ۽ سياحن جي لکيل تذڪرن ۾ موجود آهن، جيڪي گذريل ڪيترين ئي صدين ڪان هتي ايندا رهيا آهن.

خود ٽالپر حڪمرانن جي دؤر ۾ پڻ هنان جون سڙڪون سفر ڪرڻ ۾ ڏاڍيون سوليون ۽ سٺايون هونديون هيون، جن تي عام طور تي اهو الزام هنيو ويندو آهي تہ هي حڪمران ڪراچيءَ (140) جي تجارت کي ڪونہ همٿائيندا هئا. (141) 'وليم پاٽنجر' 1832ع ۾ لکيو آهي تہ، سنڌ جون سڙڪون بهترين آهن ۽ هر قسم جي سواريءَ ۽ سفر جي ڏانوَ جون آهن. (142) سنڌ ۽ سنڌ ڪان ٻاهر جي تجارتي مرڪزن وچ ۾ موجود فاصلا هر هڪ مصنف ڌار ڌار ٻڌايا آهن. تنهنڪري انهن جو هتي ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي. مختلف ملڪن ڪان ڪيترا واپاري سنڌ ايندا هئا، تن جي سفر ۾ جيڪو وقت ٻڌايو ويو آهي، تنهن ۾ بہ تمام گهڻو فرق آهي. هيءَ حقيقت بہ ضرور قبول ڪرڻي پوندي تہ سفر جي رفتار تمام ڍري هوندي هئي. پر تنهن زماني ۾ حالتون اهڙيون هيون جو ايئن ڪرڻ ڪان سواءِ ٻي واهہ بہ

ڪانہ هئي. ڪيترن رستن سان واپاري قافلن سان گڏ وَهٽن لاءِ چاري پاڻيءَ ۽ واپارين ۽ سندن ماڻهن لاءِ کاڌي خوراڪ ۽ رهائش جو بندوبست هوندو هو. پر خاص طور تي اهڙو بندوبست سنڌوءَ جي اُلهنديءَ ڪنار وارن تجارتي رستن سان ڪيو ويندو هو.

## آمدرفت جا طريقا

آخر ۾ سنڌ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن مان تجارتي مال جي آمدرفت جي طريقن تي خيالن جو اظهار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

اُٺ خشڪيءَ جو هڪ جيئرو جاڳندو جهاز آهي، جيڪو دنيا جي هن حصي ۾ گهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان بابت 'ڪئپٽن مئڪمردو' هن ريت لکيو آهي تہ، ”سنڌ اندر اُٺ جي ضرورت تمام گهڻي آهي. خشڪيءَ وسيلي تجارتي سامان جي ڍوئي هن جانور جي ناتي هلندي رهندي آهي. ان ڪان سواءِ بندر ڪان ونې ويندي قنڌار تائين تجارتي مال جي ڍوئي بہ هن جانور ذريعي ٿيندي آهي. سندس پٺيءَ تي لڏيل سامان جو بار ٻارهن پٿرن جيترو هوندو آهي، جيڪو هر پٿر ٻن مڻن جي لڳ ڀڳ هوندو هو. هن قسم جو ڊگهو سفر رات جي وِڇڙي ۾ ڪيو ويندو آهي، جنهن جي منزل سورهن ڪان ويهن ميلن جي هوندي. ڏينهن جو آرام ڪيو ويندو هو. قافلي سان گڏ ٻيا جانور ٻُڪ تي هوندا هئا، پر اُنن کي جام چاريو ۽ پياريو ويندو هو. (143) انهيءَ ڊگهي سفر تي هڪ يا بہ اُٺ ڪونہ نڪرندا هئا، پر هڪ سؤ اُنن تي مشتمل هڪ ڊگهو قافلو هوندو هو. هن سگهاري هَڏ ڪاٺَ واري جانور کي مُنڍن، ڳِانن ۽ ڳلڪوڙين سان سينگاريو ويندو هو، جن ۾ مٽيا جُڙيل هوندا هئا ۽ ٽنونر ۽ جهابا پيا جهلندا هئا. سندن ڪنڌن ۾ چڙا ٻڌل هوندا هئا، رات سمي هنن جو آواز چوڏاري پيو ٻُرندو هو. جنهن ڪري هڪ قسم جو رومانوي ماحول پيدا ٿي پوندو هو. انهيءَ وقت ڪيچ جو پنهون ياد اچي ويندو هو، جيڪو سنڌ جي هڪ لوڪ- داستان جو سورمو آهي ۽ پنهنجي ڀائرن سان گڏجي آيو هو. پنهنجو واپاري وَکر وڪڻي وطن ڏانهن ورڻ بدران پنهنجي دل سسئيءَ نالي هڪ سنڌي ڇوڪريءَ کي وڪڻي ويهي رهيو ۽ سنڌ ۾ رهي پيو هو.

هڪ ملڪ کان ٻئي ڏانهن تجارتي مال ڪڻي وڃڻ ڪري اُنَ کي پڻ اهميت ڏني ويندي آهي. سنڌ جي ڪِن علائقن جي آبهوا اُنن پالڻ واري ڏنڌي لاءِ گهڻي فائديمند آهي. اُنن جي نسل جي واڌ ويجهہ لاءِ سنڌوءَ جي چوڙ وارو علائقو نهايت مناسب آهي. 'ڊاڪٽر جئمس برنس' هن باري ۾ لکي ٿو تہ، ”هن غير مناسب علائقن ۾ سنڌوءَ جي چوڙ واري پٽيءَ ۾ پاليا ويندڙ اُٺ ساري ايشيا ۾ مشهور آهن. هن ملڪ ۾ تجارتي مال جي آمدرفت هن جانور وسيلي ٿيندي آهي. (144)

سنڌ جي اُٺ ۾ ٻي خوبي اِها آهي تہ هو گاهہ پاڻيءَ کان سواءِ گهڻي وقت تائين جالي سگهي ٿو. هي جانور کاري پاڻيءَ جي چَرنُ واري علائقي ۾ پاليو ويندو آهي. تنهنڪري هو ٻُک ڏُک جو ڏاڍو هوندو آهي. سندس خاص چارو لاڻي آهي. هن ٻوٽيءَ جي شڪل صورت بہ عجيب آهي، تہ خوبي ۽ خاصيت بہ اچرج جهڙي هوندي اٿس. (145) هن علائقي جا اُٺ انهيءَ ڪري ڪونہ پاليا ويندا آهن جو هي ڏُک سُک جا ڏاڍا آهن، پر هي جانور جڏهن نڌيو هوندو آهي تہ سوارَ هن کي پنڌُ سيکاريندا آهن ۽ گهوڙي جيان هو فقط چڙهيءَ جو ڪم ڏيندو آهي. (146)

هن صوبي ۾ آمدرفت جي نقطهءِ نظر بابت هڪ ڳالهہ تہ بلڪل واضح آهي ۽ اها آهي تہ سنڌوءَ وسيلي ٿيندڙ تجارتي مال جي آمدرفت ۽ خشڪيءَ جون ڪيتريون ئي سڙڪون آهن، جن وسيلي ڪيترن ئي ملڪن جو تجارتي مال ڊوئجي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پهچندو آهي، جيڪو ٻهريائين سمنڊ رستي چوڙ واري علائقي جي بندرن تي لهندو آهي. ساڳيءَ ريت ٻاهرين ملڪن کان درياهہ ۽ خشڪيءَ رستي آيل تجارتي مال بندرن تي لهڻ کان پوءِ خالي ٿيل ٻيڙين ۾ لڏي ڏيساور پڻ موڪليو ويندو هو. قديم زماني کان وٺي هندستان جو تجارتي مال سنڌوءَ جي چوڙ وارن بندرن تي لهندو آيو آهي.

معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ هندستان کان سمنڊ وسيلي فقط اهو مال ايندو هو جيڪو خشڪيءَ وسيلي نِيڻ ۾ ڏکيو هو. هن قسم جي تجارتي مال ۾ ڪي خوشبودار شيون شامل هيون. ملبار جي ساموندي علائقي جو بہ سنڌ جي چوڙ وارن بندرن سان واپار هلندو هو، جنهن جو تعلق پڻ قديم دؤر سان

آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ملبار مان ٻئي تجارتي مال سان گڏ ساڳ وڻ جو ڪاٺ گهرايو ويندو هو، جيڪو سنڌي مهاڻا ٻيڙيون ناهڻ ۾ ڪم آڻيندا هئا. (147) هن ڪاٺ سواءِ اهو ڪاٺ شفار ماٿريءَ جا حڪمران چوٿين صديءَ ق.م ۾ گهرائيندا هئا، جيڪو سنڌن محلات جي تعمير ۾ استعمال ٿيندو هو. (148)

سنڌ سان هلندڙ واپار فقط هندستان تائين محدود ڪونہ هو، پر اوڀر ۽ اولهہ طرف بہ پکڙيل هو. اوڀر پاسي ويندڙ سنڌ جي بندرن تان لڏيل سامان چين جا بندر وجي پهچندو هو. عرب جاگرافيدان اهڙي شاهدي ڏين ٿا تہ چيني تجارتي مال جا ڀريل ٻيڙا هر سال پابنديءَ سان سنڌ جي بندرن تي لهندا هئا، جن تي اُتان جو تيار قيمتي سامان ڀريل هوندو هو. هن باري ۾ مشهور عرب جاگرافيدان جو بيان آهي تہ، چين جا تجارتي ٻيڙا اچي ديبل تي لنگر هڻندا هئا، جيڪي چين ڪان ريشمي ڪپڙو آڻيندا هئا. هندستان جي بندرن تان خوشبودار شيون بہ وٺجي ايندا هئا، جيڪي اچي سنڌ جي بندرن تي وڪڻندا هئا. (149) اهڙيءَ ريت سنڌ وارن ستين صدي عيسوي ڌاران گجراتين سان گڏجي جاوا ۾ پنهنجو بينڪي راڄ قائم ڪيو هو. (150) اهڙيءَ ريت سنڌ جا جاوا سان بہ تجارتي تعلقات پيدا ٿي چڪا هئا. ان سان لاڳاپيل هڪ مشهور سنڌي چوڻيءَ آهي تہ، ”جي ويا جاوا ٿيندا سي ساوا“ اولهہ پاسي سنڌين جو واپار ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن سان قائم هوندو هو.

سنڌ جو ڪپڙو حضرت عيسيٰ عہ جي جنم کان ڪيترين ئي صديون اڳ ميسوپوٽاميا، مصر ۽ يونچ سنڌ جي ڪنارن وارن ملڪن ڏانهن ويندو هو. انهن ملڪن وچ ۾ اهڙا تجارتي تعلقات قديم زماني کان وٺي قائم هئا. اُهي تعلقات گهڻو وقت پوءِ بہ رهندا آيا. ’اگارٿيڊس‘، ’پيريپلس‘، عرب جاگرافيدانن ۽ يورپي مُهمُ جوءَ ماڻهن جون سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن بندرن بابت هڪ جهڙيون شاهديون آهن، جن جو بيان آهي تہ، سنڌ جا مٿي بيان ڪيل اولهہ پاسي وارن ملڪن سان تجارتي تعلقات قائم هئا. (151) ’ابن بطوطا‘ ٺٽي جي بندر جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ، ”هي هڪ وڏو بندر آهي، جتي ايران، يمن ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جا تجارتي ٻيڙا

اچي بيهندا آهن.” (152) ’ادريسي‘ بہ سنڌ ۾ ٻارهين صديءَ دوران آيو هو. جنهن ديبل تي هلندڙ تجارت جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ، ”عمان ۽ ٻين ملڪن کان تجارتي مال سان ڀريل ٻيڙا اچي ديبل بندر تي بيهندا آهن.” (153) ’مئنيوسي‘ قديم دؤر جي هنن بيانن جي پٺڀرائي ڪئي آهي، جيڪو پنهنجي ڪتاب ”اسٽوري دَ موگور“ ۾ لکي ٿو تہ، ”هو جڏهن ”سنڌي“ ۾ لٿو تہ هن ڪيترا تجارتي ٻيڙا ڏٺا جن جو واسطو ايران ۽ عربستان سان هو، جيڪي سامان لاهي ۽ چاڙهي رهيا هئا.“

يورپي واپارين جي هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ (154) هندستان جي تجارتي مال جي گهٽي کپت شروع ٿي وئي هئي. هن ڏس ۾ سنڌ ڪنهن ٻئي هندستاني علائقي کان پٺتي ڪانہ هئي. هن کان اڳ هي ملڪ پورچوگيزي تجارت جو اهم مرڪز بڻجي ويو هو. هن قوم جا واپاري سنڌوءَ سان هاڪاري وحي لاهور پهتا هئا. حقيقت اِها آهي تہ هي يورپي ماڻهو سنڌوءَ جي تجارتي مال جي آمدرفت مان تمام گهڻا ڏوڪڙ ڪمائيندا هئا. هن باري ۾ ’رچرڊ اسٽيل‘ لکي ٿو تہ، ”پورچوگيزن واپارين کي لاهور مان گهڻو فائدو ٿيندو هو.“ اهڙيءَ ريت سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ڪنار وارن ملڪن جو تجارتي مال يورپ ۽ ايشيا جي پورچوگيزي مارڪيٽ ۾ پهچندو هو. (155) پورچوگيزن جي اثر گهٽجڻ سان انگريزي واپاري مٿي اُڀري آيا. هنن ماڻهن جو بہ گهڻو ڌيان سنڌو ماٿريءَ جي تجارتي مال ڏانهن هو. هنن پنهنجي پهرين واپاري ڪوٺي 1615ع ۾ سنڌ ۾ کولي هئي، جيڪا 1662ع تائين هلي هئي. انهيءَ کان پوءِ هنن جا سنڌ سان تجارتي تعلقات ختم ٿي ويا. هنن ٻيو ڀيرو سنڌ ۾ 1758ع ۾ واپاري ڪوٺي کولي هئي، جيڪا وري 1775ع ۾ بند ٿي وئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ سياسي وڳوڙن جي وَرَ چڙهيل هئي. ان کان پنهنجي واپاري مرڪز سورت وسيلي سنڌ سان تجارتي تعلقات قائم ڪيو آيا. پوچوگيزن کان پوءِ انگريزن جي اچڻ ڪري سنڌ جي صنعت ۽ تجارت کي گهڻي ترقي ملي هئي، جيڪي هتان جو تيار مال ڪٽي يورپ ۽ آفريڪا جي مارڪيٽن ۾ کپائيندا هئا. اهڙيءَ ريت سنڌ زماني دوران تجارتي تعلقاتن وسيلي دنيا جي مهذب ملڪن سان روشناس ٿي هئي.

Gul Hayat Institute

باب چوٿون

# مغل دؤر تائين سنڌ جي واپار جو اڀياس

دنيا جي مختلف قومن جي تاريخ عيسوي سن کان ٿورو اڳ واري دؤر سان تعلق رکي ٿي. ان دؤر کان پوءِ به معلوم ٿيندو ته تاريخي علم جي معنيٰ به بلڪل محدود هئي. جنهن جو اصلي مقصد شاهي ناٺ ۽ اڊمبر جو مظاهرو ڪرڻو هوندو هو ۽ هر ملڪ جي بادشاهه جو تاريخ بابت اهو ساڳيو نقطءِ نظر هو. اهڙيءَ عظمت جي ڪهڙي ۽ مُنجهيل مهاڄار ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي مُهم جوئيءَ ڪي ڪابه جڳهه ڪانه هئي. اهڙي منجهيل وايومنڊل ۾ واپار ۽ تجارت بابت معلومات فقط حالتن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته ان بابت ڪي به سڌيون شاهديون موجود ڪونه آهن. قديم دؤر جي دستاويزن مان تجارت جي ڏس ۾ ڪابه سڌي شاهديءَ موجود ڪانه آهي. ان جو مطلب اِهو ٿيندو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن موضوع بابت معلومات گڏ ڪندو ته اها ايتري گهٽي ڪانه هوندي ۽ گهڻو ڪري اها به امڪاني اندازن تي ٻيڌل هوندي. هن کان سواءِ هڪ محقق جڏهن ايشيا جي ملڪن خاص ڪري سنڌ جي تجارت بابت کوجنا ڪندو ته ڪيس عيسوي سن وارين شروعاتي صدين جون پروسي جوڳو تاريخي احوال ملي ڪونه سگهندو.

سنڌ جي وڏ ۾ وڏ قديم تاريخ "چچنامو" آهي، جنهن ۾ تحرير ٿيل تاريخي احوال ڇهين صدي عيسويءَ سان تعلق رکي ٿو. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي معلومات لاءِ ٻين قومن جي تاريخن مان هِتان هُتان ميڙ چونڊ ڪرڻي پوندي. هن قسم جي ابتدائي مشڪلاتن ڪري هندستان جي مغل شهنشاهت واري دؤر کان اڳ سنڌ جي تجارتي تاريخ مٿاڇري ۽ اُتاڇري

Gul Hayat Institute

هوندي ۽ ان کي هِتان هُتان ميڙي چوندي ڳنڍُ ٺوپو ڪري هڪ جاءِتو ڪري سگهجي ٿو.

هندستان جي مختلف مشهور ۽ قديم تذڪرن ۾ سنڌ کي ”سپت سنڌ“ ۽ ڪڏهن ”سنڌوديش“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ويدن ۾ هن ڌرتيءَ کي سُڪر ۽ سٺائي واري سَدوري سرزمين سڏيو ويو آهي. هڪ هنڌ ويد جي پَتَ يا چارڻ سنڌ کي ”ابدي جواني ۽ ازلي سونهن سڏيو آهي.“ هي سنڌ جي مختلف قسمن جي پيداوار جو ذڪر ڪري ٿو ته، ان ڏينهون ڏينهن وڌندڙ وڻج واپار جي ساراهه ڪندي ڪونه ٿو ڍاپي. (156) پر ڏک جي ڳالهه اِها آهي ته ويدن جي دؤر بابت ويساهه جوڳيءَ معلومات ڪانه آهي. محققن جو هن باري ۾ اتفاق راءِ موجود ڪونه ٿو ڏسجي. پر هن ڳالهه تي متفق آهن ته اُهي هندستان جا پراڻي ۾ پراڻا ڪتاب آهن. پر ڪن عالمن جو خيال آهي ته اهي ڪتاب 1000 ق.م کان 1500 ق.م جي وچ واري دؤر سان تعلق رکن ٿا ۽ ڪي عالم هن خيال جا آهن ته انهن ڪتابن جو زمانو مٿي بيان ڪيل دؤر کان هڪ هزار سال اڳ سان لاڳاپو رکي ٿو. جيتوڻيڪ هي سنڌ بابت نهايت قديم حوالا آهن، پر ان هوندي به ڪو متعين دؤر ڪونه ٿو ملي. ليڪن هن قسم جي مايوسيءَ هندستان جي قديم آثارن جي کاتي طرفان ڪيل کوجنا ۽ هٿ آيل لاڌ وسيلي دُور ٿي وڃي ٿي. هن کاتي سنڌ ۾ هندستان جي هڪ نهايت پراچين سڀيتا جو انڪشاف ڪيو آهي. سنڌ ۾ اهو ڪو اڪيلو قديم ماڳ ڪونه آهي، جنهن مان هن پراچين سڀيتا جا اهڃاڻ مليا آهن. پر هن ڌرتيءَ تي اهڙا پراڻا ٿرڙ تمام گهڻا آهن. جهڙوڪ: موهن جو دڙو، چانهونءَ جو دڙو، جهڪر ۽ آمري (157) آهي. پر اهڙن ننڍن وڏن ثقافتي ماڳن جو تعداد سانيڪو ڪن آهي. اهڙن ماڳن وسيلي سنڌ جي تجارت بابت هڪ پروسي جوڳي جاڻ ملي وڃي ٿي ته ٽينءَ صديءَ دؤران اها اؤسر جي ڪهڙي ڏاڪي تي هئي. موهن جي دڙي واري شهر جي اوّج جو به قديم آثارن جي دؤر جي ناتي اهو ساڳيو زمانو آهي. حقيقت اِها آهي ته ويدن، هندستان جي مختلف تذڪرن ۽ سنڌ جي قديم آثارن جي لاڌ مان اُن قديم دؤر جي تجارت جي سولائيءَ سان سوڌي جاڻ ملي وڃي ٿي.

ابتدا ۾ ئي هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڏيڻ لازمي آهي تہ سنڌ جي ثقافتي ماڳن جي زماني کي ميسوپوٽاميا جي ثقافتي ماڳن جي زماني سان ملائي تحقيق ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ اتان جي ثقافتي ماڳن مان هٿ آيل ڪجھہ لاڏ سنڌ جي صنعت سان لاڳاپيل آهي. هتان ماڻ جون ڪي اهڙيون شيون هٿ آيون آهن جن جي خاصيتن مان پتو پوي ٿو تہ اُهي سنڌ جون نهيل آهن، جيڪي هتان جي قديم ماڳن جهڙوڪ: ”لاگاش“ ۽ ”اُر“ مان هٿ لڳيون آهن. هنن قديم ماڳن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اُهي ٽين ۽ صدي ۽ دؤران ويران ٿي چڪا هئا. (158) تنهنڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ موهن جو دڙو پنج هزار سال پراڻو آهي. ان عجيب لاڏ جي پنيرائي ۽ ميٽڻ ۽ نڪر- ٽانوَ تي نظر ايندڙ مرڪزي خيال وغيره مان محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيڪو پڻ ساڳئي نتيجي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هن قسم جي دؤرن وسيلي اسان کي چڱيءَ ريت پتو پئجي وڃي ٿو تہ سنڌ جي تجارت 3000 ق.م دؤران پوري عروج تي پهتل هئي.

## سنڌ جي ململ

موهن جي دڙي ۽ سنڌ جي ٻين اهڙن قديم ماڳن مان هٿ آيل شين جي آثارن تي پوري ويساھہ سان چئي سگهجي ٿو تہ، سنڌي ماڻهو ڪن شين جي تيار ڪرڻ ۾ هڪ مهان ڪاريگر هو. سنڌوءَ ماٿريءَ جي وڏي ڪاريگري ڪپڙي جي صنعت سپني ڪان نمايان آهي. هن ڪان سواءِ موهن جي دڙي مان ڪي ٻيون ثقافتي شيون هٿ لڳيون آهن، جن مان پڻ شاهدي ملي ٿي تہ هتي ڪپڙي اُڻڻ جو ڌنڌو عام هو، جهڙي ريت پوئين دؤر جي هندستان ۾ هو.

سُٽ ڪتڻ جا عام رواجي ۽ قيمتي چرخا پڻ انساني رهائش گاهن مان هٿ لڳا آهن. اهو امڪان ڪونہ آهي جو ڪوئي ڪپڙو پنج هزار سال سالم رهي سگهي. تنهنڪري سنڌ جي قديم ماڳن مان ڪپڙي جو ڏگهو ٽڪرو ڪونہ ملي سگهيو آهي. پر ڪپڙي جو هڪ ننڍڙو ٽڪر هٿ ضرور آيو آهي، جيڪو چاندي جي هڪ آرائشي ٽانوَ سان چنبڙيل هو. جاچ پڙتال لاءِ اِهو ڪپڙي ٽڪرو ”هندستان جي ڪپھہ واري تحقيقاتي مرڪزي

ڪميٽيءَ" جي حوالي ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت اُن ڪپڙي جي چڱي ريت جاچ پرک مان معلوم ٿيو هو تہ، سنڌ جا ڪوري پنهنجي هن ڌنڌي ۾ مهان ڪاريگر هئا ۽ اعليٰ قسم جي ڪپهہ جي چونڊ ڪرڻ ۾ ذات ڏٺي هئا. ويدن جي پَٽ "ڪپهہ واري تحقيقاتي ڪميٽيءَ" جي خيالن جي پٺڀرائي ڪري ٿو. ٻڌائي ٿو تہ، "سنڌ ۾ نهايت اعليٰ ڪپڙو اُجندو آهي." (159)

هاڻي هن حقيقت کي قبول ڪيو ويو آهي تہ، سنڌ اعليٰ سوٽي ڪپڙي جي صنعت ۾ قديم دنيا ۾ مشهور ۽ معروف هئي. موجوده دؤر ۾ جهڙيءَ ريت چين چينيءَ جي ٿانون جوڙڻ ۾ مشهور آهي. تهڙيءَ ريت سنڌ اوچي ۽ اعليٰ سوٽي ڪپڙي جي صنعت ۾ ساري دنيا ۾ مٿاهين هئي. سنڌ جي سوٽي ڪپڙي کي اوچيءَ ۽ اعليٰ جنس ڪري گهڻي اهميت ڏني ويندي هئي. تنهنڪري اُن ملڪ جو نالو بہ هنڌين ماڳين وڃڻ لڳو هو، جتي اُهو ڪپڙو اُجندو هو. فرعونن جي سرزمين مصر، شهري تهذيب جي ملڪ ميسوپوٽاميا، جمهوري حڪومتن جي ماءُ يونان ۽ قديم دنيا جي خوبصورت روم ۾ سنڌ گهڻي مشهور هوندي هئي. ان کان سواءِ سنڌ قديم بابل ۾ سوٽي ڪپڙي ڪري ٻڻ گهڻي مشهور هوندي هئي. (160)

سنڌ جي هن سوٽي ڪپڙي کي قديم يونان ۾ "سنڌون" نالي سان سڏيو ويندو هو. عربيءَ ۾ هن ڪپڙي کي "ساتن" ۽ توريت زبور ۾ هن کي "سادن" نالي سان ڪوٺيو ويو آهي. (161) سنڌ جي هن ڪپڙي کي گهڻي اهميت ڏني ويندي هئي، جيڪو وڻن مان چونڊيل ڪپهہ ۾ اُٽي تيار ڪيو ويندو هو. 800 ق.م ۾ بابل جي حڪمران 'سنخريب' هنن وڻن لاءِ انڊيا ماڻهو موڪليا هئا. (اسيريا جا ماڻهو سنڌو ماٿريءَ کي انڊيا سڏيندا هئا.) هن حڪمران اُهي وڻ سنڌ مان آڻائي "نينوا" ۾ پنهنجي محلات واري باغ ۾ پوکايا هئا. اُنهن بابت سندس بيان آهي تہ، اُهي وڻ اُن جهليندا هئا، جنهن کي چونڊي پِڃي پوءِ ڪپڙو اُٽيو ويندو هو. اُن کان پوءِ (162) 'زر زيڪس' (450 ق.م) جي زماني ۾ سنڌ جا سوٽي ڪپڙا وڏي اهميت جي لائق هوندا هئا. يونان جو مشهور مؤرخ 'هيرودوٽس' (جنهن کي تاريخ جو ابو سڏيو ويندو آهي،) سنڌيءَ فوج جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن کي سوٽي ڪپڙا پاتل هئا. (163) سنڌ انهيءَ زماني ۾ ايراني شهنشاهت جو

حصو هئي. اُن قديم سنڌ ۾ اڄوڪي سنڌ ۽ پنجاب ٻہ شامل سمجهڻ گهرجي. هن حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ سوٽي ڪپڙي جي صنعت ۾ گهڻي مشهور هوندي هئي ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ڏانهن هن قسم جو تجارتي مال روانو ڪندي هئي.

## سنڌ جي وينجهارن جي وٽ مڻيا

هن تجارتي وِٽ ڪان سواءِ موهن جي دڙي واري شهر جي عروج واري زماني ۾ وينجهارڪو ڏندو چوٽ تي چڙهيل ڏسجي ٿو، جتي وينجهار وڃي قيمتي پٿرن مان مڻيانِ جوڙيندا هئا. سنڌ هن قسم جي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ ڏاڍي مشهور هوندي هئي. هن قسم جي هنر ۽ ڪاريگري ناتي چانهون جي دڙي وارو شهر مرڪزي حيثيت رکندو هو. هي ماڳ موجوده نوابشاهہ شهر جي ويجهو هوندو هو.

هتي اهڙين مڻين جو گهڻو انگ مليو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي تجارتي مال فقط شهر جي استعمال لاءِ نہ پر سڄي سنڌ جي استعمال لاءِ تيار ڪيو ويندو هو. هتان اهڙا مڻيان بہ مليا آهن، جيڪي تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ آهن. ان ڪان سواءِ اهڙا گهڻا اوزار بہ هٿ لڳا آهن، جن وسيلي قيمتي پٿر کي ڪَپي ڪوري مڻئي جي شڪل ڏني ويندي هئي. هن مان ثابتي ملي ٿي تہ هتي هن قسم جي ڌنڌي جو مرڪز قائم هو.

سنڌ جي قديم ماڳن تان اهڙا گهڻا مڻيان هٿ لڳا آهن، جيڪي هن ڌرتيءَ جي صنعتي پيداوار سان تعلق رکن ٿا ۽ هتان جي ڪاريگر جي ڏانءُ ۽ ڏات کي ڏسي هر ماڻهو اچرجُ کائيندو آهي. هن تجارتي مال جي ناهڻ ۾ وڏي سُرت ۽ سڄيناڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. هن قسم جي صنعت ۾ مختلف ٿيهہ شيون ڪَٽبُ آنديون وينديون هيون، جن مان اهم عقيق، سنگ يشب، سنگ يشم، سنگ سليماني، لاجورد، فيروزو، سنگ جراحت يا سيلکڙي، چاڪ پٿر ۽ نڪر جا آهن. قديم دوَر جا هي مڻيان مختلف قسمن جا آهن. جيڪي ٿيهن مختلف شين جهڙوڪ: ابرق يا پوڏل پٿر، رائبند، سنگ يشم نيرو، سنگ يشم ڳاڙهو، سنگ يشم پيلو، سنگ سليمانيءَ و قسم، گهڻ- رنگو سنگ سليماني، سائي رَنگ جو فيلسپار، هيلد، پلازما،

تروپ، ڪائو پٿر، سنگِ يماني، سائي رنگ جو نيفيلائين، سنڪُ، چيني، خاڪي يا سفيد رنگ جو پٿر، بلور پٿر، زجاجي پٿر جي ليئي، ليڪن وارو پٿر، هاماتائيت (گول يا نلڪيءَ جي شڪل ۾ مختلف حصن ۾ ورهايل)، ارن جي شڪل ۾ چَڪرُ، ڊگهي نلڪيءَ جهڙو، ننڍيءَ نلڪي جهڙو، ٻنهي پاسن کان سنهون وچ تي ٿورو ٿلهو، بيضوي شڪل جهڙيءَ نلڪيءَ وانگي، چوڪندو، بيضوي، بيضوي شڪل تي اڌ گول، تراڪڙي شڪل تي گول وغيره شين ۽ شڪلين ۾ مشتمل آهن.

ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي قسم آهن جن جي درجي بنديءَ ڪري ڪانه ٿي سگهجي. هن قسم جي مواد مان مڻين ناهڻ تي جڻ مطمعن ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. چاڪاڻ ته ٻه ٽي شيون ملائي ڳنڍائي پڻ مڻين ناهڻ جي ڪاريگري ڏيکاري وئي آهي. اهو به ڏسجي ٿو ته هڪ مڻئي کي ڳاڙهي عقيق ۽ نيري سنگِ يماني کي ملائي ناهيو ويو آهي، جنهن ۾ پنج ٽڪرا ڳنڍيل آهن. اهو مڻيو ٽامي جي دٻيءَ ۾ پيو هو. جيڪڏهن اُهو مڻيون پيچي نه پوي ها ته ڪنهن کي خبر ڪانه پوي ها ته اهو مختلف قيمتي پٿرن جي ٽڪرن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ناهيو ويو آهي. ان کان علاوه مڻين جوڙڻ جو هڪ ٻيو طريقو پڻ نظر اچي ٿو، يعني مڻين کي چمڪدار بنائڻ. نڪر جا مڻيان به ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن کي چمڪائڻ لاءِ چينيءَ جو ريهو ڏنو ويو آهي. هن قسم جا مڻيان بلڪل ٿورا لڌا ويا آهن. جيڪي اڄ لپ شين جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. مڻين کي چمڪدار بنائڻ واري ذات جو هڪ مثال موجود آهي، جنهن ۾ هڪ مڻئي تي چمڪ جا ٻه تهه چاڙهيا ويا آهن. پهرينءَ نظر سان ماڻهو سمجهندو ته اهو مڻيو ڪائي جو ٺهيل آهي. پر چٽائي (164) ڏسڻ سان پتو پوندو ته اهو شيشو نه پر نڪرُ آهي، جنهن کي مٿان پهريائين پورو، پوءِ سفيد رنگ سان چمڪايو ويو آهي.

هنن حقيقتن مان چڱيءَ ريت پتو پئجي سگهي ٿو ته ٽينءَ صديءَ جا قديم سنڌي ماڻهو مڻين ناهڻ جي ڪاريگريءَ ۾ ماهر انسان هئا.

’ڊاڪٽر مئڪي‘ پڻ هن ڳالهه جي پنيرائي ڪري ٿو. هن قسم جي صنعت تي پنهنجي نقطهءِ نظر جو بيان ڪندي نتيجو ڪڍي ٿو ته مڻين اندر

ڪڏيل سوراخ ايترا صاف ۽ لسايل آهن، جيترو مڻين جو ٻاهريون پاسو آهي. هن قسم جي هنر ۾ ذات ۽ ڏانوَ جي ضرورت آهي. چاڪاڻ تہ عقيق جهڙي سخت پٿر کي گهڙڻ، ناهڻ، سوراخ ڪڍڻ ۽ ان کي لسائي سهڻو بنائڻ ۾ سُرت ۽ سُچيتائيءَ جي ضرورت آهي.

معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ هر هڪ مڻئي کي ٻنهي پاسن کان سوراخ ڪڍيو ويو آهي. ڪن مڻين ۾ ٻنهي پاسن کان سوراخ اهڙيءَ ريت ڪڍيل آهن جو اُهي مڻئي جي صفا وچ تي وڃي پاڻ ۾ ملن ٿا. هر مڻئي جي اندرئين پاسي بہ نهايت خبرداريءَ سان اهڙي تہ پالش ڪئي وئي آهي جو اڇا يا نيم شفاف نشان تہ نظر ئي ڪونہ ٿا اچن. تنهنڪري پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سندن مڻئي ناهڻ جو ڏانءُ نهايت عروج تي پهتل هو. (165)

چانهوءَ جي دڙي واري شهر ۾ تيار ٿيندڙ هي مڻيان رڳو سنڌ جي ماڻهن جي استعمال لاءِ تيار ڪونہ ٿيندا هئا، پر هن قسم جو تجارتي مال ڏور ڏيساور بہ موڪليو ويندو هو.

شنار ماتريءَ جي ڪيترن ئي قديم آثارن مان سنڌ جا نهيل مڻيان ۽ ٻيون بہ اهڙيون ثقافتي شيون هٿ لڳيون آهن، جنهن مان سنڌ سڀيتا جي پراچينتا ثابت ٿي وڃي ٿي. تاريخ ۽ قديم آثارن طرفان اهڙي معلوم ڪانہ ٿي ملي تہ سنڌ ڪهڙن ملڪن ڏانهن پنهنجا تيار ٿيل مڻيان موڪليندي هئي. پر اهڙيون ثابتيون ميسوپوٽاميا مان ضرور مليون آهن، جتان سنڌ جا ڪيترا ئي مڻيان هٿ لڳا آهن.

### سنڌ جو نير

سنڌ ۾ اولهہ هندستان جي ٻي اهم پيداوار نيرُ هوندو هو، جيڪو ڏور ڏيساور موڪلڻ لاءِ سنڌ جي بندرن تي پهچندو هو. هن قسم جو روانگي واپار قديم دؤر کان وٺي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. 'لئسن' ۽ 'ولڪنسن' هن باري ۾ گهڻي کوجنا ڪئي آهي، جنهن مان کين هي ڄاڻ ملي آهي تہ "پٿرامڊ" واري دؤر کان وٺي مصر ۾ نيرُ جو گهڻو استعمال ڏسجي ٿو.

### سنڌ جون مهرون

سنڌ جي ٿرڙن (قديم آثارن جي ماڳن) مان (166) اسان کي سوڌيءَ

ڄاڻ ملي ٿي تہ سنڌي ماڻهوءَ مُهرن ٺاهڻ جا بہ مهان ڪاريگر هئا. اجا تائين اهڙي ڄاڻ ملي ڪانہ سگهي آهي تہ اهي مُهرون ڪهڙي ڪم ۾ ڪَتب آنديون وينديون هيون. امڪان آهي تہ اُهي واپاري نشان يا تعويذن جي مقصدن سان ڪم آنديون وينديون هجن. پر معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ انهن جو استعمال اهم هو. ڇاڪاڻ تہ انهن کي ٺاهي تيار ڪرڻ ۾ گهڻي سوچ ويچار ۽ پورهئي جي ضرورت هئي. فرات ۽ دجلہ واري ماٿريءَ مان ڪجهہ اهڙيون مُهرون هٿ لڳيون آهن، جيڪي سنڌ جي مُهرن سان ساڳيائپ رکن ٿيون. هن حقيقت ڪري موهن جي دڙي واري سڀيتا جي قدامت جو پتو پئجي سگهيو آهي.

موهن جي دڙي ۽ سنڌ جي ٻين ٿرڙن مان اهڙيون شاهديون مليون آهن، جن جي آثارن تي چئي سگهجي ٿو تہ هتي ٻيون بہ ڪي ثقافتي شيون جُڙنديون هيون. ويدن جا اشلوڪ بہ عالمن کي ڪي ڳالهيون ياد ڏيارين ٿا تہ انهيءَ قديم دؤر ۾ سنڌ ٻيون بہ ڪي تجارتي شيون ٻاهر موڪليندي هئي.

## سنڌ جي گهوڙن جو واپار

اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي گهوڙن پالڻ جا بہ ڏاڍا شوقين هوندا هئا. ويد وياس سنڌ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، سنڌ ۾ بهترين نسل جا گهوڙا آهن. (167) پالي تحريرون بہ هن ڳالهہ جي پنيرائيءَ ڪن ٿيون. ٻُڌن جي جتڪن جو بيان آهي تہ، ”هندستان ۾ اُتر طرف ۽ سنڌ کان سوين گهوڙا آندا ويا آهن.“ (168) اجنا جتڪ، رَٿنَ واريءَ جنگ ۾ حصي وٺندڙ هڪ جنگي جوڙي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، ان سورمي جي رٿ ۾ سنڌ کان آندل بہ ڀلا گهوڙا جوٽيل هئا.“ (169) سنڌ جا گهوڙا ايڏا تہ ڀلا هوندا هئا جو پوچ جنويا جتڪ جو بيان آهي تہ، ”بوڌي ست، سنڌ جي هڪ نهايت ڀلي گهوڙي تي سوار ٿي آيو هو.“ معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ سنڌ قديم زماني کان وٺي ڀلا گهوڙا ڏور ڏيساور موڪليندي هئي.

## سنڌ جي اناج جو ڏيساور واپار

انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌ جو ٻيو تجارتي مال اناج هوندو هو. هي

ملڪ ڪنهن زماني کان وٺي کاڌ خوراڪ جون جنسون ٻاهر موڪليندو رهيو آهي، جنهن بابت ڪي حقيقتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

ويدن جو پَتُ هن ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ، ”هن (سنڌ) کي ڏاڍي سهڻي نموني سان سينگاريو ويو آهي. هتي کاڌ خوراڪ سان لاڳاپيل شيون تمام گهٽيون ٿينديون آهن.“ (170) هتان جا ماڻهو ايڏي ججهيءَ اُپت کي ضرور ٻاهر موڪليندا هوندا. پهريائين اسان کي ججهيءَ پيداوار جو بيان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو اڻ سڌو آهي. پوءِ اهڙي پيداوار جو سڌو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان انومان ملي ٿو تہ انهن جنسن کي ٻاهر روانو ڪيو ويندو هوندو.

مٿي سنڌ جي مختلف تجارتي مال جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو موهن جي دڙي واري زماني ۽ ويدن جي دؤر ۾ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو. جيتري قدر درآمدي تجارتي مال جو تعلق آهي تہ اُن بابت ڪو يقين جوڳو احوال موجود ڪونہ آهي. اُن بابت ڪي اڻ سڌيون حقيقتون ۽ انومان موجود آهن، جنهن ڪري ڪجھ نہ ڪجھ اطمينان ٿي وڃي ٿو. جيلاجيڪل سروي آف انڊيا جي ’سر اي. پاسڪوءَ‘ موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڌاتن ۽ ڪاڻ سان لاڳاپيل ٻين شين جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ، هن ماڳ جا ماڻهو تجارتي مال جي تياري لاءِ اهڙيون ڪي شيون ٻاهران گهُرائيندا هئا، جيڪي هتي ملي ڪونہ سگهنديون هيون. هن انهن شين جي هڪ پنوتري (فهرست) ڏني آهي، جيڪي موهن جي دڙي (171) واري ماڳ جي مختلف تهن تان هٿ لڳيون آهن ۽ انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌ جيڪي شيون ٻاهران گهرائيندي هئي، جنهن ۾ سون، چاندي، ٽامون، شيهو، ٽِن وغيرہ شامل آهي. مختلف مڻين جي تياريءَ لاءِ قيمتي پٿر بہ ٻاهران ايندو هو. ڏامر، سليٽ، ڀُيرڙي ۽ ڪارو سنگِ مرمر پڻ گهرايو ويندو هو.

موهن جي دڙي واري شهر جي اوُج واري زماني (3250 ق.م. کان 2700 ق.م تائين) ۾ سنڌ جي تجارت بابت مليل شاهدين مان اُن دؤر جي تجارت جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي. پر سنڌ جا قديم زماني کان ڏور ڏيساور سان تجارتي تعلقات ضرور قائم هئا. شنار ماٿريءَ يا ميسوپوٽاميا

جي ادب ۾ سوٽي ڪپڙن جا سنڌي نالا. اُتان لڌل نِڪر جي ٽانون جون طرزون ۽ مُهرن جو نمونو ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جا ايراني نار وارن علائقن سان نهايت قديم تجارتي تعلقات قائم هئا.

'لئسن' ۽ 'ولڪسن' مصر ۾ قديم آثارن جي تمام گهٽي کوجنا ڪئي آهي، جنهن مان هن نقطءِ نظر جي پنيرائي ٿي وڃي ٿي تہ سنڌ ۽ مصر ۾ قديم تجارتي تعلقات قائم هوندا هئا. (172) اهڙي پڻ گواهي ملي ٿي تہ اهڙا تعلقات سڌا ڪونہ هئا، پر سابي بندرگاهن وسيلي قائم هئا. جهڙيءَ ريت 'اگارٽار سيڊس' ذڪر ڪيو آهي. جيڪو ٻي صدي ق.م ۾ اليگزينڊريا جي لائبريريءَ جو صدر هو. (173) ايئن ڪرڻ سنڌي واپارين لاءِ وڏيڪ سولو هو جو هو پنهنجو تجارتي مال عربي بندرن تي لاهي، ايراني نار کان ٿيندا، پنهنجي ڏيهہ ڏانهن سِڙهہ سنوارينداهئا. هن قسم جي تجارتي آمدرفت ڪري سنڌ جا واپاري سابي بندرن تان تجارتي مال کڻي اچي ايراني نار ۾ وڪڻندا هئا.

سنڌ جو تجارتي مال عربستان وسيلي فلسطين بہ پهچندو هو. چاڪاڻ تہ يهودي، سنڌ جي سوٽي ڪپڙي کي "ساٽن" ڪري سڏيندا هئا. ان کان پوءِ جڏهن يوناني ۽ رومي مهذب قومن ۾ شامل ٿيا تہ هنن قومن جا پڻ سنڌ سان تجارتي ناتا قائم ٿي چڪا هئا. سنڌ جي سوٽي ڪپڙي جو سندن ٻولين ۾ نالو هن ڳالهہ جي شاهديءَ لا ڪافي آهي تہ هتان جو اُهو ڪپڙو اُنهن ملڪن ڏانهن پڻ ويندو هو. بمبئي گزيٽيئر جو مؤلف بيان ڪري ٿو تہ، روم جا سنڌو ماٿريءَ سان واپاري ناتا هوندا هئا. هو ٻڌائي ٿو تہ هنن پنهي ملڪن جي تجارتي اهميت انهيءَ ڪري آهي جو انهن مان هڪ اولهہ ۽ ٻيو اوڀر واري تجارتي رستي تي قابض آهي. (174) انهن ملڪن کان سواءِ سنڌ جا افغانستان، خراسان (ايران)، تبيٽ (تبت)، برما، ڏکڻ هندستان ۽ نيگيريءَ سان تجارتي تعلقات هوندا هئا. جنهن ڏانهن 'سر پاسڪوءِ' بہ اشارو ڏنو آهي. هنن ملڪن مان مختلف قسمن جا ڌاتو ۽ اهي شيون گهرايون ويندئون هيون جيڪي کاڻين مان ملن ٿيون. اهڙيءَ ريت اسان کي معلوم ٿي وڃي ٿو تہ، تاريخي دؤر کان اڳ سنڌ جا انهن ملڪن سان تجارتي تعلقات قائم هوندا هئا. (175)

سنڌ جي قديم آثارن جي ناتي مليل معلومات کان سواءِ ويد بہ ڪن حقيقتن جي شاهديءَ ڏين ٿا. پر تاريخ انين صديءَ عيسوي ۾ عرب فتح تائين سنڌ بابت بلڪل ماٺ آهي. ٻاهرين ملڪن جي ادب ۾ سنڌ بابت احوال بہ ڪو اُڙيو ٽِڙيو آهي. اهڙيءَ ريت ڪو بيو احوال بہ معلوم ڪونہ آهي، جنهن مان سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ جو پتو پئجي سگهي. ڪي اڻ پورا حوالا ضرور آهن، جيڪي سنڌ جي تجارت بابت اڻ سڌا اشارا آهن. موهن جي دڙي مان هٿ آيل ثقافتي شين جي احوال ۽ ويدن جي بيانن کان پوءِ ايران جي حڪمران 'دارا' جي دؤر جون لکتون موجود آهن، جيڪو 522 ق.م کان 486 ق.م تائين اُن ملڪ جو شهنشاهہ هو. مذڪورہ لکتون ٻڌائين ٿيون تہ سنڌ، ايران جي ويهين سٽرپئي يا دارا جي ايراني شهنشاهت جي ڏنُ پرڻ وارو ويهون ملڪ هو. (176)

يونان جو مشهور مؤرخ 'هيرودوٽس' ٻڌائي ٿو تہ، هي ويهون ملڪ دارا جي ايامڪاريءَ دوران ايران سان ملايو ويو هو." هن 'اسڪائي لئڪس' کي حڪم ڪيو هو تہ هن ملڪ جي جاچ پڙتال لاءِ گندارا واري طرف کان مهم جي شروعات ڪئي وڃي. 'هيرودوٽس' جو ايران بابت ڏنل حال احوال نهايت اهم آهي، جيڪو سنڌو ماٿريءَ سان تعلق رکي ٿو. هي ٻڌائي ٿو تہ، سنڌ، ايران شهنشاهت ۾ ڏنُ ڏيڻ وارو هڪ اهم علائقو آهي، جيڪو سون جا 360 ايوبائڪ ٽئلينٽ ادا ڪندو هو. اهو خراج ايران حڪومت ۾ شامل هر علائقي کان تمام گهڻو هو، جيڪو ان وقت ڏهہ لک اسٽرلنگ پائونڊ جي برابر هو. (177) اهو خراج سون جي شڪل ۾ ڏنو ويندو هو. اچرج انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ سالياني خراج لاءِ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ايترو گهڻو سونُ ڪٿان آڻيندا هوندا؟ انهيءَ بابت فقط اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ايترو سون فقط تجارت وسيلي ڪمايو ويندو هو.

'ڊاڪٽر راڌا ڪمور مُڪرجي' گُپت دؤر کان اڳ هندستان ڏانهن سونُ اچڻ جو پروسي جوڳو احوال بيان ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ، سنڌ ڏانهن ڇهين صدي ق.م ۾ ايتري سون جو اچڻ سندس تجارت ڪري هو. هي ملڪ ساري دنيا ۾ پر خاص ڪري روم کي آرائشي سامان ڏيندو هو ۽

اڪيلي سر 'دارا' کي تمام گهڻو خراج ادا ڪندو هو، جيڪو سيني ايشيائي ملڪن کان ملندڙ خراج جو ٽيون حصو هوندو هو. (178)

خراج جي وڏيءَ رقم جي ادائگيءَ مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌ جو واپار نهايت عروج تي هوندو هو، جنهن ڪري سنڌ جا واپاري تمام گهڻو نفعو حاصل ڪندا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن سنڌو ماٿريءَ کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان 'اسڪائي لئس' کي جاچ پڙتال جي مُهم تي موڪليو هو.

'ڊاڪٽر بريسٽيڊ' بہ هن ڳالھہ ڏانهن اشارو ڏنو آهي تہ، ايران جي شهنشاھہ کي سنڌ جي وسيع تجارت موهي وڌو هو ۽ 'اسڪائي لئس' کي اهڙي مُهم تي روانو ڪيو هئائين. هو ٻڌائي ٿو تہ، اها دارا جي تدبرُ جي نشاني هئي جو هُو اِهو اهم ڪم ڪري وڏي سامونڊي طاقت بڻجي پيو هو. (179) ٻاهرين تاريخي دستاويزن مان هيءَ حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي تہ ڇهين صديءَ ق.م دؤران سنڌ جي تجارت نهايت عروج تي هئي.

سنڌ جي تجارت بابت ٻيو حوالو 'سڪندر' جي ڪاھہ جي معلومات مان ملي وڃي ٿو، جيڪا هن چوٿين صديءَ ق.م دؤران سنڌ تي ڪئي هئي. اِها پڪ ڪانہ آهي تہ اُن زماني ۾ سنڌ جو راجا ڪير هو؟ پر جابلو علائقي جي هڪ راجا جو نالو 'سامبو' ٻڌايو وڃي ٿو. 'ائرين' سڪندر جي جنگي مُهم جي ناتي سنڌو ماٿريءَ جي جن جڳهن جا نالا ٻڌايا آهن سي ايماندار عالمن جي اڻٿڪ ڪوششن سان سڀ سڃاتا ويا آهن. اها حقيقت ڪٿي ڪيئن بہ هجي پر سڪندر جي جنگي مهم مان ڪي ڳالهيون پڻ معلوم ٿيون آهن. هن ڳالھہ کان تہ ڪنهن بہ صورت ۾ انڪار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي ۽ مڃڻو پوندو تہ سڪندر، سنڌ آيو هو. هن حقيقت کي بہ تسليم ڪرڻو پوندو تہ سڪندر جي فوج سنڌوءَ وسيلي سفر ڪري هيٺ رواني ٿي هئي. ان کان پوءِ هو انهن ٻيڙين وسيلي هاڪاري ايراني نار پهتو هو، جيڪي هن سنڌ مان هٿ ڪيون هيون. 'ائرين' تي حقيقت کي وڌائي پيش ڪرڻ جو الزام مڙهي ڪونہ ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سندس بيان آهي تہ، سڪندر سان گڏ 800 ٻيڙيون هيون، جن ۾ فقط ٽيھہ جنگي ٻيڙا هئا ۽ باقي اُهي ٻيڙيون هيون جيڪي سنڌوءَ ۽ سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان



Gul Hayat Institute

ڪاروبار تي دنگي ڄمائڻ لاءِ پامير جي ڪاڇي واري جوَءِ تي قبضو ڪيو هو. سنڌ ۽ ڪانياواڙ کي هن ارادي سان فتح ڪيو هئائين تہ جيئن سنڌوءَ جي آمدرفت تي قبضو ڪري سگهجي. ٿوري وقت کان پوءِ باختري يونانين کي سٿين ۽ ساڪا حڪمرانن، چين ۽ هندو ڪُش واري جوَءِ مان ڀوڄائي ڪڍيو. (183) پوءِ سنڌو ماٿريءَ جي هيٺئين جوُءِ مان بہ کين نيڪالي ڏني وئي هئي. هنن کان پوءِ پارٿين حڪمرانن جو وارو آيو. (184)

پيريپلس جو يوناني مصنف بہ هن دؤر ۾ سنڌ آيو هو، جنهن جي نالي جي خبر ڪانہ آهي. هن سنڌ کي انڊو- سوٿيا نالي سڏيو آهي. ان کان سواءِ هو سنڌ جي مينگر شهر کي هنن حڪمرانن جي راڄڌاني ڪوٺي ٿو. (185) هو پنهنجي خيال جو وڌيڪ اظهار هن ريت ڪري ٿو تہ، ”هي ملڪ پارٿين خاندان جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي، جيڪي هن ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا آهن. (186) ان کان پوءِ واري تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هر حڪمران ٻئي کي پڃائي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حضرت عيسي جي ڄمڻ کان ٿورو اڳ ۽ ٿورو پوءِ هن خاندان جي چاليهن ڄڻن اُن وقت جي سنڌ (سنڌ ۽ پنجاب) کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو هو.

سنڌ مان ميسوڊوني فاتح جي وڃڻ کان پوءِ هي ملڪ هڪ وڏي ڏچي ۾ ڦاسي ويو هو. هن ڌرتيءَ تي قبضي ڪرڻ خاطر هڪ حڪمران ٻئي کي ٽڙي پنهنجي راڄ ڄمائڻ لاءِ جاکوڙيو آهي. انهن وڳوڙي وايومنڊل ۽ تڪڙيءَ ڦيرگهير جو لازمي نتيجو اهو ٿيو هوندو جو سنڌ جي تجارت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو هوندو، جيڪا نهوڙجي ناس ٿي وئي هوندي. پهرين صدي عيسويءَ جو پيريپلس جو مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، اُن وقت انڊو- سوٿيا تي پارٿين قابض هئا ۽ سندس زماني ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ هڪ بندرَ هو، جنهن کي هو ”باربريڪم“ سڏي ٿو، جيڪو مارڪيٽ وارو هڪ شهر هو. (187) پر معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ جنهن شهر کي هي مصنف مارڪيٽ سڏي ٿو سو حقيقت ۾ اُهو ماڳ آهي، جتي تجارتي مال واپاري ٻيڙن مان لهندو ۽ چڙهندو هو ۽ ٻاهر موڪليو ويندو هو. مصنف وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”هن جي پرسان خشڪيءَ تي سوٿيا جي راڄڌاني ’مينگر‘ آهي. جهاز لنگر هنيو پاڻيءَ ۾ بيٺا هوندا آهن. پر هنن جو آندل سارو تجارتي مال

مينِنگر ڪجي ويندو آهي. هن ملڪ جي هيءَ راڄڌاني سمنڊ کان پري خشڪيءَ تي واقع آهي. پر درياهه هميشه سندس ڪنار سان وهندو رهيو آهي." (188)

'سڪندر' هنان شهر پٽالا کي گهڻي اهميت ڏني هئي. جڏهن ته پيريپلس جو مصنف مينِنگر کي اهم سمجهي ٿو، جنهن کان پوءِ نئين جو نالو وجڻ لڳو ۽ جيستائين تجارتي مال جي آمدرفت سنڌوءَ وسيلي هلندي هئي، تيستائين نئون هڪ اهم شهر سمجهيو ويندو هو. سمنڊ کان پري خشڪيءَ تي بندر جو هجڻ هنان جي ماڻهن جي ڏاهپ جي علامت آهي. ڇاڪاڻ ته سامونڊي ڪناري ويجهو موجود بندر گهٽيءَ ترقي ڪري ڪونه سگهندا آهن. هڪ ته درياهه سدائين پيو پنهنجا رُخ بدلائيندو آهي. ٻيو ته سمنڊ ويجهو بندر، سامونڊي ويرين ۽ لهرين جي ضد ۾ هوندا آهن. پيريپلس وسيلي اسان کي هي اهم معلومات ملي ٿي ته، سنڌي ناکئا چوماسي جي هوائن دوران سِڙهه سنباهيندا هئا ۽ تجارتي مال سان ٻيڙا پري ڪارو ڪيڙيندا هئا. آخر ۾ هو برآمدي ۽ درآمدي تجارتي مال جي هڪ پنوتري (فهرست) ڏئي ٿو، جيڪو باربيڪم بندر تي لهندو ۽ چڙهندو هو. سنڌ ٻئي تجارتي مال کان سواءِ هي شيون ٻاهران گهرائيندي هئي. جهڙوڪ: سنهو ڪپڙو، ٻن جنسن مان ٺهيل ڪپڙو، تصويرن وارو ڪپڙو، پکراج، مرجان، عنبر، ڪوٽر، لوبان، شيشي جو سامان، چاندي ۽ سون جون ڏِتيون ۽ ٿورو گهڻو شراب. (189)

درآمدي مال جي هن پنوتري مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته سنڌ اُهو واپاري وکر پهرين صدي عيسويءَ ڌاران گهرائيندي هئي. پر گهرايو ويندڙ ڪپڙو اهڙو هو جنهن ۾ ٻن مختلف جنسن جو سٽ ڪتب آندو ويندو هو ۽ اُن گڏيل ڪپڙي کي"Spurious" نالي سڏيو ويو آهي.

مصر ۽ ميسوپوٽاميا ۾ هڪ قسم جي سِٽيءَ مان ڪپڙو اُٽيو ويندو هو، جيڪو پهرين عيسويءَ واري دؤر ۾ سنڌ درآمد ڪندي هئي. پر جيتري قدر تصويرن واري ڪپڙي جو تعلق آهي ته، منهنجي خيال ۾ اهو مختلف رنگن ۾ پرت پريل ڪپڙو هوندو هو. پر ڪٽليڪو وانگي ڇُريل ڪونه هوندو. هن قسم جو پرت پريل ڪپڙو قديم دؤر کان مصر ۽ بابل کان

سنڌ ۾ ايندو هو. ڀرڪراچ ڳاڙهي سمنڊ وارن ٻيٽن کان ايندو هو. جڏهن ته مرجان پونچ سمنڊ جي الهندي واري پاسي کان سنڌ ۾ ايندو هو. (190)

'پليني ءَ' مطابق هيءَ شيءِ سنڌ ۾ تمام گهڻي ڪُتبُ آندي ويندي هئي. سنڌ ۾ هن کي قيمتي پٿرن کان به وڌيڪ اهم سمجهيو ويندو هو. اُن جو رنگُ انساني کَلَ جهڙو سانورو هوندو هو، جيڪو ٽاڪڻ سان سفيد ڪپڙي تي ڏاڍو ٺهندو هو. (191) پيريپلس جي بيان مطابق، اُهو تجارتي مال باربريڪم، باري گازا (ڀڙوچ) ۽ مزيرس جي بندرن تي لهندو هو. موجوده دوُر جو سندس نالو "Cogranganore Surae" آهي، (192) جيڪو ڏکڻ وچ ايشيا کان ايندو هو ۽ عربي ۽ ايراني بندرن وسيلي هلندو اچي سنڌ پهچندو هو.

لوبان (فرئنڪنسينس) اِٿوپيا ۾ پيدا ٿيندو هو، جيڪو اُتان اچي عربي بندرن تي لهندو هو. سندس البان نالي ڪري سمجهيو هو ته اهو عرب ملڪن ۾ پيدا ٿيندو آهي. (193) پر سنڌ ۾ انهن ٻنهي ملڪن کان ايندو هو. ڇاڪاڻ ته هن ملڪ جا ٻنهي ملڪن سان تجارتي تعلقات هوندا هئا. شيشو قديم دوُر کان ونني فونيشيا، مصر ۽ سري لنڪا ۾ ناهيو ويندو هو. (194)

اِهو پتو ڪونه ٿو پوي ته سنڌ اهو تجارتي مال ڪٿان گهرائيندي هئي. ڇاڪاڻ ته هن جا انهن سيني ملڪن سان واپاري ناتا هوندا هئا. جيتري قدر سنڌ جي پهرين صديءَ عيسويءَ جي برآمدي تجارتي مال جو تعلق آهي ته پيريپلس جن شين جو ذڪر ڪري ٿو، انهن ۾ ڪوسٽس، گگر، لائڪم، فيروزو پٿر، لاجوردَ، سنڌ، سيريوڪنس، سوٽي ڪپڙو، ريشمي ڌاڳو ۽ نير شامل آهن. ڪوسٽس ڪشمير ۽ اُن جي پرپاسي وارن ملڪن ۾ ٿيندو هو، جيڪو روم ۽ چين ۾ خوشبو طور ۽ ڪڏهن گرم مصالحي طور استعمال ٿيندو هو. (195) روم ۽ چين ۾ هن وِٽ جو وڏو قدر هوندو هو، جيڪو سنڌ جي بندرن تان اوڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. (196) هي شيءِ نهايت قيمتي هوندي هئي. هنان جا ماڻهو اها شيءِ يوناني جنرلن کي سوکڙيءَ طور ڏيندا هئا. جيڪي وري پنهنجي وطن موڪلي ڇڏيندا هئا. (197) اِج ڪلهه به اها ساڳيءَ وِٽ هندستان جي بندرن تان چين ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن ڏانهن موڪلي وڃي ٿي. (198)

گگر به هڪ خوشبودار شيءِ آهي، جنهن جي رومي ملڪن ۾ گهڻي



Gul Hayat Institute

ماڻهن کي مسلمان ڪري چڪو. انهيءَ زماني ۾ پاڻ سڳورن رومي حڪمرانن ڏانهن خط لکيا هئا ۽ کين چتاءُ ڏنو هئائين تہ جيڪڏهن هو سچي دين کي قبول نہ ڪندا تہ تباهہ ٿي ويندا، جيڪو الله طرفان نازل ڪيل قرآن تي دارومدار رکي ٿو. هن عظيم شخصيت پنهنجي ساري زندگي اخوت ۽ مساوات جي تبليغ ڪئي هئي ۽ عملي اخلاق جو مظاهرو ڪيو هو ۽ مسلمانن کي هدايت ڪئي هئي تہ انسان ذات کي ڪهڙي طريقي سان ظلم ۽ ڏاڍ کان نجات ڏياري سگهندا ۽ انهن کي انساني اخوت، پائيچاري ۽ روحانيت کان واقف ڪري سگهندا. 632ع ۾ سندن وفات کان پوءِ سندن خليفن هن ڪم کي اڳتي وڌايو ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي پيڙهيل ماڻهن کي روشني کان آگاهہ ڪندا رهيا ۽ پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ دل جي گهرائين سان ڪوششون ڪندا رهيا.

عربستان جا ويجها پاڙيسري ملڪ ميسوپوٽاميا، ايران ۽ مصر هئا. هنن ملڪن جون معاوضي تي وڙهندڙ فوجون مسلمان لشڪر سان پُڄي ڪونہ سگهيون، جيڪي اٽل ارادن ۽ بُلند حوصلن جا مالڪ هئا. هنن مؤمنن جا ڳاٽ نبي صلي الله عليہ وسلم جي ڏنل سکيا ڪري اوچا هئا، جيڪي اسلام خاطر پنهنجا سِر ترين تي رکي قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا، جيڪي ڏکن ۾ پيڙهيل انسان ذات کي نجات ڏيارڻ لاءِ اُتاولا هئا.

عرب، سنڌ جي نالي کان پڻ واقف هئا. ڇاڪاڻ تہ هنن بنهي ملڪن جا پاڻ ۾ تجارتي ناتا قائم هئا. انهيءَ زماني ۾ 'عثمان بن ابي العاص ثقفي' کي بحرين جو گورنر مقرر ڪيو ويو، جنهن پنهنجي ڀاءُ 'مغيرہ بن ابي العاص' کي ديبل تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو هو، جيڪو سنڌ جو سامونڊي بندر هو. انهيءَ حملي ۾ عربن کي فتح ۽ ديبل وارن کي شڪست نصيب ٿي هئي. پر مغيرہ هن مهم دوران مارجي ويو هو.

"فتوح البلدان" جو مؤلف هن مُهم جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، عمان جي سامونڊي ڪناري کان سنڌ جي بندر تائين سفر جو سارو رستو واپارين کي قديم دؤر کان معلوم هو. تنهنڪري 'ابي العاص' دليريءَ جو مظاهرو ڪيو هو. (215) هن واقعي کان پوءِ سرحدي حملا شروع ٿي چڪا هئا، جيڪي خشڪي ۽ سمنڊ وسيلي ڪيا ويا هئا. پر اهي انين صدي عيسويءَ

سهڻن ۽ عاليشان جاين سان سينگاريل هوندا هئا. جن سان گڏ عاليشان باغ ۽ پاڻيءَ جا خوبصورت تلاءَ هئا. جن ۾ تازي پاڻيءَ جون ڪسيون سدائين وهنديون پيون ڏسبيون هيون. ٿهيل راهدارين جي ٻنهي پاسن کان سدائين گل ڪِڙيا ۽ ٽڙيا پيا هوندا هئا. (217)

مٿي آيل ڳالهين مان سمجهي سگهجي ٿو ته اُن دؤر جا سنڌي ڏاڍا سُکيا ستابا ۽ هر پاسي کان ريان کيان هئا ۽ ڏک ڏوجهري جي ڪوسيءَ گهل سندن وارُ به ونگو ڪونه ڪيو هو ۽ اهو سڀ ڪجهه سنڌ جي سڌريل وڻج واپار ڪري هو. ديبل ۽ اوسي پاسي جي ٻين علائقن جي فتح کان پوءِ 'حجاج بن يوسف' ڏانهن غنيمت جو مال موڪليو ويو هو. جيڪو تنهن سمي عراق جو گورنر هو. سنڌ تي حملو به سندس حڪم مطابق ڪيو ويو هو. تاريخي معلومات موجب مذڪوره مالِ غنيمت هڪ سؤ ويهه ملين درهم هو.

هن حقيقت مان به پتو پوي ٿو ته اُن دؤر جا سنڌي ڪيڏا نه خوشحال ۽ دولتمند ماڻهو هئا. جن اُن دولت جو وڏو حصو وڻج واپار وسيلي گڏ ڪيو هو. اسان کي اُها به معلومات ملي ٿي ته عرب فتح وقت سنڌ جي هر وڏي شهر ۾ ڪيترائي هنرمند، ڪاريگر ۽ واپاري رهندا هئا. جنهن مان تجارت جي ترقيءَ بابت هڪ اڻ سڌيءَ ڄاڻ ملي ٿي. مٿي بيان ڪيل حقيقتن کان سواءِ ٻاهرين ماڻهن جي لکيل اهڙي معلومات به موجود آهي، جنهن جي شاهدين جي آڌار تي پوريءَ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته عربن جي حملي وقت سنڌ ترقيءَ ۽ اوُج واري ڏاڪي تي پهتل هئي. منجهس ڪيتريون ئي صنعتون موجود هيون ۽ تجارت جو عروج هو. هن دؤر سان لاڳاپيل 'حمزه اصفهانيءَ' جي تحريري شاهدي پڻ ڪافي آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته سنڌ جي اُن وقت تجارت نهايت عروج تي پهتل هئي. سندس بيان آهي ته، ڪوفي پرسان فرات جي ڪنڌيءَ سان "حَرَ" نالي بندر تي سنڌ، هند ۽ چين جا تجارتي ٻيڙا اٿيشي لنگر هنيون بيٺا هوندا هئا. سنڌ ۽ گجرات جا بندر به هن زماني ۾ تجارت جا اهم مرڪز هوندا هئا. (218)

526ع واري زماني جي تجارت سان لاڳاپيل واپاري 'ڪوسمس' جي هڪ تحرير آهي. جنهن مان اسان کي ثابتي ملي ٿي ته انهيءَ وقت سنڌ، هندستان جي سامونڊي ڪناري وارن بندرن ۽ سري لنڪا سان واپار

ڪندي هئي. پر هن ملڪ جا تجارتي ناتا سري لنڪا سان وڌيڪ هئا. هو هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڏئي ٿو ته. سنڌو يا ديبل، جيڪو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي ٻن بندرن مان هڪ هو. هن کان سواءِ ان دؤر جي مختلف تذڪرن ۾ سنڌ جي تجارت بابت حوالا موجود هئا. جن کان متاثر ٿي 'ڪئپٽن مئڪمردو' پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ته. "هي ملڪ فطري طور اهڙي جاگرافيائي ماڳ تي واقع آهي، جو تجارت ڏينهون ڏينهن اُسري ۽ وڌي رهي آهي ۽ حڪومت جي مدد سان اچا به تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي. (219)

'رالنسن' ٻڌائي ٿو ته. انهن ماڻهن جون لوڪ ڪهاڻيون ۽ ادب، سندن زندگيءَ جي بهترين نمائندگي ڪري ٿو. سندس بيان مان لڳي ٿو ته، هو سنڌ جي ماڻهن جو ذڪر ڪري رهيو آهي. پراڻين لوڪ ڪهاڻين مان ايئن پاسبو آهي ته سنڌ ڏاڍي خوشحال هوندي هئي ۽ هتان جو وڻج واپار نهايت ئي ترقي يافته هو. 'سيف الملوڪ' جي ڳالهه به هڪ دولتمند واپاريءَ جو قصو آهي، جيڪو اتر کان ٻيڙا هاڪاري اروڙ اچي نڪتو هو. ملڪ جي راجڌانيءَ جو قصو به ايئن آهي ته اُن جو واپار ڪنهن درياهه وسيلي ڏور ڏيساور جي ملڪن سان هلندو هو. امڪان آهي ته اهي ڳالهيون خيالي هجن. پر انهن سيني قصن ۾ معلوم ايئن ٿئي ٿو ته انهيءَ قديم زماني ۾ هڪ مسافر واپاري آهي، جيڪو سورمو ۽ بهادر آهي. اهڙين ڳالهين مان پاسجي ٿو ته انهيءَ زماني ۾ مذڪورد ملڪ اندر واپار انتها درجي جي عروج تي پهتل هو.

عرب، سنڌ کي 711ع ۾ فتح ڪرڻ کان پوءِ هتي اٽڪل ٽي سؤ سال رهيا. وقت جو خليفو سنڌ تي گورنر مقرر ڪري، اُتان جو انتظام هلائيندو هو. مقرر ڪيل گورنر دارالخلافه ڏانهن خراج موڪلي ڏيندو هو. سنڌ جي گورنرن جون تبديليون ڏاڍيون تڪڙيون ٿينديون هيون. ڇاڪاڻ ته اُهي سنڌ جو انتظام سنڀالي ڪونه سگهندا هئا. اهڙي عدم استحڪام جي ڪري سنڌ جي واپار کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو هو. ملڪ اندر امن امان ۽ صلح سانت واپاريءَ لاءِ نهايت ضروري هوندو آهي. وگوڙي حالتون تجارت کي سخت نقصان رسائينديون آهن. اهڙين حالتن هوندي به سنڌ جو واپار نڙ



Gul Hayat Institute

تباهه ٿي ويو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته سنڌي واپاري جي سرشت ۾ تجارت هئي، ٻيو ته عرب به فطري مُهمجو هئا. اُن زماني ۾ سنڌ جي تجارت جا انگ اکر ڪي مايوس ڪُن ڪونه آهن.

'ابن حوقل' ڏهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ آيو هو، جنهن ديبل بندر بابت گهڻو لکيو آهي، جيڪو انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جو مشهور بندر ۽ تجارتي شهر هو. سندس بيان آهي ته ديبل هڪ وڏو شهر ۽ مشهور بندر آهي، جتان نه رڳو هن ملڪ جو، پر اوسي پاسي جي ملڪن جو تجارتي مال به هتان لهندو چڙهندو آهي. هي اناج ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. اُن کان سواءِ هتي تلوارون به ڏاڍيون ڀليون ٺهنديون آهن. (220) هتان جي ماڻهن جو عام ڌنڌو تجارت آهي. (221) عرب دؤر اٽڪل 1020ع ۾ ختم ٿيو. انهيءَ زماني ۾ 'محمود غزنويءَ' جي فوجي سپهه سالار 'عبدالرزاق' عرب گورنرن کي سنڌ مان ڌوڙائي ڪڍي ڇڏيو هو. (222)

پر، 'محمود غزنوي' سنڌ ۾ پنهنجي حڪمراني قائم ڪانه ڪئي هئي. سندس مقرر ڪيل گورنرن کي هتان جي راجپوت سردارن ٻي دخل ڪري ڇڏيو هو. (223) عرب دؤر ۾ سنڌ جي ڏکڻ واري علائقي ۾ هڪ طاقتور قبيلو پاڻ کي مضبوط ڪري رهيو هو ۽ وقت جي حڪومت جي ڪمزورين مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سومرا، هندن مان مسلمان ٿيا هئا. ان سان گڏ هنن سان ڪجهه عرب نسل جا ماڻهو به شامل هئا. جن عربن جي سياسي طاقت ڪان پوءِ سنڌ ۾ پنهنجي راڄ جي شروعات ڪئي هئي. هنن سرڪشي ۽ بغاوت ڪري 'محمود غزنوي' جي مقرر ڪيل گورنرن کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ پنهنجي حڪومت جي ابتدا ڪئي هئي.

سومرا دؤر چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاران ختم ٿي ويو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ دهلي شهنشاهت جو ڏن ڀروءَ ملڪ بڻجي ويو. پر اهڙي صورتحال 'شهاب الدين غوري' ۽ خلجي گهراڻي جي حڪومتن دوران ٿي هئي. (224) هن زماني ۾ سنڌ ۾ امن امان قائم ٿي ويو هو. جنهن ڪري سنڌ تجارتي طور گهڻي ترقي ڪئي هئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جو هندستان جي راڄڌانيءَ سان تعلق پيدا ٿي پيو هو. تنهنڪري سندس تجارت ۾ ٻڻ اڳسر آئي هئي.

Gul Hayat Institute

مشهور جاگرافيدان 'ادريسي' ٻه ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ آيو هو. سندس قلمبند ڪيل حال احوال ڏهين صديءَ جي مصنفن جي پيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ مفصل آهي. هن جو بيان آهي ته، ديبل بندر تان نهايت خبرداريءَ سان مختلف تجارتي مال چڙهندو ۽ لهندو آهي. (225) 'ادريسيءَ' جي هن بيان مان چڱي ريت پتو پئجي وڃي ٿو ته، سنڌي واپاري ڏاڍا سچيت ۽ ڏاها هئا. منجهن هي خوبي انهيءَ ڪري هئي جو هي ماڻهو قديم دؤر کان وني هن قسم جي ڌنڌي سان لاڳاپيل رهيا هئا ۽ کين وڻج واپار جو تمام گهڻو تجربو هو. هن جو وڌيڪ بيان هن ريت آهي ته، ديبل تي عمان، چين ۽ هندستان کان آيل ٻيڙا لنگر هنيون بيٺا هوندا آهن. (226) اهڙيءَ ريت هو اهو به اشارو ڏئي ٿو ته، انهيءَ زماني ۾ سنڌ جا جن ملڪن سان تجارتي تعلقات هئا، تن ۾ ايراني نار وارا (عربي ۽ ايراني) ملڪ، چين ۽ هندستان جا صوبا وڏي اهميت رکن ٿا.

مٿين بيانن وسيلي اسان کي چڱيءَ ريت معلوم ٿي وڃي ٿو ته سنڌ جي تجارتي مال جي مارڪيٽن ۾ ڪا خاص تبديلي ڪانه آئي هئي ۽ قديم دؤر وارا ساڳيا شهر ۽ مارڪيٽ اڃا به موجود هئا. سنڌ جا چين سان واپاري ناتا ايراني نار جي ملڪن سان قائم ٿيل تعلقاتن جيترا قديم هئا. اهڙيءَ ريت هندستان جي صوبن سان قائم واپاري ناتا به نهايت پراڻي دؤر سان تعلق رکن ٿا. 'ادريسي' اُن دؤر جي سنڌ جي درآمدي تجارتي شين جي مڪمل فهرست ڪونه ٿو ڏئي. پر ڪن اهم شين ۽ انهن ملڪن جا نالا ضرور ٻڌائي ٿو، جتان اُهي شيون سنڌ اينديون هيون. سندس بيان آهي ته، چين کان ريشمي ڪپڙو ۽ ٻيو سامان، جڏهن ته خوشبودار شيون ۽ گرم مصالحا هندستان کان ايندا هئا. (227) هن جي بيان مان اسان کي پروسي جوڳي معلومات ملي وڃي ٿي ته، چين مان پٽ ۽ ٻيو سامان ايندو هو. هندستان مان گرم مصالحا ۽ خوشبودار شيون گهرايون وينديون هيون، جن کان هو ساري دنيا ۾ مشهور هو. پر هو اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته عمان مان ڪهڙيون شيون سنڌ اينديون هيون يا ڪهڙيون تجارتي شيون سنڌ ڏيساور موڪليندي هئي. هن مان پتو پوي ٿو ته، سنڌ ۽ عمان جي وچ ۾ تجارتي شين جي ڏيتي ليتي هڪ عام قسم جو وهنوار هو. تنهنڪري هن انهن

شين جو بيان ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجھيو هو. ان کان سواءِ 'ادريسي' جي تصنيف ۾ سنڌ جي تجارت بابت هڪ ٻي بہ اوڻائي ڏسجي ٿي، سا سنڌ جي وسيع تجارت بابت معلومات جي کوٽ آهي. (228)

هن خاندان جي ڪيترن ئي حڪمرانن شهنشاهي فوجن کي مُهاڏو ڏنو هو. پر ڪين پنهنجي تجربي ۽ عقل سيکاريو تہ اهو اجايو آهي. ان کان پوءِ هنن سندن اطاعت قبول ڪئي هئي. ان کان سواءِ ڪين گھڻي اندروني آزادي مايل هئي. تنهنڪري شورش ۽ بغاوت ڪرڻ کان لهرائيندا هئا. ٻي ڳالھہ تہ هو مرڪزي راجڌانيءَ کان گھڻو پري هئا. ان ڪري شهنشاھہ جي غيض غضب کان آجا رهندا هئا. هن خاندان کان پوءِ سنڌ جا حڪمران سما گھراڻي جا ماڻهو ٿيا هئا. هنن مان 'جام نظام الدين' تمام گھڻو مشهور آهي، جنهن جي ڏينهن ۾ ٺٽي شهر جو بنياد پيو هو، جيڪو پوءِ سنڌ جي راجڌاني ۽ اهم تجارتي مرڪز بڻجي پيو هو. پر هن خاندان جي صفا پڇاڙڪي حڪمران ۾ نہ پنهنجي وڏڙن جهڙي بهادري هئي، نہ وڏڙن جهڙو سياسي تدبر هو. تنهنڪري 1521ع ڌاران سنڌ جو سياسي اقتدار ارغون گھراڻي کي مليو. سما خاندان جي حڪمرانيءَ جي زماني ۾ سنڌ جي تجارت عروج تي هئي. هن زماني ۾ مشهور سياح 'ابن بطوطا' سنڌ آيو هو. ان دؤر ۾ ساموندي بندر ديبل بدران لاهري يا لاهوري بندر وجود ۾ اچي چڪو هو. سندس بيان آهي تہ هي وڏو بندر هو، جتي يمن ۽ فارس کان آيل جهاز لنگر هنيون بيٺا هئا. (229) ان کان سواءِ 'ابن بطوطا' هڪ اڻ سڌي شاهدي ڏئي ٿو تہ، سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي تجارت نهايت چوٽ چڙهيل هئي ۽ مرڪز کي ٺٽي ۽ لاهري بندر جو سٺ لک روپيا محصول ملندو هو.

سما گھراڻي جي زوال کان پنج سال پوءِ شهنشاھہ بابر هندستان جو حڪمران ٿيو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جو حڪمران 'شاھہ بيگ ارغون' هو. سنڌ جي حڪمرانن مغل شهنشاهت جو ڏن پرو ٿيڻ قبول ڪيو هو. تنهنڪري اُن کي هندستان جي مغل شهنشاهت سان شامل ڪيو ويو هو. هنن حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مغلن جي اقتدار ۾ اچڻ وقت سنڌ جي تجارت نهايت عروج تي هئي.

آهي. ڪڏهن هيءَ تجارت ڪڇ ۽ ڪانياواڙ وسيلي بہ قائم هئي. ممڪن آهي تہ اِهو تجارتي مال اُتر اولهہ جي بندرن تان پڻ روانو ڪيو ويندو هو، پر اهڙا بندر لوٿل بندر کان ڏکڻ پاسي ڪونہ هوندا.

'سليمان بادشاهہ' (973 ق.م کان 933 ق.م تائين) هڪ فينقي کي سامونڊي فوج تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. انهيءَ مقصد لاءِ تہ جيئن "اوفير" سان تجارت شروع ڪري سگهجي، جتان کان سندس ملڪ ڏانهن سون، چاندي، عاج ۽ پولا موڪليا ويندا هئا. ڪي مؤرخ "اوفير" کي هندستان وارو ڪنڌ ۽ ڪي وري "موزنبيق" سمجهن ٿا. 'حوراني' هن کي سنڌ سمجهي ٿو. آشوري تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بادشاهہ 'سنخريب' فينقي ماڻهن کي ٻيڙين ناهڻ لاءِ مقرر ڪيو هو تہ جيئن ايراني نار واري عربي سامونڊي ڪناري سان آباد ماڻهن کي اُتان لوڏي ڪڍي سگهي.

هن فينقي ماڻهن، سنڌ ۽ گجرات جي بندرن سان تجارتي تعلقات پيدا ڪيا، جيڪي ڏهين صدي ق.م کان ستين صدي ق.م تائين برقرار رهندا آيا هئا. يعني اسرائيل جي 'سليمان بادشاهہ' جي دؤر کان وٺي مصر جي فرعون 'نيڪو ٻيو' جي زماني تائين سنڌ ۽ وچ اوڀر ۾ اهڙا تجارتي تعلقات ٽين صديءَ ق.م جي اڌ کان وٺي قائم هئا. پر 'اسڪائي لئڪس' جو سامونڊي سفر سائنسي اصولن مطابق هو تہ جيئن درياهہ ۽ سامونڊي تجارتي رستن بابت اصولي کوجنا ڪري سگهجي.

هن قديم تجارتي تعلقاتن بابت قديم آثارن جون ڪيتريون ئي شاهديون موجود آهن ۽ بادشاهہ 'شالمانا سر ٽئين' جي دؤر (860 ق.م) سان لاڳاپيل هڪ چوڪندي ٿُلهہ تي پولي، سنڌ جي هاٿيءَ ۽ باختري اُٺ جون تصويرون اُڪريل آهن. ان کان سواءِ "مغار" جي چنڊ ديوتا جي عبادت گاهہ (اُر جو ڪلداني دؤر) ۽ 'نيبوڪدنيزا' جي محلات ۾ ساڳ وڻ جو ڪاٺ استعمال ٿيل ڏسجي ٿو. هي دؤر 'دارا پهرئين' کان اڳ ۽ ڇهين صدي ق.م سان واسطو رکي ٿو. اِهو اهڙو تجارتي مال آهي، جيڪو فقط سنڌ جي سامونڊي بندرن تان موڪلي سگهجي ٿو.

اهڙيءَ ريت سنڌ ۽ ميسوپوٽاميا جي وچ ۾ موجود تجارتي تعلقاتن کي 2600 ق.م کان وٺي 550 ق.م تائين چڱيءَ ريت ثابت ڪري سگهجي ٿو.

ڏکيو هو. ٻنهي سامونڊي ڪنارن سان اهو ساڳيو آزار هو، جيڪو اڄا بہ اڳتي ڪلئي سمنڊ ۾ بہ موجود هو. هي وايومنڊل ٻيڙائتن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. تنهنڪري هن جُوءِ ۾ سامونڊي ڌاڙيلن جي جڻ تہ ٻيگهي منل هئي. رولاڪ ۽ ٻکيا ماڻهو هن سمنڊ جي ٻنهي ڪنارن سان پنهنجن قهري ڪاروائين ۾ رُڌل هوندا هئا. انهيءَ ڪري اهڙي تجارتي آمدرفت اُنن وسيلي شروع ٿيڻ لڳي هئي.

مصر جي 'ٽالمي' گهراڻي اٽڪل روءِ ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي، جيڪا 305 ق.م کان شروع ٿي ۽ 30 ق.م ۾ پڇاڙيءَ کي پهتي هئي. هن خاندان پنهنجي اياماڪاريءَ ۾ ايريٿيرين سمنڊ (عربي سمنڊ) جي تمام گهڻي کوجنا ڪئي هئي. هن قسم جي سامونڊي سفر جي اڳواٽي يوناني- مصري ڪندا هئا. 'ٽالمي' خاندان هندستان سان واپار ڪرڻ ناتي هي ڳالهيون ڪيون هيون.

الف: ٽالمي پهرين يعني 'سوٽر' جي زماني (317 کان 285 ق.م) ۾ ڳاڙهي سمنڊ کي هاڪاري ۽ جاچي ٻڙتالي ڏنو هو.

ب: ٽالمي ٻئي يعني 'فلاڊيلفس' (285 ق.م کان 246 ق.م) "آرسينس" (سوئيز) ۾ وڏو بندر تعمير ڪرايو هو. ان کان سواءِ هن 'نيڪو' فرعون جي کوٽايل واهہ کي وري جاري ڪرايو هو، جيڪو گهڻو عرصو اڳ بند ڪيو ويو هو. انهيءَ واهہ جي وسيلي سڪندريہ وارو شهر ڳاڙهي سمنڊ سان ملي ٿي ويو. هن ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري "بيرينس" نالي هڪ بندر تعمير ڪرايو هو. بيرينس کان نيل درياهہ جي بندر "ڪوپٽوس" تائين پارهن ڏينهن لڳي ويندا هئا. تنهنڪري هن 274 ق.م. ڌاران هن "ميوس هورمس" نالي ٽيون بندر پڻ جوڙايو هو، جيڪو بيرينس بندر کان اسي ميل اُتر طرف هو. ان ڪري اهو سفر 180 ميل گهٽجي ويو هو. اهڙيءَ ريت سفر جي وقت مان بہ پنج ڏينهن گهٽجي ويا هئا. هن رستي کولڻ جو اهم مقصد اهو هو تہ جيئن هو هاٿي هٿ ڪري سگهي، جيڪي قديم دؤر ۾ جنگي ٽئنڪ جي حيثيت رکندا هئا. سندس مقصد هو تہ 'سليوڪس' جي انهن هاٿين سان مقابلو ڪري سگهي، جيڪي هن سنڌ مان آندا هئا.



Gul Hayat Institute

هن دؤر ۾ سنڌ ۽ مصر جا تجارتي تعلقات نهايت عروج تي هئا. ’اتينئس‘ جي ڏنل معلومات مطابق سنڌي ڪنڌ مان عورتون، پلا شڪاري ڪتا، ڳئون، خوشبودار شيون ۽ گرم مصالحا سنڌ جي بندرن تان روانا ڪيا ويندا هئا. هنن مان ڪي شيون شاهيءَ ٻيڙيءَ ۾ گڏ هونديون هيون ۽ بادشاهه جو خاص ڪمرو هندستان کان آندل پٿرن سان سينگاريل هوندو هو. اهڙيون تجارتي شيون سنڌ جي ٻنڀور بندر تان ٻيڙين ۾ لڏيون وينديون هيون ۽ ”ميوسي هورس“ بندر تي وڃي لهنديون هيون، جيڪو اوپارين تجارت جو مشهور مرڪز بڻجي ويو هو.

ب: ٽالمي ٽئين ’يوويٽس‘ (246 ق.م کان 221 ق.م) ڳاڙهي سمنڊ تي ”آدولس“ نالي چوٿون بندر تعمير ڪرايو هو.

پ: ٽالمي ستين، ’يوريگيٽس‘ (146 ق.م کان 117 ق.م) جي زماني ۾ هڪ جهاز ڳاڙهي سمنڊ ۾ تباهه تي ويو هو. اُن جهاز تي ماڻهن مان فقط هڪ ڄڻو بچيو هو، جنهن جو تعلق هندستان سان هو. هُن، ’يودوڪسس‘ نالي هڪ جاگرافيدان کي چيو ته، هو هندستان ڏانهن هاڪارڻ لاءِ سندس رهبري ڪري سگهي ٿو. امڪان آهي ته ’يودوڪسس‘ 119 ق.م ڌاري هندستان آيو هجي. ’اسڪائي لئڪس‘ کان پوءِ هي پهريون ٻيڙائت آهي، جنهن سنڌ ۽ مصر وچ ۾ سڌو رابطو قائم ڪيو هو. وسيع پيماني تي اهڙو سڌو رابطو اٽڪل هڪ صدي کن هليو ۽ 30 ق.م ڌاري رومن اچي مصر تي قبضو ڪيو هو، جن ڏنو ته سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ سڌو سنئون رابطو موجود هو.

پارٿيا جي ترقيءَ عروج تي پهچڻ سان سنڌ جا شام ۽ مصر سان لڳ لاڳاپا ختم تي ويا هئا. اهڙي صورتحال خاص ڪري ’انٽيوڪس اعظم‘ جي دؤر ۾ ڏسجي ٿي. هي حڪمران 206 ق.م ۾ هنن علائقن کي فتح ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. ان کان پوءِ ”سٿين“ ۽ ”يو چي“ قبيلن باختر ۾ ڦرلٽ جي ڌُم لائي ڏني هئي. ان کان سواءِ شام ۾ سياسي حالتون ڏاونوادول ٿي ويون هيون. تنهنڪري خشڪيءَ رستي هلندڙ واپار کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو هو. ان کان پوءِ وري ساموندي تجارت زور ورتو، جنهن کي تمام گهڻي اهميت ملي وئي هئي. انهيءَ زماني ۾ هندستان جي تجارت جي ناتي سنڌ جو بندر ٻنڀور تمام گهڻي شهرت حاصل ڪري ورتي



Gul Hayat Institute

پارٿين (ڪئسپين سمنڊ جي ڪنارن سان وسندڙ ايراني) ايران ۽ ايراني نار تي قبضو ڪري ورتو ۽ اوپر ۽ اولهه وچ ۾ هلندڙ واپار کي ٻنجو اچي ويو.

سلوڪس گهراڻي جي حڪمرانن، "ايڪسباتا" ۽ "مير" وسيلي باختر سان تجارتي ناتا قائم ڪري ورتا هئا. اهو تجارتي رستو ڪابل کان ٿيندو پشاور پهچندو هو. اهو تجارتي رستو موريا گهراڻي جي حڪمرانن جي ضابطي هيٺ هو. سليوسڊ گهراڻي جي حڪومت واسطي قديم منافع بخش تجارتي رستو پنهنجو وارو هو، جيڪو ايراني نار کان فرات وسيلي اُتر شام پهچندو هو. تاريخي احوال جي لڳاتار سلسلي نه هئڻ ڪري هن رستي بابت ڪا دستاويزي ثابتي موجود ڪانه آهي.

جڏهن باختر آزاد (250 کان 139 ق.م) رهي ته چين، سائبيريا، وچ ايشيا ۽ ٽيڪسيلا ڏانهن ويندڙ سڀ تجارتي رستا هتي اچي گڏيا هئا. ان دؤر ۾ ٽيڪسيلا، انڊو- يونان- باختر جي راجڌاني هئي. پارٿين 145 ق.م دوران ساري ايران تي قبضو ڪري ورتو هو، جيڪو 274 کان 212 ق.م تائين "ٽيريڊيٽس" جي قبضي هيٺ رهيو هو. پارٿين پنهنجي راجڌاني مَتي وچي "هيڪاٽيم پائيلس" ۾ قائم ڪئي هئي. هي ماڳ سيلوڪيا کان باختريا ڏانهن ويندڙ قافلن واري رستي سان واقع هو.

ڪشن حڪمرانن، هندوڪش وارو تجارتي رستو ختم ڪري سنڌ ۽ رومي شهنشاهت وچ ۾ اهو رستو قائم ڪيو هو، جيڪوڪئسپين سمنڊ وٽان لنگهي ايشيا مائنر ڏانهن ويندو هو. هن رستي جي اوپر پاسي سندن ملڪي سرحد هئي ۽ هن سمنڊ جو اولاهيون ڪنارو رومي شهنشاهت جي دنگ سان ملندو هو.

سنڪنگ ۾ کوٽان نالي هڪ ماڳ هو، جتي پهرين صدي عيسويءَ ۾ ايران، يونان، چين ۽ هندستان جون تهذيبون اچي ملنديون هيون ۽ ان ڪري تجارتي ترقيءَ جي تمام گهڻي همت افزائي ٿي ويندي هئي. خاص ڪري چين جو پٽ (ريشم) هتان کان روم ڏانهن ويندو هو. اهو پٽ ڪاشغر ۽ چترال کان سنڌوءَ وسيلي پنهنجي بندر تان چڙهندو هو. ڪاشغر ۽ پنهنجي واري هن تجارتي رستي کي "سنڌو- ريشم رستو" جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

هو، جتان جهاز منو پاڻي کڻندا هئا. پوءِ ”باب ايل منديب“ جو چڪر ڏئي جهاز ”يودامون عربيا“ (عربيا فيلڪس يا اڄ واري عدن) ۾ اچي لنگر هٽندا هئا. قديم دؤر ۾ جڏهن تجارتي هوائن جو پتو ڪونه هوندو هو. ته عربي سمنڊ جو ڪنارو ڏئي ايراني نار ۾ داخل ٿيو هو ۽ ”ڪين يا ڪٿنا“ (حسن- غوراب جيڪو موڪالا جو ويجهو بندر)، سوڪوترا، راس ال موسندان، ڪئپ سياگرس پهچبو هو، جنهن کي راس ال فورتاڪ پڻ ڪوٺيو ويندو هو. اُتان کان پوءِ مڪران وارو سامونڊي ڪنارو ڏئي اچي پنيپور پهچبو هو. باهران ايندڙ جهاز سنڌ ۽ گجرات جي بندرن تي اچي بيهندا هئا، پر گهڻو تجارتي مال سنڌ جي بندرن تان کڻندا هئا. سنڌين، ايرانين، عربن ۽ يونچ سمنڊ جي قومن کي تجارتي هوائن جو پتو هڪ صدي ق.م جي وچ ڌاري پئجي چڪو هو. چاڪاڻ ته ان زماني ۾ سمنڊ تي سومالي وارن ماڻهن، عربن ۽ سامونڊي ڌاڙيلن جو قبضو هو. ’هپالس‘ يوناني پاڻ بيڙائت هو، جنهن تجارتي هوائن جو اندازو لڳايو هو، پر حقيقت اِها آهي ته مذڪوره دريافت ڪا نئين ڪانه هئي، چاڪاڻ ته جهاز عدن کان سڌو پنيپور هاڪاريندا هئا، پر گجرات ڏانهن نه.

تجارت جي ترقيءَ ڪري پنيپور جو بندر تمام گهڻي ترقي ڪري ويو هو. ’پليني‘ جو بيان آهي ته، هتان تجارت تي پنج سؤ پنجاهه ملين سيسترسز (چانديءَ جا رومي سڪا) جيترو سون ادا ڪيو ويندو هو. اهو هندستان جي تجارتي مال جو مُلهه هو، جيڪو اچي پنيپور بندر تان ڏور ڏيساور موڪليو ويندو هو. جيڪڏهن تجارت کي ڏسبو ته اِها رقم ڪا وڏي ڪانه آهي. پر هن بندر تان گهڻو مال اُهو چڙهندو هو جيڪو عورتن جي سونهن سينگار سان لاڳاپيل هو، يا آرائشي نوعيت جو هو. تنهنڪري اُن جي قيمت جي حساب سان اها رقم گهڻي معلوم ٿئي ٿي. انهيءَ زماني ۾ مصر جي شهر سڪندريه جي آدمشماري پنجاهه هزارن کان مٿي هئي. هي تجارتي مال پهرياڻين هتي اچي لهندو هو، جتان مصر جي ڪٽڪ سان گڏ روم ڏانهن موڪليو ويندو هو.

هن وقت تائين دستياب ٿيندڙ معلومات مان سولائيءَ سان سمجهي

عُود، لوبان، شيشي جا ٿانوَ، سون، چانديءَ ٿورو گهڻو شراب ايندو هو. هتان ڏور ڏيساور ويندڙ تجارتي مال ۾ ڪوسٽس (خوشبودار ٻوٽي)، ٻيدلم، لائسم، ناردِ، لاجوَرد پٿر، فيروزه، چين کان آيل سيريسڪنس ۽ نير.

پنپور جي بندر تي هندستان، تبت، ايران ۽ چين جو تجارتي مال حاصل ٿي سگهندو هو.

تجارتي هوائن جي دريافت کان پوءِ به ڳاڙهي سمنڊ جي بندر وٽان هاڪاريندڙ جهاز سڌو ڪنهن هندستاني بندر ڏانهن ڪونه ويندا هئا. اهڙين هوائن جي دريافت کان اڳ جهاز ڳاڙهي سمنڊ کان عدن (لوبائمن) ۽ ڪئن کان ٿيندا، سامونڊي ڪنارو ڏئي سياگروس کان ٿيندا، موضا پهچندا هئا ۽ راس موسندان جي سامهون ايراني نار اُڪري ايراني ۽ مڪراني سامونڊي ڪنارو ڏئي، پنپور جو بندر اچي پيٽيندا هئا. برما کان وٺي ساري هندستان جو تجارتي مال پنپور وٽان ڏور ڏيساور ويندو هو. برما ۽ هندستان جي سامونڊي ڪناري سان هي بندر جهڙوڪ: گجرات جا باري گازا، ڪئلينا، سميلا، ملبار واري سامونڊي ڪناري جا: مزيري، ڪئرورا، بئڪاري، نيڪندا، ڪارمنڊل واري سامونڊي ڪناري سان ڪولو ڪوئي، ڪئمارا، الوسگني، پالورا، بنگال جي سامونڊي ڪناري سان گنج ۽ برما واري سامونڊي ڪناري سان ٽيملا نالي بندر هو.

50 ق.م ڌاري هي سامونڊي رستو ختم ٿي چڪو هو ۽ پهرئين مرحلي وارو شروع ٿي ويو هو ۽ سڌو عدن کان هاڪاريو ويندو هو. هن مرحلي ۾ جهاز عدن يا ڪئن کان هلندا هئا ته اچي پنپور وٽ پهچندا هئا، جيڪو سنڌوءَ جي چوڙ وٽ سامونڊي بندر هو. اهو سفر اپريل کان آگسٽ تائين جاري رهندو هو. انهيءَ رُت دوران ڏکڻ- اولهه جون هوائون گهُلنديون هيون، جن جي مدد سان ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن تان تجارتي سامان کڻي اچي پنپور پهچندا هئا. آڪٽوبر کان فيبروري تائين اُتر جون هوائون هلنديون هيون ته پنپور جو تجارتي مال ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن وٽ پُجندو هو. هن تجارتي موسم دوران سنڌ جو گهڻو تجارتي مال ڏور ڏيساور موڪليو ويندو هو، جيڪو قديم دؤر کان تمام گهڻو هوندو هو. عدن کان پنپور تائين هاڪارڻ ۾ ويهه ڏينهن مَسَ لڳندا هئا. اٽڪل هڪ سؤ سالن

تائين تجارتي گُسَ اهو رهيو، جنهن وسيلي پنڀور ۽ باقي هندستان جي تجارت جاري رهي.

تجارت جو ٻيو مرحلو 50 ق.م کان 50ع تائين شروع ٿيو هو، جنهن دوران ڳاڙهي سمنڊ کان هاڪارينڊڙ جهاز سڌو وڃي باريگازا ۾ لنگر ڪندا هئا. جيڪو گجرات علائقي سان تعلق رکندو هو. انهيءَ زماني ۾ باريگازا وارو مٿي بيان ڪيل ماڳ تجارت جو اهم مرڪز بڻجي چڪو هو ۽ ڏکڻ هندستان جو سارو واپاري مال هن بندر تان چڙهندو هو. انهيءَ زماني ۾ هندستان جي اڀيت جهڙي حصي مان گرم مصالحا ٻيڙين وسيلي ساموڊي ڪنارو ڏئي اچي هن بندر تي پهچندا هئا. تجارت جي هن مرحلي دوران باريگازا، چين ولايت جو پَٽُ بہ ڏور ڏيساور موڪليندو هو. جيڪو ڪاشغر کان ٽيڪسيلا، مٿرا ۽ اُجين کان پوءِ باريگازا پهچندو هو.

اهي فاضل مصنف پنڀور جي تجارت جي ڦِٽي وڃڻ جا ڪارڻ وضاحت سان ڪونہ ٿو ٻڌائي. هن ماڳ جي کوٽائيءَ ۾ کوڙجنا مان عرب دؤر جا سڪا لڌا ويا آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انينءَ ۽ نائين صدي عيسويءَ دوران پنڀور آباد هو. فاضل مصنف جي بيان مان لڳي ٿو تہ هي شهر بندر طور 50 ق.م کان اڳ ويران ٿي چڪو هو. باريگازا وارو بندر پنڀور کان گهٽو پري اوپر ۾ هو. جنهن تائين پهچڻ لاءِ سفر ۾ بہ ٽي ڏينهن وڌيڪ لڳي ويندا هئا. ان کان سواءِ ٽيڪسيلا، مٿا ۽ اُجين وسيلي ايندڙ ڪاشغري پَٽُ، وچ ايشيا کان ايندڙ قيمتي پٿر بہ باريگازا تائين پهچڻ ۾ وڌيڪ وقت ۽ سفر وٺندو هو. ان کان پوءِ بہ واپارين پنڀور کي ڇڏي باريگازا کي ترجيح ڇو ڏني هئي.

احوال مان معلوم ٿئي ٿو تہ 50 ق.م دوران پنڀور وٽان تجارتي مال ڪونہ لهندو چڙهندو هو. امڪان آهي تہ اهو اُن وقت کان اڳ ئي ويران ٿي چڪو هو ۽ اُن جي ويراني پارٿين دؤر کان سمجهڻ گهرجي ۽ 50ع ڪشن دؤر آهي. قوي امڪان اِهو آهي تہ پارٿين ۽ ڪشن دؤرن ۾ سنڌ جو ماڻهو هنن ٻنهي ڌارين دشمنن سان گوريلا جنگ ۾ مصروف آهي. تنهنڪري سنڌ جا تجارتي خشڪي ۽ درياهي رستا محفوظ ڪونہ رهيا هوندا.

”سونڊيا“ ۽ ان جي اوسي پاسي ويندي سنڌوءَ جي موجودد وهڪري



Gul Hayat Institute

جي اولهه پاسي ڪنڌيءَ سان وڏا قبرستان آهن، جن ۾ موجود ڪن قبرن تي لڳل پٿرن تي ڏاريا نشان موجود آهن، جن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ آهي قبرون سنڌين جون نہ آهن. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ ايڏن وڏن قبرستانن جي ويجهو اُن دؤر جو ڪو وڏو شهر بہ آباد ڪونہ آهي. هن صورتحال مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ اُهي وڏا قبرستان ڪنهن وڏيءَ جنگ جُو نتيجو آهن. امڪان آهي تہ اُهي جنگيون سنڌين جي گوريلا ويڙهاند کان پوءِ لڳيون هجن. پنيور مان عرب دؤر جي سڪن ملڻ ڪري سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌوءَ جو اُلهندو ڪنارو يونانين جو ساڳرا يا ساڪرو اجا بہ وهي رهيو هو ۽ شهر ۾ رونقون موٽي آيون هيون ۽ اهو سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت دؤران ممڪن ٿي سگهيو هوندو. — مترجم)

اُن جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪشن حڪمرانن ڏکڻ سنڌ کي پنهنجي ضابطي هيٺ رکي ڪونہ سگهيا هئا. ان ڪري چين جو پَٽُ آمون درياهہ وسيلي ٻاهر موڪليو ويندو هو. ان ڪري پنيور وسيلي موڪلجي ڪونہ سگهندو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو تجارتي رستو ٽيڪسيلا، مترا ۽ اجين وارو اختيار ڪيو ويو هو.

تجارت جو ٽيون مرحلو 70ع کان شروع ٿئي ٿو. هن زماني ۾ ڳاڙهي سمنڊ جا تجارتي ٻيڙا باريگازا کي ڇڏي هندستان جا ٻيا بندر وڃي پيٽيندا هئا. ان ڪري هن بندر تان مختصر تجارتي سامان لهندو ۽ چڙهندو هو. واپار جي چوٿين مرحلي ۾ تجارتي سامان ڪٽي جهاز ڏکڻ هندستان يا ڪارمنڊل واري ساموندي ڪناري کي ڇڏي چوماسيءَ جي هوائن جي آڌار تي سڌو ملاڪا هليا ويندا هئا. پر اُن وقت پنيور واري بندر تان ڍهليءَ کان وٺي ساري اولهہ هندستان جو سامان پنيور تان چڙهندو هو ۽ اهو انهن درياهي رستن وسيلي هتي پهچندو هو. جيڪي سنڌوءَ جو پرتي ڪنڌڙ هئا ۽ انهن سيني درياهن جو گڏيل پاٽي سنڌوءَ جي صورت ۾ ٻين ڦاٽن کان سواءِ اُن ڦاٽ مان بہ وهندو هو، جيڪو پنيور پرسان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اُن وقت هن بندر تان چين، ٿبيٽ يا تبت ۽ وچ ايشيا جو مال هن بندر تان ڏور ڏيساور ويندو هو. ”آمون“ ۽ ”سير“ درياهہ کان هن پار کان ايندڙ قافلن

درياهہ ڏانهن ويندڙ اهم رستي کان ڪاشغر وٽان الڳ ٿيندو هو. جيڪو تاشقورگان کان چترال ويندي هماليہ جي 15000 فوٽ مٿاهين لڪ تان لنگهڻو پوندو هو ۽ اُتان اڳتي سفر ڪري پشاور اچبو هو. جتان سنڌوءَ وسيلي سفر ڪري سمنڊ تائين پهچبو هو. ان جو متبادل رستو بہ هو، جيڪو ڪاشغر کان "مرو" تائين هوندو هو. "مرو" کان وري رستا ڦٽندا هئا، جن مان هڪ باختر کان ڪابل اُتان کان خيبر لڪُ لتاڙي پشاور اچبو هو ۽ سنڌوءَ وسيلي اڳتي وڃبو هو. جڏهن تہ ٻيو رستو "مرو" کان قنڌار ۽ اُتان کان بولان وارولڪُ لنگهي سبي ۽ اروڙ اچبو هو، جتان سنڌوءَ وسيلي سمنڊ تائين هليو وڃبو هو.

(3) اُتر سنڌ يعني اروڙ کان "ملا" يا بولان لڪ لتاڙي قنڌار اچبو هو. جتان کان باختر، گلاشڪيرد، پرسي پولس، چٽريڪس ۽ پيٽرا وڃبو هو. باختر وري انٽيوڪيا ۽ سلوڪيا سان، جيڪو وري يونچ سمنڊ جي ڪناري سان آباد انٽيوڪم سان مليل هو. هن رستي کي رومي دؤر ۾ يوناني پسند ڪونہ ڪندا هئا. پر وچين دؤر جا عرب هن تجارتي رستي کي وڏيڪ اهميت ڏيندا هئا.

(4) سنڌ (پٽالا يا مينگر) کان "راماڪيا" (لس ٻيلي ويجهو) اُتان ڪيچ (تربت ويجهو) اُتان پور (ايران) جتان وري گلشڪيرد پهچبو هو. هن تجارتي رستي کي گهٽي اهميت ڪانہ ڏني ويندي هئي، ڇاڪاڻ تہ اهو مڪراني سامونڊي ڪناري سان گذرندو هو، جتان تجارتي جهاز پيا لنگهندا هئا. ويران هئڻ ڪري پاڻيءَ جي ڏاڍي اڻاٺ هوندي هئي. اُن علائقي تي پارٿين جو ضابطو ڪونہ هلندو هو. تنهنڪري ڌاڙيلن جي ور چڙهيل هو. هي رستو صدين کان غير آباد هو. ايراني نار جي سامونڊي ڌاڙيلن کان بچڻ لاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ استعمال ٿيندو هو.

لانچو، ڪامرو ۽ پٽاليپتر واري تجارتي رستي جي نظرداريءَ چيني پاڻ ڪندا هئا. هي رستو ارسا ۽ ٿبيت (تبت) کان ٿيندو پٽاليپتر ويندو هو. ٻيو رستو آسام ۽ چينگتين کان ٿيندو پٽاليپتر پهچندو هو. ڪجهہ رستا بنگال جي اپسمنڊ يا ڪاربند سامونڊي ڪناري سان واقع سوپتم ڏانهن پڻ ويندا



Gul Hayat Institute

دؤران بنهي ڌرين وچ ۾ واپار عرب بندرن وسيلي هلندو هو. انڪري سنڌ کان اينڌڙ تجارتي مال عربن وسيلي مصر پهچندو هو. يهودي عرب، شامي، ميد ۽ ايراني سڪندريا ۾ رهندا هئا. ٽالمي گهراڻي جي دؤر جا مصري يوناني واپاري، سنڌي ۽ سومالي بيڙائت عدن جي بندر تي اچي گڏ ٿيندا هئا. ڏکڻ عربستان جا صابي ۽ ايراني نار جا گيرهائين لوڪ سامونڊي واپار ۾ وچين ڌر جي حيثيت رکندا هئا. انڪري ڏاڍا دولتمند ٿي ويا هئا، جن مثان گهٽي چوڪسي ٽالمي گهراڻي جو بيو (285ق.م کان 240 ق.م) ۽ ٽالمي ٽيون (140 ق.م کان 221 ق.م) حڪمران رکندا هئا.

عربن، سمنڊ ۽ رڻ پٽ جي تجارتي رستن جو تمام گهڻو فائدو ورتو. هنن آفريڪا وارن جي ڪن ۾ اِها ڳالهه پري ته هو سنڌين کي ڳاڙهي سمنڊ ۾ تجارتي مال آڻڻ نه ڏين. ڪڏهن ڪڏهن هندستانين لاءِ سنڌن رويو اهڙو هوندو هو. هنن يونانين کي تجارتي هوائن جي ڄاڻ کان واقف ڪونه ڪيو هو. ڪانئن اهڙو علم ڳجهو رکيو هئائون. 115 ق.م دؤران يمن (ڏکڻ عربستان) تي ”حُمرتس“ ۽ اُتر- اولهه عربستان تي ”نيلساتيان“ جي حڪومت قائم ٿي وئي هئي.

مٿي ذڪر ڪيل پوئين گهراڻي جي حڪومت جي راڄڌاني پيترا هئي. هن خاندان جي حڪمران ايران کان اينڌڙ چين جي پٽ واري رستي پنهنجو قبضو ڄمايو. سَٽين به پنهنجي حڪمرانيءَ واري زماني ۾ پَٽ واري رستي سان فوجي چوڪيون قائم ڪيون هيون. اهڙيءَ ريت هنن چين ۽ هندستان کان اينڌڙ رستن کي محفوظ ڪري ڇڏيو هو. روم جي حڪمران ’اگسٽس‘ (29 ق.م کان 14ع) کي هندستان سان واپار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، جيڪو قديم منافع بخش ۽ سولو هو. 25 ق.م دؤران پنهنجون فوجون موڪلي سرڪش عربن کي سبق سيکاريو ويو ۽ عدن جي بازار کي ڊاهيو ۽ برباد ڪيو ويو.

هن قسم جي ڪارروائيءَ کان پوءِ مصر جا هر سال 120 جهاز اوپر هاڪاريندا هئا، جن مان هر هڪ پنج سؤ ٽن بار کڻي سگهندو هو. جيتڻ ته اُهي جهاز سامونڊي ڪناري سان سفر ڪندا هئا، تنهنڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اُهي پنيپور ضرور ايندا هوندا. انهن بيڙائتن کي اِها پوري



Gul Hayat Institute

هجي. ڪڇ، ڪاٺياواڙ، مالوا ۽ اُتر گجرات جي ساڪا حڪمران، حالتن جو فائدو وٺي اُتر هندستان، ڪشن حڪمرانيءَ وارن علائقن، چين ۽ تبت جَي تجارتي مال کي پنهنجي علائقي جي بندر باريگازا وسيلي ڏور ڏيساور موڪلڻ جي آڇ ڪئي هجي. چؤماسي جو فائدو وٺي هندستاني اپبيٽ وارن بندرن به پنهنجي تجارتي آمدرفت کي ترقي وٺرائي هئي. پهرين صدي عيسويءَ يا اُن کان ٿورو اڳ يا پوءِ ڪشن گهراڻي جي حڪمران آمون درياهه وسيلي پَٽ جي آمدرفت شروع ڪئي هئي. انهيءَ ڪري به اهو تجارتي وکر پنيپور ڏانهن اچڻ بند ٿي ويو هو.

پهرين عيسوي صديءَ جي پڇاڙيءَ کان پوءِ ڪشن حڪمران ۽ چين وچ ۾ سنڪيانگ جي معاملي تي وڏي ويڙهه لڳي، جنهن ۾ چين جي فوجي جنرل پئن چائو 90ع ۾ ڪشن راجا کي شڪست ڏني. انهيءَ ڪري سنڌوءَ وسيلي ايندڙ پنيپور ڏانهن پَٽُ چترال وٽ رُڪجي ويو. ٻي صدي عيسوي ڌاري ڪشن حڪمران ريشم واري ساڳيءَ رستي کي بحال ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا هئا.

'اگاٿارڪيڊس' (110 ق.م) جي دؤر ۾ مغرب جي تجارت تي صابي حڪمرانن جو ضابطو هو. پر سنڌين جو ڪونه هو، جن جي بندرن تان اوڏانهن ويندڙ مال چڙهندو هو. سنڌ، ايران ۽ ڪرمان جا واپاري سوڪوترا وٽ ملندا هئا، جيڪو عرب ۽ آفريڪي سامونڊي ڪنارن کان پري هو.

عدن يا فرات جي چوڙ کان وٺي بارگازا تائين فاصلو، عدن- پنيپور کان ٻيڻو هو. پر ڏکڻ هندستان جو تجارتي مال باريگازا وٽ گهڻو سستو ملندو هو. تنهنڪري منافعو گهڻو ٿيندو هو. پهرين ۽ ٻيءَ صدي عيسوي دوران هن ننڍي ڪنڊ ۾ روم جي وچ ۾ هلندڙ واپار ٽينءَ ڌر يعني يونانين، شامين، سومالين، ايڪسومائيٽ، يهودين ۽ عربن وسيلي هلندو هو. عرب پنهنجي تجارتي ڏنڊي خاطر ننڍي ڪنڊ ۽ روم ۾ پڻ رهندا هئا.

ٽراجن دؤر (98ع- 117ع) ۾ 'پليني' پنهنجي اکين سان ڏنو ته تجارتي جهاز ائپولوگس ۽ ڪٺراگزان کان ننڍي ڪنڊ ڏانهن هاڪاري رهيا هئا. ٽراجن، هندستان ڏانهن ته وڏي ڪونه ٿي سگهيا، پر 117ع ۾ سامونڊي جنگي ٻيڙو جوڙيو هئائون ته جيئن ڳاڙهي سمنڊ جي تجارتي

پنڀور واري بندر تان چين ۽ تبت جون رڱيل ڪلون، سنجان، ململ جو ڪپڙو، خوشبودار شيون، مرهم، موتي، قيمتي پٿر خاص طور فيروزو، لوهه. اڻ ڪمايل چمڙو، چين جو رڱيل چمڙو، سنجاب سان گڏ اڻ ڪمايل چمڙو، اُتر- اولهه نندي ڪنڌ جا نهيل ڪوٽ. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته پنڀور بندر ڏانهن وري ايندڙ تجارتي مال جي موٽ ڪشن حڪمرانن جي زوال ڪري ٿي هئي. ٿبيٽ (تبت) کان ايندڙ سنجاب، برفاني واگهه ۽ جهنگلي ٻلي جي کل هتان ملندي هئي. پارٿين دؤر ۾ به سنجاب سنڌوءَ وسيلي ايندو هو. پنڀور بندر تان ٻاهر ويندڙ تجارتي مال ۾ ڪشمير جي اُن به شامل هئي. هن نندي ڪنڌ مان هاٿي به ٻاهر موڪليا ويندا هئا. پر هي تجارتي اسم پاڻ وسيلي نه پر خشڪيءَ رستي ويندو هو. هندستان مان شينهن ۽ واگهه روم موڪليا ويندا هئا. جيڪي سولا ۽ پامپي بادشاهن جي دؤر ۾ اوڏانهن روانا ڪيا ويا هئا. هن کان سواءِ روم ڏانهن چيتا ۽ سنڌ ۽ تبت جا ڪمري رنگ جا ڪُتا پڻ موڪليا ويندا هئا. ڪنهت وارا سنڌي ڍڳا پڻ ايران، شام ۽ آفريڪا ويندا هئا. هن جنس جو ڍڳو لاڙ، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۽ مارواڙ ۾ گهڻو ٿيندو هو. هيءَ تجارتي جنس گهڻو خشڪيءَ رستي موڪلي ويندي هئي. هڪ سڱٽي گينڊي جو قسم سنڌو درياهه جي ڪنڌين ڪنارن سان سورهين صديءَ ۾ موجود ڏسجي ٿو. پر اهو خشڪي وسيلي نه پر سمند رستي روم موڪلي ويندو هوندو. مشڪ نالي هڪ تجارتي شيءِ گلگت، تبت ۽ اُتر چين کان ايندي هئي، جيڪا پڻ پنڀور بندر کان ڏور ڏيساور موڪلي ويندي هئي. 166ع ڌاري روم جا واپاري گينڊي جا سڱ چين ڪٽي ويندا هئا، جتان جا ماڻهو هن شيءِ کي مرداني قوت وڌائڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. هن شيءِ جو استعمال هاڻي نازو ترڪ ڪيو ويو آهي.

ٽالمي ٻئي جي دؤر (246 ق.م) تائين عاج آفريڪا کان مصر ايندو هو. پر اُن دؤر کان پوءِ مصر، عاج هندستان کان به گهرائيندي هئي. روم جا ماڻهو هن ملڪ جي شهنشاهت شروع ٿيڻ سان هندستان جو عاج ڪم آڻيندا هئا، جيڪو خشڪيءَ وسيلي ٻاهر ويندو هو. پر ان جو وڏو حصو سمنڊ وسيلي به ويندو هو، جيڪو سنڌ جي پنڀور بندر تان چڙهندو هو ۽ اهڙو سلسلو 50ع تائين هليو. اُهي عاج کي گهر جي سامان ۾ ڪم آڻيندا

Gul Hayat Institute

نير سنڌ ۾ ٿيندو هو، جنهن کي اُٺن ۽ گيندڻن جي کلن ۾ بند ڪري ٻاهر موڪليو ويندو هو. ريوند چيني، بافتو، ململ، ٽالهيءَ (شيشم) جو ڪاٺ، خشڪ ميوو، اناج؛ جوئر ۽ ڪڻڪ پڻ ٻنڀور بندر کان روانو ٿيندو هو. عدن جڏهن پنهنجو سڌو تجارتي تعلقات باريگازا ۽ ڏکڻ هندستان سان قائم ڪيو ته به هي تجارتي شيون هن بندر کان ڏور ڏيساور وينديون رهنديون هيون. چؤماسي وارين تجارتي هوائن جي معلوم ٿيڻ کان پوءِ تجارت جا اگهه ڪِري پيا هئا. ٻي ڳالهه اِها ٿي هئي جو ٻنڀور کي ڏور ڏيساور مال موڪلڻ جي جيڪا هڪ هٽي حاصل هئي، سا ڪانئس کسجي وئي هئي. ان کان هيءَ ڳالهه به ٿي هئي ته ٻنڀور تي مال چاڙهڻ يا لاهڻ جي مزدوريءَ جا اگهه به ڪِري پيا هئا. لوبان، ٻنڀور ۾ ٻاهران ايندو هو، جيڪو چين کان پَٽَ خريدڻ جي بدلي ادا ڪيو ويندو هو. لاجوَرد پٿر بدخشان کان ايندو هو، جيڪو ٻنڀور کان ٻاهر موڪليو ويندو هو. اهڙيءَ ريت فيروزو پٿر هندوڪش جبل کان ايندو هو، جيڪو خشڪيءَ وسيلي ننڍي کنڊ جي مختلف ماڳن ڏانهن موڪليو ويندو هو، جتان کان تبت ۽ چين روانو ڪيو ويندو هو. افغانستان ۽ وچ ايشيا مان عورتون اينديون هيون، جيڪي ياوَن (يوناني) يا يورپي نسل جون هوندون هيون. مرجان به ايندي هئي، جيڪا گهڻن رنگن جي هوندي هئي.

مصر کان ڇيٽ جو ڪپڙو گهرايو ويندو هو. ٿورو شراب به ايندو هو. لوبان سان گڏوگڏ چانديءَ جا نقش ٿيل آرائشي ٿانوَ به ٻاهر وڃڻ لاءِ ٻنڀور ايندا هئا. 70ع کان پوءِ ٻنڀور ڏانهن سون جو تعداد تمام ٿورو آيو هو. ڇاڪاڻ ته تجارتي ڏيتي ليتي گهٽجي وئي هئي. پر اٽڪل سؤ سالن تائين يعني 27 ق.م کان 70ع تائين مال بدلي هندستان کي ڪجهه سون ۽ سونا سڪا ادا ڪيا ويندا هئا.

ڪشن گهراڻي جي راجا 'ڪڊفيسس ٻئي' (64ع – 78ع) سون جا سڪا تيار ڪرايا هئا، جن جي تورپ ماپ، 'نيرو' کان اڳ وارن روم جي سڪن جهڙي هئي ۽ انهن جيان خالص سون جا هوندا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته اُهي سِڪا پَٽ (ريشم) جي واپار جي سهوليت واسطي تيار ڪيا ويا هئا. انهيءَ زماني ۾ هيءَ تجارتي شيءِ مشرقِ قريب جي ميسين ۽ ڪئراسين



Gul Hayat Institute

جي راجائن ڏانهن موڪلي ويندي هئي. جيڪا پوءِ روم موڪلي ويندي هئي. ايئن ٿيڻ ڪري پنيور کي تجارتي نقصان ٿيو هو، جيڪو انهيءَ زماني ۾ پارٿين جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو، جيڪي ڪشن راجائن جا جاني دشمن هئا.

## تجارتي برادريءَ جو اُڀري اچڻ ۽ ثقافتي اثر نروار ٿيڻ

(1) اُتر- اولهه هندستان جي هند- يوناني بادشاهن، اولهه ايشيا ۽ يونچ سمنڊ وارن ملڪن سان ناتن وڌائڻ جي همت افزائي ڪئي هئي. هن معاملي ۾ اُتر- اولهه هندستان سان سنڌ به شامل هئي.

(2) ستين، پارٿين ۽ ڪشن حڪمرانن وچ ايشيا کي نندي ڪنڌ جي تجارتي دائري ۾ شامل ڪيو هو. انهيءَ طريقي سان هنن ملڪن وسيلي چين ڏانهن ويندڙ ڪيترائي تجارتي رستا نهي ويا هئا.

(3) تجارتي سرگرمين وسيلي ملندڙ منافعي سان گڏ مذهبي اثرن کي پڻ اڻ سڌي نموني قبول ڪيو ويو هو ۽ انهن ماڻهن ٻڌ ۽ جين مذهب قبول ڪيو. جن جو بنيادي طور نندي ڪنڌ واريءَ ڌرتيءَ سان ڪو واسطو ئي ڪونه هو. انڪري هي مذهب هندين ماڳين پکڙجي ويا هئا. (اهم طريقو سياسي تسلط حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو ويو هو. جيڪو سنڌ جي سومرن ۽ سمن به اختيار ڪيو هو. هي ماڻهو اصلاً هندو راجپوت هئا ۽ سياسي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمان ٿيا هئا. - مترجم)

(4) ڪچي مال ملڻ واري جُوءِ ۾ صنعتون قائم ڪيون ويون، جتي ڪپهه ٿيندي هئي، اُتي ڪپهه اُٽڻ جا جام آڏاڻا به قائم ڪيا ويا هئا. هن تجارتي سرگرميءَ ۾ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي.

(5) هند- يوناني دوڳلو فن پيدا ٿي چڪو هو، جنهن جو مثال گنڌارا جو فن آهي. هن فن جو بڻ بنياد يوناني- رومي- سڪندريا فن آهي. هن ماڳ کان ڪَنجهي ۽ مصالحي سان نهيل بت، ريشمي تجارتي آمدرفت سان گڏ پنيور ايندا هئا، جيڪي پوءِ ٽيڪسيلا پهچندا هئا. هن قسم جي بُتن اچڻ ڪري ٻُڌ ڌرم جي بزرگن بابت قائم تصور ۾ نمايان تبديلي اچي وئي هئي. هن ڌرم جي ماڻهن نون بُتن جي رنگ، فني ۽ تخليقي خوبين کي



Gul Hayat Institute

تسليم ڪري ورتو هو. اهڙيون ڳالهيون هنڌين ماڳين قبول ڪرڻ لاءِ واپاري برادريءَ ۽ شاهي خاندان هڪ جهڙو اهم ڪردار ادا ڪيو.

(6) مغرب سان تجارت ڪري هتان شهرن ۾ انجمنون ۽ اتحاد نهي ويا هئا. هنرمند ۽ ڪاريگر هن قسم جي انجمنن ۾ داخل ٿي اهم ڪردار ادا ڪرڻ لڳا هئا، جن هنن کي هڪ اهم سماجي حيثيت ۽ تحفظ فراهم ڪيو هو. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت، ڪنيارڪي ڌنڌي ۽ ڏڪاٽڪي فن جون انجمنون نهي چڪيون هيون. اهو بہ امڪان آهي تہ ٻيڙين ناهڻ واري ڌنڌي ۾ ماڻهن گڏجي ڪم شروع ڪيو هوندو. هنن انجمنن وسيلي ڪم جي معيار تي ضابطو رکيو ويندو هوندو، نين طرزن جي ايجاد ڪئي ويندي هوندي. مقرر قيمت ۽ معاوضي جو فيصلو ڪيو ويندو هوندو. ڪنهن ڪم لاءِ سکيا ڏني ويندي هوندي. تيار مال جي طلب مطابق انجمن جا ميمبر مقرر ڪيا ويندا هوندا.

(7) امڪان آهي تہ پهرين صديءَ عيسويءَ تائين علم نجوم، ۽ مختلف قسم جي دوائن جي تياريءَ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هوندي. هن قسم جا وسيع پيماني تي رابطا فقط سنڌ وسيلي ئي ممڪن هئا.

## ٻنپور جي تجارت جو زوال

سنڌو ماتريءَ وارو ريشم وارو رستو سيني ڪان ننڍي ۾ نندو هو. ڪشن حڪمرانن جو سنڌ جي لاڙ وارن بندرن تي ضابطو ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ اُن ساڳئي زماني ۾ ڏکڻ سنڌ، پارٿين يا سٿين حڪمرانن جي قبضي ۾ هئي. هيءُ هڪ مُنجهيل وايومنڊل هو. تنهنڪري ڪشن گهراڻي جي حڪمران مجبور ٿي سنڌ ڏانهن ايندڙ هن تجارتي مال جو رخ موڙي ڇڏيو هو ۽ اهو رستو ٽين صدي عيسويءَ تائين ويران رهيو. انهيءَ زماني ۾ ساساني خاندان پارٿين کي پڇاڙي ڪڍيو هو. ان دؤر ۾ ڪشن جي حڪمرانيءَ بہ زوال جو شڪار هئي، جن کي تارم ماتريءَ مان نڪري وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. هنن ڳالهين ڪري چين، بنگال جي اپسمنڊ جي ڪارمنڊل واري سامونڊي ڪناري وارن بندرن وسيلي پنهنجو هي تجارتي مال ولايت موڪليندا هئا. پر هنن ڪڏهن بہ يورپي يونانين يا رومين سان سڌو واپار ڪونہ ڪيو هو. هن تجارتي مال کي ٻاهر موڪلڻ لاءِ هندستاني



Gul Hayat Institute

واپاري جڻ تہ وچين ڌُر هئا ۽ پنهنجن بندرن تان هي مال ڪيڏانهن موڪليندا هئا. امڪان اِهو آهي تہ چيني ۽ هندستاني واپاري ڏکڻ ڪارمنڊل واري سامونڊي ڪناري بندر تي ملندا هئا. جنهن کي چين وارا ”گو اوڪ او“ جي نالي سان سڏيندا هئا. اُتان کان پوءِ اِهو تجارتي وکَرُ بيڙي تي لڏي مغرب پار هاڪاري ويندا هئا. روم ۽ ايران وچ ۾ جنگين چڙي وجڻ ڪري خشڪي جا تجارتي رستا پيننگ ٿي ويا هئا ۽ چيني بہ انهن خشڪيءَ جي رستن کي استعمال ڪرڻ کان هٿ ڪَڍي ويا ۽ ساموندي رستي کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ لڳا هئا.

چوٿين صديءَ جي مُنڍ ۾ ”هن“ لوڪن چين مان اولهہ طرف وڌڻ لڳا. هي ماڻهو ڏنار هئا. هڪ جاءِ تي گهر ناهي ڳوٺ بڌي ويهڻ وارا ڪونہ هئا. اج هِتي سياٽي هُتي. نئون سج، نئين جوءِ. جتي پڪي، تتي ڪاڏي. چين، گُپت ۽ بازنطيني تهذيبن کي بہ چگو چَتڪو چڪايائون. فرانس کان نڪتا تہ اسپين پهتا. انهن کي پنهنجي ڏاڍِ جا ڏنگ هٽي، اٽلي، قسطنطينہ ۽ يونان کي پنهنجي ڪِيس قهر جو مزو ڏيکاري تجارتي رستن ۽ تجارت جي پيننگ ڪري اڳتي وڌيا. هنن ڏاڍ ۽ ڏمرُ جو اٿاٺو اثر سڪندريا جي تجارت تي پيو، جنهن جون بازاريون ۽ بندر پڙپانگ ٿي ويا. ان جو اثر اِهو ٿيو جو ساري تجارت عربن جي وَرَ چڙهي وئي. ايشيا ۽ يورپ جي تجارتي مرڪزن جي تباهيءَ جڻ عربن جا پاڳ کولي ڇڏيا هئا. ايٿوپيا جي عدول بندر ڏاڍي ترقي ڪئي ۽ سُنت ئي تجارت جو اهم مرڪز بڻجي ويو. هن تجارت تي پهريائين عربن پوءِ ايرانين قبضو ڪيو. جنهن جو تعلق هندستان جي تجارتي مال سان هو. هندستان جي تجارت پورچوگيزن جي هٿ اچڻ تائين تجارتي صورتحال ايئن رهي، جهڙيءَ ريت مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

**ذريعا**

هن موضوع سان لاڳاپيل ’وئرنگٽن‘ جو اهم ڪتاب ”ڪامرس بٽوين رومن امپاير ائنڊ انڊيا“ آهي، جيڪو 1928ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو هو. پر هن ڪتاب ۾ آيل مواد گهٽن ذريعن جهڙوڪ: ’حوراني‘ جو ڪتاب ”عربس سي فارنگ ان دي انڊين اوشن“ پرنسٽن، 1950ع، ’آر. ڪي. مڪرجي‘ جو ”هسٽري آف انڊين شپنگ“ لنڊن، 1957ع، ’ولسن‘ جو ”دي پرشين

ڪلاف فرام ارليئسٽ ٽائيمس ٽُ دي بِگننگ آف دي ٽئنٽيٿ سينچري"، لنڊن، 1954ع، 'راجرس. ايچ' جو "دي انڊين اوشين"، لنڊن، 1932ع، 'اي. جي. وليئرس' جو "ٽريڊ روٽس ائنڊ ڪامرس آف روم امپاير"، 'اي. جي. رالنسن' جو "انڊيا ائنڊ دي ويسٽرن ورلڊ فرام دي ارليئسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي رومن امپاير"، ڪئمبرج 1926ع.

'اي. حوراني' اوفير کي سنڌ سمجهي ٿو. 'جي. اي. بريسٽيڊ' پنهنجي ڪتاب "هسٽري آف ايجپٽ فرام دي ارليئسٽ ٽائيمس ٽُ دي پرشين ڪانڪُئيسٽ"، لنڊن 1920ع ۾ بحث ڪري ٿو ته، مصر جي فرعون 'هٽشيپسوٽ' (1490- 1475 ق.م) ۽ 'فرعون نيڪو پيو' نيل درياهه کي ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍڻ جون ڪوششون ڪيون هيون. 'اسڪائي لئڪس' جي ساموندي سفر تي 'هيرودوٽس' پنهنجي تاريخي ڪتاب ۾ بحث ڪيو آهي، جيڪو 'ايوبري سيلف ڪورٽ' ترجمو ڪيو ۽ لنڊن ۾ 1954ع ۾ ڇپيو آهي.

ڪيماني دؤر بابت 'هيرودوٽس' ۽ 'ڪٽيسياس' گهڻو ڪجهه لکيو آهي. تنهن هوندي به هن دؤر تي وڌ ۾ وڌ سنو 'اولمسٽيڊ' لکيو آهي، جنهن "هسٽري آف پرشين امپاير" تصنيف ڪئي آهي، جيڪا 1948ع ۾ شڪاگو ۾ ڇپي آهي. سڪندر دؤر جي مؤرخن ۽ 'نيرڪس' "انڊيڪا" نالي ڪتاب لکيا هئا، جن ۾ انهن هن حقيقت کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سڪندر وٽ سنڌوءَ ۽ فرات کي ملائڻ، پوءِ فرات کي نيل سان ڳنڍڻ ۽ نيل جي پاڻيءَ کي ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍڻ جو منصوبو هو. "انڊيڪا" نالي پهريون ڪتاب 'ڪٽيساس' لکيو هو. هي پنجين صدي ق.م دؤران دارا جو درباري حڪيم هو. اُن کان پوءِ "انڊيڪا" نالي ڪتاب 'مئگاسٿينس' لکيو هو، جيڪو چندرگپت جي دربار ۾ سفير هو. هن ساڳئي عنوان سان 'پلوٽارڪ' ۽ 'ائرين' به لکيو آهي. - مترجم)

'شوف' به "پريپلس آف ايريٿرئين سي" ۾ سنڌ جي تجارتي شين ۽ تجارت جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب 1912ع ۾ فلاڊيلفيا ۾ ڇپيو آهي.

'جي. ڊبليو. مئڪرنڊل' پڻ 'ٽالمي' جي جاگرافيءَ تي پنهنجي ڪتاب "ائنشنٽ انڊيا ائز ڊسڪرائيبڊ باءِ ٽالمي" ۾ گهڻو بحث ڪيو آهي. ڪتاب بمبئي ۾ 1884ع ۾ ڇپيو هو.



Gul Hayat Institute

'اسٽرئبو' هن نديءَ ڪنڌ جي جاگرافي لکي هئي، جنهن کي پڻ 'مئڪرنڊل' ترجمو ڪري "ائنشنٽ انڊيا ائز ڊسڪرائيبڊ باءِ ڪلاسيڪل لٽريچر" ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي ويسٽ منسٽر وارن 1901ع ۾ ڇاپيو هو.

هن نديءَ ڪنڌ ۽ روم وچ ۾ موجود تعلقاتن بابت قديم دؤر جون تصنيفون جهڙوڪ: 'پليني' جي "نيچرل هسٽري". "پيريپلس آف ايريٽرئين سي" ۽ 'ٽالمي' جي "جاگرافي" اهم حيثيت رکن ٿيون. هن اهم ادب سان 'آگاٿارسيڊ' ۽ 'اسٽرئبو' جي تصنيفن کي پڻ شامل ڪري سگهجي ٿو. اُن کان سواءِ 'ڊاڪٽر ايف. اي. خان' جا ڀنڀور جي کوٽائي ۽ کوجنا بابت لکيل مختلف مقالا به هن ڏس ۾ اهم حيثيت جا مالڪ آهن. سندس تحقيق وسيلي هي ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته ڀنڀور ٻي صدي ق.م کان وٺي تيرهين صدي عيسويءَ جي پهرين چوٿائيءَ تائين آباد رهيو آهي. هن ماڳ کي مختلف دؤرن ۾ مختلف نالن جهڙوڪ: باربريڪون، باربري، ديبل ۽ ڀنڀور جي نالي سان سڏيو ويندو رهيو آهي.

ٻيڙين ناهڻ جي موضوع تي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "يوڪتي ڪلپاترو" نالي هڪ ڪتاب آهي، جنهن ۾ مختلف قسم جي ٻيڙين جا دلچسپ تفصيل ڏنل آهن. اهڙي بيان ۾ انهن ٻيڙين جي ڊيگهه، موڪر، اوچائيءَ جو تفصيلي ذڪر موجود آهي. اِهو به ٻڌايو ويو آهي ته اُهي ڪهڙي قسم جي ڪاٺ مان بڻايون وينديون هيون. انهن کي ناهڻ، رنگ ڏئي خوبصورت بڻائڻ جو ڪهڙو طريقو هو ۽ ان ۾ ڪهڙيون شيون ڪَتبُ آنديون وينديون هيون. وڏن ٻيڙين يا جهازن جي شڪل صورت ڪهڙي هوندي هئي ۽ مٿن نهيل اڳيون حصو ڪهڙيءَ شڪل جو هوندو هو ۽ ڪونيون ڪهڙي ٻيهڪ جون هونديون هيون، جن ۾ گهوڙا ۽ هاٿي بيهاري ڏور ڏيساور موڪليا ويندا هئا. موهن جي دڙي مان لڌل هڪ مُهر تي اُن دؤر جي هڪ ٻيڙيءَ جي اهڙي شڪل آهي، جنهن جو اڳيل وارو پاسو اُتي جو اُتي سوڙهو وريل آهن. منان سمنڊ جون ٻيڙيون به ساڳئي شڪل صورت جون آهن. شهنشاهتن واري زماني کان اڳ واري دؤرن جي حاصل ٿيل نڪر ٽانون تي پڻ اهڙي جهازن جي تصوير موجود آهي. ان ساڳئي جهاز جهڙي تصوير

سُمير جي ٻيڙين تي اُيي طرز جي مورتيءَ پڻ ڏسجي ٿي. هن قسم جي ٻيڙين ۾ مستول موجود ڪونہ ٿو ڏسجي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُهي فقط درياهن ۾ ڪَتبُ آنديون وينديون هيون. ٻيڙيءَ جو هڪ ٻيو نمونو پڳل ٿانوَ جي هڪ ٺِڪر تي ڏسڻ ۾ آيو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ انهيءَ قسم جي ٻيڙي سمنڊ ۽ درياهہ ۾ استعمال ڪري سگهبي هئي. ”سانچي“ جي هڪ اسٽوپا مان هڪ بُت مليو آهي، جنهن جو تعلق ٻي صدي ق.م کان ٽي صدي عيسويءَ تائين ٿي سگهي ٿو. مٿس هڪ ٻيڙيءَ جي شڪل اُڪريل ڏسجي ٿي، جنهن جو آڳيل هڪدم ئي مٿي وريل آهي. هن بُت تي اُڪريل جهاز جي شڪل مان ”يوڪتيڪا پالترو“ جي بيان جي تصديق ٿي وڃي ٿي. اجنتا جي غارن ۾ بہ اهڙيون ڪي تصويرون آهن، جن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ قنوج جي راجا ’پلاڪيسي ٻئي‘ جي موڪليل سفارت ايران جي شهنشاهہ ’خسرو‘ جي دربار ۾ موجود آهي. اُن تصوير ۾ نظر ايندڙ جهازن ۽ ٻيڙين جي شڪل صورت اهڙي آهي، جيڪا هوبهو يوڪتيڪا پالتري جي بيان مطابق آهي. سنڌ بہ انهيءَ زماني ۾ اهڙيون ٻيڙيون ڪم آڻيندي هئي.

ٻُڌ ڌرم جي مقدس ڪتابن کي ”جتڪس“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جن جو بيان آهي تہ، هن نديءَ ڪنڌ ۽ بابل وچ ۾ ساموندي تعلقات هوندا هئا، جيڪي 500 ق.م کان وٺي راجا ’اشوڪ‘ جي زماني تائين قائم هئا. هنن ڪتابن ۾ اِهو ذڪر بہ موجود آهي تہ سنڌ کان فارس ڏانهن گهوڙا ايندا هئا، جيڪي ٻيڙين بنگال جي اپسمنڊ تائين پهچندا هئا ۽ پوءِ درياهہ وسيلي اوپارو فارس ايندا هئا.

’ريز ڊيوڊس‘ ٻُڌ ڌرم جي مقدس ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ، ستين صدي ق.م ۾ ساموندي واپاري چوماسي جي هوائن جي مدد سان سفر ڪندا هئا. ائين بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ انين صدي ق.م جي پڇاڙيءَ واري حصي کان وٺي ائين ڪيو ويندو هجي. اُهي واپاري ٻيڙين هن نديءَ ڪنڌ جي ڏکڻ- اولهہ واري ساموندي ڪناري وارن بندرن سان واپار ڪندا هئا. هن ڪناري جو ٻيڙيون بندر ”سووير“ هوندو هو. اُن کان پوءِ ”بوپارڪا“ ۽ پوءِ ”پاروڪا ڇاڇا“ (ٻڙوچ) ايندو هو، جتان کان بابل روانو ٿيو هو.

لوريا دؤر جي جهازن ۽ ٻيڙين جو ذڪر ”ارٿ شاستر“ مان پڻ معلوم

ٿئي ٿو، جيڪو 'چاڻڪيہ ڪوتليہ' لکيو هو. هن ڪتاب جو ترجمو 'وي. اي. سمٿ' ڪيو آهي.

نئيي ڪنڌ ۽ روم وچ ۾ تجارتي تعلقاتن تي 'وهيلر' پڻ لکيو آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "روم بيانڊ اٽس فرنٽيئر" ۾ بيان ڪري ٿو تہ، روم جا هندستان ۾ سڪا مليا آهن، جنهن مان هن بهترين نتيجا حاصل ڪري ورتا آهن.

'بيڊ اسٽينڊ' پنهنجي ڪتاب "ايسٽرن ايشيا" ۾ نئيي ڪنڌ جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. 'گبن' بہ پنهنجي تصنيف "ڊيڪلائين اينڊ فال آف دي رومن امپاير"، جيڪو لنڊن ۾ 1940ع ۾ شايع ٿيو آهي، ۾ پڻ مشرق سان واپاري ناتن جو ذڪر ڪيو آهي. گڏوگڏ اُن دؤر جي اقتصادي ۽ سياسي حالتن تي بحث ۽ سڪندريا جي تباهيءَ جو بيان ڪيو آهي. 'پي. ڪي. هِٽي' عربن جي هندي سمنڊ ۽ ايراني نار جي تجارتي آمدرفت جو ذڪر ڪيو آهي. سنڌ- سُمير تعلقاتن بابت هن 'بريسٽيڊ' تان گهڻو استفادو ڪيو آهي. هي مورخ 'منائي'، 'صابي' ۽ انهن کان پوءِ اينڊز 'همایاري' جو پڻ ذڪر ڪري ٿو. 'مڪرجي' ٻڌائي ٿو تہ، ستين صدي ق.م دؤران سنڌ ۽ بابل وچ ۾ تجارتي تعلقات موجود هئا.

'سڪندر' جي مؤرخن ۾ 'ائرين' سڀني کان وڌيڪ اعتماد جوڳو مؤرخ آهي. هن ٽالمي پهرين 'سورٽر' جي تاريخ تان گهڻو استفادو ڪيو آهي، جيڪو مصر جو حڪمران هو. ان سان گڏ هن 'نيرڪس' تان بہ مدد ورتي آهي. هن جي تصنيفن "انڊيڪا" ۾ 'نيرڪس' جي سنڌوءَ جي سفر جو احوال ڏنل آهي. 'ائرين' گهڻو 'ائسٽروبوليس' جا حوالاڪونہ ڏنا آهن. تازو 'ايگرمونٽ' هن ڪتاب کي گهڻو ڪُتبُ آندو آهي. مصر جي ٽالمي گهراڻي بابت 'بريسٽيڊ' تان ۽ سليوسڊ گهراڻي جي حڪمرانن بابت معلومات 'ڊبليو. ڊبليو. ٽرانسر' جي ڪتاب "هيلينڪ سولائيزيشن" تان مدد ورتي وئي آهي. ٽالمي گهراڻي بابت اهم معلومات 'نيوبلي وليمس' جي ڪتاب تان ورتي وئي آهي.

ضميمو- ب

# ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ جو ديبل بندر

**وليم فلور**
**تعريف: ايم. ايڇ. پنهور**

**عطا محمد ڀنڀرو**

**تعارف:**

هي رپورٽ ڊچ واپارين 'ڊبليو. اي. براهي' ۽ 'اين. ايس. موج' جي ڳڌيل محنت جو نتيجو آهي. 8- مئي 1756ع تي ڊچن جو "هيٺ پارگيگ" نالي هڪ جهاز تجارتي مذاڪرات جي مقصد سان سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي هڪ بندر تي پهتو هو، جنهن کي ڊچ ۽ ٻيا يورپي "ديولِ سنڌ" جي نالي سان سڏيندا هئا. تجارتي مذاڪرات جو اهم معلوماتي حصو هيٺ ڏجي ٿو.

سنڌ ۾ گهرايون ويندڙ ۽ هتان ڏور ڏيساور موڪليو ويندڙ تجارتي مال، گهرايو ويندڙ مال جو تعداد، اُن جون قيمتون، ۽ انهن ملڪن جي نالن جي فهرست، جن ڏانهن سنڌ جو تجارتي مال موڪليو ويندو آهي.

سنڌ جون اقتصادي حالتون ۽ هِتان جي قانون جي حڪمرانيءَ ۽ امن امان جي صورتحال.

سنڌ جي تجارت تي ڊچن، پورچوگيزن ۽ انگريزن جو پاڻ ۾ ويڙهه، باقي ٻين ٻن قومن جي دشمنيءَ ڪري ڊچن لاءِ پيدا ٿيل ڏکيائيون ۽ ڏچا.

مقامي حڪمرانن جو ڌارين واپارين سان رويو ۽ انهن کي راضي رکڻ لاءِ اختيار ڪيل طريقا.

ڪسٽم محصول اوڳاڙڻ جي ڏسُ ۾ سنڌ جي سرڪاري عملدارن جا اختيار ۽ بندر تي مقرر ڪيل مختلف گورنر.

تور ۽ ماپ.



Gul Hayat Institute

رپورٽ ۾ بيان ڪيل سترهين ۽ ارڙهين صديءَ دؤران سنڌ جي تاريخي جاگرافي.

تجارت لاءِ پرواني جو ملڻ، واپاري ڪوٺيءَ جو قيام ۽ محصول جي معافي.

واپارين، بندرن جي گورنرن ۽ پلاوٽن جا نالا.

هنان جون رسمون ۽ رواج.

هن تعارف جو مقصد اِهو آهي تہ جيئن مٿي بيان ڪيل فهرست ۾ موجود هر موضوع تي مختصر طريقي سان ڳالهائجي. مختلف ذارين ذرين ۾ موجود تجارتي دشمني ۽ متعصب جي چنڊڇاڻ ڪجي. اُهي ذريون پاڻ ۾ ڪهڙي طريقي سان نبريون هيون ۽ ڪهڙا نتيجا نڪتا هئا. تنهن تي پڻ تيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي. اُن ڪان سواءِ هتي تجارتي شين ۽ انهن جي استعمال جي ضرورت تي پڻ مختصر راءِ جو اظهار ڪيو ويو آهي.

## پورچوگيزن جو سنڌ ۾ اچڻ

پندرهين صديءَ ۾ يورپ اندر وينس هڪ اهم تجارتي مرڪز بڻجي چڪو هو. جيڪو انهيءَ زماني ۾ مشرق جون تجارتي شيون ۽ گرم مصالحا هندستان، ڏکڻ اوڀر ايشيا، جاوا ۽ چين کان گهرائيندو هو. وينس کي اِهو تجارتي مال عرب واپاري پُهچائيندا هئا. پندرهينءَ صديءَ ۾ ترڪ خليفن شام، عربستان، عراق ۽ مصر تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ هن تجارتي رستي کي ختم ڪري ڇڏيو هئائون.

يورپي واپاري مشرق جي تجارتي مال لاءِ هڪ ٻئي رستي جي تلاش ۾ هئا. ڇاڪاڻ تہ ترڪن پنهنجي حڪمرانيءَ سرحدن مان لنگهندڙ انهيءَ تجارتي مال تي ڳاٽي ٽوڙ محصول مڙهي ڇڏيو هو. پورچوگيز، يورپ جي اها پهرين قوم هئا، جنهن 1498ع ۾ هندستان ڏانهن ويندڙ ڪيپ آف گڊ هوپ وارو تجارتي رستو دريافت ڪري ورتو هو. هنن جلد ئي هندستان جي سامونڊي ڪناري وارن اهم بندرن تي پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪري ورتيون هيون ۽ هتان جو سامان يورپ ڏانهن موڪلڻ لڳا. ڇاڪاڻ تہ تنهن زماني ۾ هي يورپ جي هڪ شاهوڪار قوم هئي. يورپ جون ٻيون قومون سندن دولتمنديءَ کي ڏسي ساڙ ۾ پيون سڙنديون هيون. پورچوگيز انهن کي مشرق جي تجارت جي ويجهو اوڏو وڃڻ ئي ڪون ڏيندا هئا.

ڇاڪاڻ تہ تن ڏينهن ۾ هنن وٽ نهايت طاقتور ساموندي فوج هوندي هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو هندستان، ڏکڻ- اوڀر ايشيا، چين ۽ فلپائن جي تجارت تي سندن مڪمل قبضو هو.

پورچوگيزن 1570ع ڌاري لاهري بندر تي بہ پنهنجي واپاري ڪوٺي قائم ڪئي هئي، پر پتو ڪونہ آهي تہ انهن سنڌ جي حڪمران سمي سلطان کان اهڙي اجازت ورتي هئي يا نہ. ساڳيءَ ريت هنن هندستان جي الهندي ساموندي ڪناري ۽ ساري ڏکڻ- اوڀر ايشيا جي ساموندي ڪناري وارن بندرن تي پنهنجون تجارتي ڪوٺيون قائم ڪري ورتيون هيون. سورهين صديءَ ساري ۽ سترهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين پورچوگيزن جي رات هئي. ڪير سندن وار بہ ونگو ڪري ڪونہ سگهندو هو. انهيءَ زماني ۾ هندي سمنڊ کي پورچوگيز- سمنڊ ڪري سڏيو ويندو هو ۽ هن سمنڊ جي اڪيلي ڪاري جا مالڪ اُهي يورپي ماڻهو هئا. سنڌ جي تجارت جو وڏو حصو سندن ور چڙهي ويو هو. هي ماڻهو ٻاهران بہ مال گهرائيندا هئا ۽ سنڌ جي واپار تي سندن هڪ هٽيءَ قائم ٿي وئي هئي.

(1) هنن اهم بندرن ۽ شهرن تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ مقامي حڪومتن کي عهدنامن تي صحيحون ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هئائون تہ ڪين واپاري ڪوٺين کولڻ جي موڪل ڏني وڃي. ڪين تمام گهٽيون رعايتيون بلڪل ڪين تجارتي هڪ هٽيءَ جي اجازت ڏني وڃي.

(2) مختلف بندرگاهن تي پنهنجن قلعن اڏڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ويا. جيڪڏهن ڪي ٻيون ڌريون واپار ڪرڻ جا جتن ڪنديون هيون تہ انهن جي ٻيڙين کي بمن سان تباهہ ڪري ڇڏيندا هئا.

(3) هو ساموندي ڌاڙيلن جيان ڪلئي سمنڊ ۾ ٻين قومن جي ٻيڙين کي ڦري لُٽي ناس ڪري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن تہ انهن جي ٻيڙين کي ساڙي ناس ڪرڻ کان بہ ڪونہ مُڙندا هئا. جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ نہ ڪندا هئا تہ ڪانئن زوري محصول اُڳاڙي وٺندا هئا.

(4) ڏيهي واپاري يا ڏور ڏيساور تجارتي مال کڻي ويندڙ وڻجارا هنن پورچوگيزن جا پلاوٿا ٿي ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا هئا ۽ انهن جو مال خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ پابند ٿي ويا هئا. ڇاڪاڻ تہ هو سمنڊ ۾ پنهنجي ڦلائيندا ۽ هلائيندا هئا، پر ڌرتيءَ ڏٽي ڪونہ هئا.

(5) جنهن بہ ٻيڙيءَ يا جهاز تي قبضو ڪري وٺندا هئا تہ انهن جي ٻيڙائتن تي دهشت پکڙيندا هئا تہ جيئن هو، پورچوگيز دشمن ڌرين جو تجارتي سامان نہ نين ۽ نہ آڻين.

(6) هندستان جي ٻن راجائن ۾ جنگ دوران سٽيءَ ۽ سگهاريءَ ڌُر جي مدد ڪندا هئا.

(7) سامونڊي تجارتي رستن جا نقشا ٻين يورپي قومن کان ڳجها رکندا هئا.

(8) عرب واپارين کي هندي ۽ آفريڪي سمنڊ ۽ ايراني نار ۽ ان جي اوسي پاسي اچڻ وڃڻ ڪونہ ڏيندا هئا.

اهڙيءَ ريت هندستان جي سامونڊي ڪناري، ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۽ انڊونيشيا جا سڀئي سامونڊي بندر پورچوگيزن جي هٿ وَسُ هئا. هنن فلپائين ۽ سري لنڪا کي فتح ڪري مٿن پنهنجو راڄُ قائم ڪيو هو. اُن کان سواءِ هنن ماڻهن ڪيترا ٻيٽ ۽ ڪن ٻيٽن جا شهر پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هئا. اسپين هن سان ٻِٽُ ۽ جهٽُ ٻٽيل هو. پوپ هنن ٻنهي ڌرين وچ ۾ ناهہ ڪرايو هو ۽ اسپين کي موڪل ڏني هئائين تہ پلي هو برازيل کان سواءِ ساري آمريڪا تي قبضو ڪري. جڏهن مشرق جي ٻين قديم ملڪن تي پورچوگيزن جو قبضو هوندو هو. پورچوگيزن جي اها عظمت سندن وڏن سامونڊي جهازن ڪري هئي، جيڪي پنهنجي شڪل صورت ۾ قلعي جيان معلوم ٿيندا هئا، جن جي چوڌاري توبون نصب ٿيل هونديون هيون. اهڙين توبن جي مشرق جي ملڪن کي ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي، جڏهن هنن جي ڪارڪردگيءَ جي ڄاڻ پئي تہ بہ هندستان جي مغل حڪمرانن اهڙا سامونڊي جهاز ڪونہ ٺهرايا، جن ۾ توبون نصب ٿيل هجن. پورچوگيزن وٽ ايترا گهڻا ماڻهو ڪونہ هئا، جن جي واهر سان خشڪيءَ جي جنگ وڙهي سگهن. پر هنن سامونڊي ڪنارن سان آباد ملڪن مٿان ڇڻ پنهنجو ڪڙو چاڙهي ڇڏيو ڪيو هو. مغلن يا ٻين حڪمرانن ۾ ايتري همت ڪانہ هوندي هئي جو ڪين سمنڊ ۾ للڪاري سگهي. هو مشرق ۾ اچڻ کان پوءِ سوا صديءَ تائين هن سمنڊ جا بادشاهہ رهيا. 1492ع ۾ 'ڪولمبس' آمريڪا دريافت ڪئي هئي ۽ هندستان جو رستو 1498ع ۾ معلوم ٿيو هو، جيڪو 'واسڪو ڊيگاما' ڳولهي لڌو هو. تنهنڪري هنن ماڻهن کي ساري دنيا جي سمنڊن مٿان ڇڻ هڪ هٽي حاصل هئي.

اسپين ۽ پورچوگال جي حڪمرانن واپار تي بہ هڪ هٽي حاصل ڪري ورتي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ سندن سياسي سگهہ پڇي پور ۽ ڪنا ڪيڙا ٿي وئي. هنن جي هڪ هٽي ناسُ ٿيڻ جو ڪارڻ هي هو جو اسپين ۽ پورچوگال جي سامونڊي آرماڙ کي برطانيا ناس ڪري ڇڏيو هو. هن جو مکيہ سبب اِهو هو تہ هنن ٻنهي ملڪن کي افرادي قوت ڪانہ هئي. اسپين ۽ پورچوگال جي بادشاهن جذبات ۾ اچي ماڻهن کي مذهب مٽائڻ لاءِ مجبور ڪيو. اُن کان پنهنجي ماڻهن کي هندستان جي رومن ڪئٿولڪ عيسائين مان شادي ڪرڻ کي همٿايو. اهڙيءَ ريت پورچوگيزن، هندستان، سري لنڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، ريڊ انڊين ۽ اسپين جي عورتن سان شاديون ڪيون. جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو جو انهن جو ٻيو نسل جسماني طور ايترو سگهارو ڪونہ ٿيو، وٽن يورپي ٽيڪنالاجيءَ بہ ڪانہ هئي ۽ نہ وري وٽن يورپي جوش جذبو موجود هو. يورپ جون هي ٻئي قومون مسلسل هڪ صديءَ تائين ماڻهو انهن ملڪن کان آڻائيندي رهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو آمدنيءَ جا مکيہ ذريعا ختم ٿي ويا ۽ ٻئي قومون اوچتو ئي اوچتو ختم ٿي ويون. هنن قومن جي تباهيءَ جو اهم سبب اِهو هو تہ جن ملڪن ۾ هنن بينڪي راڄ قائم ڪيو هو، اُتي پورچوگالي ۽ اسپيني عورتون گهٽ هيون.

هنن ٻنهي يورپي قومن جي تباهيءَ کان پوءِ ڊچ ۽ ان کان پوءِ انگريز آيا. اهڙو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

### پورچوگيز– ڊچ دشمني

پوچوگيزن ۽ ڊچن جي وچ ۾ دشمنيءَ جو ڪارڻ مشرقي تجارت هئي. اُن جا تاريخي ڪارڻ هيٺ بيان ڪجن ٿا:

(الف) پورچوگيز، يورپ جي هڪ ننڍڙي قوم آهي، جيڪا يورپ ۾ مشرقي تجارتي مال پهچائڻ جي لائق ڪانہ هئي. تنهنڪري هنن ڊچن کي پنهنجو ڪميشن ايجنٽ يا پلاوٹو مقرر ڪيو. پوچوگيزن ائين ڪري ڄڻ پنهنجي پيرُ تي پاڻ ڪهاڙي هنئي. تنهنڪري پنهنجي وڍيءَ جو تہ نہ دارو هو ۽ نہ دوا هئي. اُن کان سواءِ پورچوگيزن سامونڊي واپار تي بہ پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري ورتي هئي. پر هنن اسپين جي بادشاهہ 'فلپ ٻئي' خلاف جنگ ۾ پنهنجي سامونڊي تجارتي جهازن کي ڪَتبُ آندو هو. پر

پورچوگيزن کي شڪست آئي. جنهن جو نتيجو اِهو ٿيو جو ان بادشاهہ، پورچوگال کي 1580ع ۾ اسپين سان ملائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري مشرق ۽ برازيل ۾ پورچوگال جو اثر گهٽجي ويو.

(ب) 1588ع ۾ 'فلپ ٻئي' پنهنجي ساموندي فوج کي انگلنڊ تي ڪاهي وڃڻ جو حڪم ڏنو. اها فوج جڏهن انگريزي ڪاريءَ ۾ داخل ٿي تہ طوفان کين ناسُ ڪري ڦِٽو ڪيو. ان کان پوءِ انگريزن ساموندي فوج کين برٽس آئيلس ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو. هنن وٽ ساموندي رستي جو نقشو ڪونہ هو. تنهنڪري سندن جنگي جهاز وڃي ٽڪرين سان ٽڪرايا، جنهن جي نتيجي ۾ هنن (اسپين) جا 130 مان ستر جنگي جهاز ڀچي پورا ٿي ويا.

(پ) اُن ئي زماني ۾ ڊچن، اسپين جي حڪمران 'فلپ ٻئي' خلاف بغاوت ڪئي. تنهنڪري اسپين ۽ بالٽڪ وارن ملڪن، وچين ڊر ٿيڻ کان انڪار ڪيائون. اُن جو نتيجو اِهو نڪتو جو گرم مصالحا پورچوگال پهچي ڪونہ سگهيا. اُن کان سواءِ هنن پاڻ ساموندي طاقت بنجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ گرم مصالحن پيدا ڪرڻ وارن ملڪن سان سڌو واسطو پيدا ڪري ورتو هئائون. ڊچن تيز رفتار جهاز تيار ڪري ورتا هئا ۽ واپار سان گڏ سمنڊ ۾ ڌاڙ هڻڻ شروع ڪري ڏنائون. نيٺ هو سمنڊ جا بادشاهہ سڏجڻ لڳا هئا. هنن وينس بدران آمسٽرڊم کي راجڌاني بنايو ۽ لزبن ۽ سويليءَ کي ترقي ڏئي اهم تجارتي شهر بنائي ڇڏيو هئائون.

(ڀ) اڪبر جي زماني ۾ پوچوگيزن، انگريزن ۽ ڊچن کي هندستاني واپار جي ويجهو اچڻ ڪونہ ڏنو هو ۽ کين ذاتيل طور بدنام ڪري ڇڏيو هئائون. مٿن اهو بہ الزام هنيو هئائون تہ اهي ٻئي قومون جاسوس آهن.

(ت) 1612ع ۾ پوچوگيز مدلتن جي جهازن کي گجرات کان وني ڳاڙهي سمنڊ تائين شڪست ملي هئي. انهيءَ زماني ۾ انگريز ۽ ڊچ نوان نوان آيا هئا. پورچوگيزن جي شڪستن کي ڏسي سوچيائون تہ چو نہ پوچوگيزن جي ساموندي طاقت کي ٽلڪارجي.

(ٿ) سورت جي مغل گورنر 'مغارب خان' سُورت جي انگريز 'ڊائونٽن' کي 1614ع ۾ پورچوگيزن تي حملي ڪرڻ لاءِ آماريو هو، جيڪو انهيءَ وقت حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. پر پنهنجي بچاءَ جون ڳالهيون ڳولهي رهيو هو. ليڪن هن 1715ع ۾ پورچوگيزن تي حملو ڪري کين

شڪست ڏني. ساڳئي گورنر 1614ع ۾ ماسليپٽم ۾ ڊچن کي چيو هو ته هو پورچوگيزن خلاف سندس مدد ڪن. انهيءَ زماني ۾ شهزادو 'خرم' گجرات جو گورنر ۽ سُورت سندس گورنريءَ جي حدن ۾ هئي ۽ تن ڏينهين هو پورچوگيزن جي فائدي ۾ هو. پر 1618ع ۾ 'رو' ڪانئس هڪ فرمان وٺڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو هو، جنهن مطابق کيس گهڻيون تجارتي سهولتون ملي ويون هيون. اهڙيون ڳالهيون ڏسي مدلتن جي ڪپڙن کي جڻ ته باهه لڳي وئي هئي. 'بيسٽ' ۽ 'ڊائونٽن' جي ڪوشش هئي ته پورچوگيزن کي هر محاذ تي شڪست ڏجي. انگريزن کي تجارتي فرمان ملڻ کان پوءِ حالتون انگريزن ۽ ٻين يورپي قومن جي ٿوري گهڻي فائدي ۾ نظر اچي رهيون هيون.

(ٿ) 1625ع ۾ شهزادي 'خرم' جي پيءُ شاهجهان خلاف بغاوتون شروع ٿي ويون هيون. انهيءَ ڪري پورچوگيزن کان مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پورچوگيزن ايئن ڪرڻ کان ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيو. پر اُن جي پيٺ ۾ هنن شهنشاهه 'جهانگير' جي مدد ڪئي ۽ فوج ۽ توبون سندس حوالي ڪيون ويون هيون. اُن کان پوءِ ساري صورتحال ڦري وئي هئي. انگريزن ۽ ٻين يورپي قومن جي پيٺ ۾ پورچوگيزن کي وڏيون رعايتون ملڻ لڳيون هيون.

(ٿ) 1630ع ۾ پورچوگيزن اُهي جتن ڪرڻ شروع ڪيا ته ڊچن ۽ انگريزن کي سُورت مان ڪڍي ڇڏجي. تنهنڪري هنن گجرات جي گورنر مثان دٻاءُ رکڻ خاطر مغلن جي ڪجهه جهازن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو. ان ڏکئي وقت ۾ انگريزن هن گورنر جي ڀرپور واهر ڪئي هئي.

(ٿ) 1632ع ۾ هگليءَ وٽ 'شاهجهان' پورچوگيزن کي سخت شڪست ڏني هئي.

(پ) 1634ع ۾ 'شاهجهان' هن شرط سان ڊچن کي ڪجهه رعايتون ڏيڻ جي آڇ ڪئي ته هو پورچوگيزن کي "دمن" ۽ "ديو" مان ٻي دخل ڪري ڇڏيندا. پر "باٽاويا" ايئن ڪرڻ کان ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيو هو.

(ڦ) 1634ع ۾ سُورت جي انگريز گورنر 'مٿيو' پورچوگيزن جي گوا واري فتح کي للڪاريو ۽ ان ڪري عهدي ڪرڻ جي اهل ٻڌجي ويا هئا. هن مان سندن مقصد هو ته شاهجهان، ڊچن کي هن شرط سان رعايتن ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ته هو پورچوگيزن کي دمن ۽ ديو مان هڪالي ڪڍي ڇڏيندا. پر ڊچن بدران اها ڳالهه هنن انگريزن پوري ڪئي هئي.

Gul Hayat Institute

(ج) 1634ع ۾ انگريز ۽ ڊچ، واپارين جي حيثيت ۾ پاڻ کي مڃائي چڪا هئا ۽ اُن عزت ۽ احترام جي لائق بڻجي چڪا هئا، جيڪا اڳي پورچوگيزن کي ملندي هئي.

(چ) 1637ع ۾ مغلن، پورچوگيزن جي بندرن دمڻ ۽ ديو تي وجي ڪڙو چاڙهيو. پر سُورت واريءَ ڪوٺيءَ جي انگريز اڳواڻ وچ ۾ پئي ٻنهي ڌرين کي ناهي ڪير ڪنڌُ ڪري ڇڏيو. هن وقت انگريز حڪمت عمليءَ اِها هئي ته پورچوگيز پلي دمڻ ۽ ديو تي قابض هجن. ڪين اُڌڪو هو ته متان ڊچ اڳتي وڌي هنن علائقن تي پاڻ نه ڏنگو ڄمائي ونن.

(جھ) باٽاويا، سري لنڪا تان پورچوگيزن جو قبضو ڇڏايو هو ۽ 1650ع واري زماني ۾ مشرقِ بعيد ۾ هي ملڪ ڊچن جي تجارت جو اهم مرڪز بڻجي ويو هو. انهيءَ زماني ۾ ”ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني“ چين جو پَٽُ ۽ گرم مصالحا ٻين ملڪن ڏانهن پهچائيندي هئي.

1780ع ۾ ڊچ- انگريز جنگيون لڳيون هيون، جن جي نتيجي ۾ ڊچن جي پنهنجي ٻيٽڪي راڄ جا ڪجھ حصا انگريزن جي حوالي ڪري ڇڏيا.

پورچوگيزن کي هندي سمنڊ ۾ سڀ کان پهريائين للڪارڻ وارا ماڻهو انگريز نه پر ڊچ هئا، جيڪي 1595ع ۾ ڪيپ آف گُڊ هوپ کان ڦري هتي پهتا هئا. جڏهن ته انگريز 1591ع ۾ هن ماڳ کان ڦِري هندي سمنڊ ۾ داخل ٿيا هئا. ڊچن جلد ئي آئلينڊ وارو نار پورچوگيزن کان ڇڏائي ورتو هو. 1603ع ۾ هنن گوا جي ناڪابندي ڪئي هئي ۽ 1612ع ۾ انڊونيشيا جا مالڪ بڻجي ويا هئا. هنن 1619ع ۾ جڪارتا جي ماڳ باٽاويا نالي هڪ نئون شهر اڏي ورتو هو. انهيءَ زماني ۾ هنن پورچوگيزن کان آرچي پليڱو وارا اهم ٻيٽ هٿ ڪري ورتا هئا، جن مان ذڪرُ ملاڪا جو امبيونا ٻيٽ گهڻو شاهوڪار هو. جيڪو هنن 1618ع ۾ فتح ڪري ورتو هو. 1638ع- 1658ع تائين هنن پورچوگيزن کان سري لنڪا ڇڏائي ورتي هئي. 1652ع ۾ ڪيپ آف گُڊ هوپ فتح ڪئي هئائون. جڏهن ته 1614ع ڌاري ملاڪا جو وڏو حصو پڻ فتح ڪري ورتو هو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته پورچوگيزن سان هندي سمنڊ ۾ چوٽن کائڻ ۽ سندن طاقت کي ختم ڪرڻ وارا پهريان انگريز نه پر ڊچ هئا.

پورچوگيز مذهبي طور ڏاڍا جذباتي هئا، پنهنجي قوت جو وڏو حصو

مذهبي ترقيءَ تي خرچ ڪندا هئا. اهڙين ڳالهين ڪي ڏسي ڪيترا عيسائي پادري ۽ راهب مشرق ڏانهن ايندا رهيا. هنن هتي پهچي ڪيترا گرجا گهر تعمير ڪري ورتا ۽ هتان جي حڪمرانن ۽ ماڻهن کي عيسائي ڪرڻ ڪي لڳي ويا هئا. انهيءَ مذهبي ڪم سان گڏ تعليم کي عام ڪرڻ جا پڻ جتن ڪيا هئا.

پورچوگيزن جا حال ڏاڍا ڏيرا هئا. تنهنڪري ڊچن ۽ انگريزن هندي سمنڊ مان سندن تجارتي طاقت کي ختم ڪرڻ واسطي جاکوڙڻ شروع ڪيو. 1599ع ۾ انگريز واپارين اعلان ڪيو ته جتي پورچوگيزن ۽ اسپين واري واپارين جون تجارتي ڪوٺيون، قلعا ۽ بندرگاهه نه آهن، انهن جڳهن تي هو پنهنجون تجارتي ڪوٺيون قائم ڪندا.

ڊچن 1595ع کان 1601ع تائين مشرق ڏانهن پندرهن پيرا سمنڊ وسيلي هاڪاري چڪا هئا. هنن 1602ع ۾ مختلف ڊچ ڪمپنين کي ملائي ڊچ يونائيٽيڊ ايسٽ انڊيا ڪمپني جوڙي هئي، جنهن جو مکيه مقصد هندستان سان واپار ڪرڻ هو. ڪين هتان جي ملڪن تي حملو ڪري فتح ڪرڻ جي صلاحيت ۽ طاقت هئي. ڊچ سرڪار به انهن ڪمپنين جي هر قسم جي مدد ڏيڻ لاءِ تيار رهندي هئي ۽ ڪمپني جي مختلف مهمن تي پڻ خرچ هو پريندي هئي ۽ مذڪوره ڪمپنيءَ جي مقصدن کي قومي مقصد ڪري سمجهيو ويندو هو.

## انگريز- ڊچ دشمني

هنن بنهي ڌرين ۾ جهڳڙي جا ڪارڻ ته تمام گهڻا هئا جن مان ڪجهه هيٺ بيان ڪجن ٿا.

(1) ڊچ، يورپ ۽ بالٽڪ سمنڊ وارن علائقن ۾ پورچوگيز جو تجارتي مال ڍوئيندا هئا. انهيءَ ڌنڌي ۾ ڪين لاءِ گهڻ ٽيندو هو ۽ رهندو به ڏچي ۾ اڙجي ويا هئا. اُن کان پوءِ هو پاڻ جاوا پهتا ۽ اُتان جو تجارتي مال ڪٽي يورپ جي مارڪيٽن ۾ پهچائيندا هئا. 1580ع وارن پورچوگيزن جي مشرقي تجارت گهٽجي وئي هئي. تنهنڪري ڊچن کي يورپي مارڪيٽن ۾ جڙ هڪ هٿي حاصل ٿي وئي هئي ۽ 1600ع ۾ هنن گرم مصالحن جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا هئا. ساڳئي سال انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپني جوڙي ورتي هئي.



Gul Hayat Institute

ملڪن جي تجارت ڏانهن ڌنو ويو هو. باٽاويا جي نگرانيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تجارتي جهاز هندستان موڪليا ويندا هئا. اُن ڪان پوءِ انگريزن سُورت کي چڱي سترهين صديءَ ۾ بمبئي ۽ مدراس ۾ وچي اهم تجارتي مرڪز قائم ڪيا هئا ۽ سترهين صديءَ جي آخر ۾ هنن ڪلڪتي ۾ مرڪز کوليو هو.

(14) انگريزن هندستان ۾ سُورت (1612ع)، بالاسُور (1633ع)، لاهري بندر (1635ع)، مدراس (1640ع) ۽ ڪلڪتي ڪان 24 ميل اُتر ۾ هوگلي (1650ع) ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون هيون. اُهي واپاري ڪوٺيون گجرات ۽ مدراس (1661ع) جي گورنرن جي حدن ۾ هيون. 1663ع ۾ ڊچن جون هندستان ۾ نَوَ واپاري ڪوٺيون هيون. جڏهن ته انگريزن فقط چار قائم ڪيون هيون. چاڪاڻ ته انگريزن انهيءَ زماني ۾ لاهري بندر واري ڪوٺيءَ بند ڪري ڇڏي هئي. پر هنن 94 سالن ۾ ڊچن جي پيٺ ۾ تمام گهٽيون ڪوٺيون قائم ڪري ورتيون هيون. هنن هندستان ۾ فرينچن کي شڪست ڏني ۽ بنگال کي فتح ڪيو.

(15) انگريزن 1640ع ۾ ماسوليپٽم (مدراس) ۾ پنهنجو قلعو تعمير ڪيو. 1651ع ۾ هنن هوگلي ۾ تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي. 1654ع ۾ پورچوگيزن پنهنجي اوپارين علائقن ۾ انگريزن جي تجارتي حق کي تسليم ڪيو. 1657ع ۾ سُورت کي انگريزن جي پريزيڊنسيءَ طور قبول ڪيو ويو.

'براهي' هميشه اها شڪايت ڪندو رهندو هو ته انگريز جتي به هجن، اُهي ڊچن جي مفادن کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

## سنڌ ۾ ڊچ تجارت جي مختصر تاريخ

1619ع ۾ يونائيٽيڊ ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سورت واري آفيس جو ڊائريڪٽر 'پيٽر وئن ڊين بروڪس' هو، جنهن پنهنجي طرفان رپورٽ پيش ڪئي هئي ته سنڌوءَ وسيلي لاهور ڪان تجارتي مال آندو وڃي ۽ ٺٽي ۽ ديول سنڌ يا ديبل سنڌ (لاهري بندر) سان تجارت شروع ڪئي وڃي. سُورت ڪان خشڪيءَ رستي سنڌ تائين سفر هڪ مهينو وٺندو هو. پر اهو سارو رستو ڌاڙيلن سان سَٽيو پيو هو. ان ڪان سواءِ جهنگلي جانور به تمام گهڻا هوندا هئا. سندس خيال هو ته سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ڪان سواءِ

زندگيءَ جي ضرورتن واريون ٻيون شيون به جَجهيون آهن. اُهي جارتي شيون پورچوگيز واپاري خريد ڪري ايراني نار وارن ملڪن ۾ وڃي وڪڻندا آهن ۽ تمام گهڻو فائدو حاصل ڪندا آهن. انگريزن ۽ ڊچن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنين، سنڌ سان واپار شروع ڪونه ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته ان زماني ۾ لاهري بندر تي پورچوگيزن جي تجارت ڇميل هئي. هنن ڊرين جي مرضي هئي ته ٻهريائين پورچوگيزن جا لاهري بندر تان پير ڊاهجن. اُن ڪان پوءِ اندازو ڪجي ته سنڌ ۾ تجارت جي ڪيتري گنجائش آهي ۽ نقصان جو ڪيترو امڪان آهي.

1623ع ۾ ڊچن ايران ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪئي هئي. تن ڏينهين اُن مرڪز جو ڊائريڪٽر 'وشيچ' هو، جنهن پنهنجي اعليٰ عملدارن کي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو ته سنڌ ڪان ايندڙ هر تجارتي مال جي هتي ٻاڪُ لڳي پئي آهي ۽ پورچوگيز تمام گهڻو منافعو ڪمائي رهيا آهن.

انگريزن 1631ع ۾ مغل شهنشاهه کان سنڌ ۾ تجارتي ڪوٺيءَ کولڻ جو فرمان ورتو هو. پر سُورت ۾ ڪمپنيءَ جي هڪ اعليٰ عملدار جي وفات ٿيڻ ڪري اُن فرمان تي عمل ڪونه سگهيو هو. تنهنڪري ڊچن 'گريگوريس ڪونلر' جي اڳواڻيءَ ۾ "برووِرس هيون" نالي هڪ جهاز روانو ڪيو.

جيتوڻيڪ هنن سنڌ جي تجارت مان پنهنجا 14000 ڊي ايف ايل سِڪا ڪمايا هئا، جيڪو گهڻ منافعو ڪونه هو. پر انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڏڪار ڪلور ڪري ڇڏيا هئا. ڪين اهو تجربو ٿيو ته هن ملڪ سان موجوده دؤر ۾ واپار ڪرڻ ممڪن ڪونه آهي.

1634ع ۾ يونائيٽيڊ ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ايراني مرڪز پنهنجي اعليٰ اختياري وارن کي اطلاع ڏنو ته سنڌ کان خشڪي (ممڪن آهي ته سمنڊ وسيلي) رستي مڪران واري پاسي، جيڪو تجارتي سامان ايران پهتو آهي، تنهن تي 680340 ڊي ايف ايل منافعو حاصل ٿيو آهي. جيڪڏهن ساڳيو تجارتي سامان ڪمپنيءَ جي جهازن معرفت ايران پهچندو ته ڪمپنيءَ کي 27 سيڪڙو منافعو وڌيڪ ملندو. پر سُورت ۾ رهندڙ اختياري وارا هن اطلاع کان متاثر ڪونه ٿيا هئا. ڇاڪاڻ ته 1631ع ۾ اُن ڏڪاريل ڏيهه جون خراب حالتون پنهنجيا ڪين سان ڏسي چڪا هئا.

1635ع ۾ انگريز ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ٺٽي ۾ پنهنجي واپاري ڪوٺيءَ کولي هئي. اُن کان پوءِ سنڌ جو تجارتي مال خشڪيءَ وسيلي ايران ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيو. ڊچن کي جڏهن اُها سُڌس پئي ته ڏاڍا ڏمرجي ويا هئا، پر ڪري ڪجهه به ڪونه سگهيا هئا.

1652ع ۾ ڊچن سنڌ ۾ پنهنجي واپاري ڪوٺي کولڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سنڌن جهاز سان گڏ ڊائريڪٽر 'پيلگرو مسنت پيٽر ڊي باءِ' به آيو. انگريز ظاهر ۾ ته ڊچن جا سڄڻ ساٿي هئا. پر ڳجهه ڳوهه ۾ وڃي پورچوگيزن سان ٻانڌو ٻڌائون ته ڊچن جو هتي پير ٽِڪڻ نه ڏنو وڃي. سنڌي واپارين جاپڙ وڃي ڪنُ پريائون نه ڊچن جي آندل تجارتي مال جي اوڏو به نه ٿيڪن. ان کان سواءِ مشهور سامونڊي ڌاڙيل 'راسي رام' کي به وڃي ڦوڪ ڏنائون ته ڊچن جو جهازن تي حملو ڪري تجارتي مال ڦري لُٽي پينگ ڪري ڇڏي. ڊچ، 'راسي رام' کي اڳي ئي سڃاڻندا هئا. لاهري بندر جي گورنر سان به سنڌن ڏيٺ ويٺ هئي، جنهن ساڻن هر اهر ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ هنن سان اهو به واعدو ڪيو هئائين ته سنڌن به انگريزن جيترو احترام ڪيو ويندو. اهڙا دوستانا ناتا واسطا تجارت جي اوسر ۽ ترقيءَ لاءِ نهايت ضروري هئا. ٻيو ته انهيءَ سان سنڌ جا محصول وڌي رهيا هئا، جيڪا هاڻي ڏڪار جي ڏکين ڏينهن جي وِر چڙهيل هئي. ان ڪري امن امان ڪونه هو ۽ سنڌ سڪار کي محصولن نه ملڻ ڪري نقصان ٿي رهيو هو.

ڊچن جي سنڌ سان تجارت ٿورو عرصو رهي، جيڪا 1660ع تائين فقط اٺ سال هلي. 1656ع ۾ هنن جي جهازن کي سامونڊي ڌاڙيلن ڦريو هو. 1667ع ۾ هنن سامونڊي ڌاڙيلن خلاف هڪ مهم شروع ڪئي، جيڪا ناڪام ثابت ٿي. چاڪاڻ ته واءُ سٺائو ڪونه هو. 1659ع ۾ ايراني تجارتي مرڪز جو ڊچ ڊائريڪٽر 'ولي لئنڊ' اُتان سنڌ آيو هو، جنهن کي سمنڊ ۾ اڇي چوهي ورايو هو. هو سنڌ ۾ ڏاڍو ڏکيو پهتو. ساڻس سنڌ جي هڪ جهاز واهر ڪئي هئي. هن وقت ڊچن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني کي محسوس ٿيو هو ته سنڌ جي تجارت هنن لاءِ منافع بخش ڪانه آهي. تنهنڪري سنڌ سان واپار ڪرڻ تان هٿ ئي کڻي ويا. هي اُهو دؤر هو جو 'شاهجهان' جا پٽ تخت تان وڙهي ڏانگو ڏانگ ٿي پيا هئا ۽ هڪ ٻئي جي سسيءَ وڍڻ لاءِ آتا هئا. تنهنڪري سنڌ ۾ به جڻ ڪو مانڌاڻ متل هو. اهڙي

مُنجهيل وايومنڊل کي محسوس ڪندي انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني به 1662ع ۾ واپاري ڪوٺي بندر ڪري پنهنجا ٽپڙ سنيالي سنڌ مان نڪري هلي وئي.

1672ع ۽ 1673ع ۾ ڊچن وري سنڌ ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ جو سوچيو هو. پر هنن کي رپورٽون مليون ته وايومنڊل مُنڌل آهي ۽ سنڌ ۾ اجا به وڳوڙ هلي رهيا آهن. اُن جو مثال هي آهي ته، ٺٽي جو مغل شهنشاهت جو نواب پاڻ ساموندي ڌاڙيل 'راجا رام' کي 12000 يا 14000 روپيا ساليانو ڀُنگ ادا ڪندو هو. هي ماڻهو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ موجود هڪ ٻيٽ تي رهندو هو، جتي پاڻيءَ جي چِر وهندي هئي. هو هن جاءِ تي انهيءَ مقصد سان رهندو هو ته جيئن هن علائقي سنگاني (ممڪن آهي ته اهو ڪڇ ڏانهن اشارو هجي.) ۾ ساموندي ڌاڙيلن کان بچاءُ ڪري سگهي. هي ساڳيو نواب هڪ بروچ سردار کي ساليانو 10000 کان 19000 روپيا ڏيندو هو ته جيئن اُتر سنڌ کان ايندڙ ٺٽي ڏانهن رستا ڌاڙيلن کان بچيل رهن. اهڙيءَ مُنجهيل ۽ وڳوڙي وايومنڊل کي محسوس ڪري ڊچ سنڌ سان تجارت ڪرڻ واري خيال تان موربگو هٿ ئي ڪڍي ويا.

1700ع کان ٿورو اڳ ڊچن تجارت ڪرڻ لاءِ وري سوچڻ شروع ڪيو ته جيئن سنڌ جو ڪپڙو بصري ۽ ايراني مارڪيٽ تائين پهچائي سگهجي. پر 1707ع تائين هو بصري ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري ڪونه سگهيا هئا. تنهنڪري سنڌ سان واپار ڪرڻ وارو سنڌن سپنو ساڀيان جو روپ ڌاري ڪونه سگهيو.

انگريز ۽ ڊچ ڪمپنيون ساري سترهين صدي سنڌ سان باقاعدي واپاري ڪري ڪونه سگهيون هيون. اُن جو ڪارڻ اِهو هو ته سنڌ ۾ امان امان ڪونه هو. اهڙو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. سندس تجارت ڪرڻ جو مناسب وقت 1739ع کان پوءِ وارو هو، جيڪو ڊچن گنوائي ڇڏيو ۽ ارڙهن سال بعد ۾ آيا.

1757ع ۾ "باٽاويا" کان تجارتي جهاز سامان کڻي سنڌ پهتا هئا. جنهن ۾ (جاوا جي) ڪنڊ، دالچيني، لونگ، جست، لوهه، ٽِن، شيهو شامل هو. هنن ڪنڊ کان سواءِ باقي ٻين شين جا اگهه تمام گهٽ رکيا هئا. مال بدلي جيڪو سنڌ جو مال ورتائون، تنهن جا اگهه چاڙهي ڏنائون. اُن



Gul Hayat Institute

ڪان سواءِ پٽي جو قدر بہ مقرر ڪيو هئائون. ’ڊي پاسگيلڊ‘ جهاز جو اڳواڻ ’براهي‘ هو. هو جڏهن باتاويا (جڪارتا) پهتو تہ هن لاءِ مصيبت ڪڙي ٿي وئي ۽ مٿس ڏنڊ بہ مڙهيو ويو هو. هو سنڌ سان 57-1756ع واري واپار سان لاڳاپيل دستاويز ڇڏي ويو هو، جيڪو هن ڪتاب جي اهم حصي جي حيثيت رکي ٿو.

انگريز ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو اهو دستاويز 1758ع ۾ ’غلام شاهہ ڪلهوڙي‘ ڪان ورتو هو. ’براهي‘ جي احوال مان معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ، انگريز ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا جهاز سنڌ ايندا رهندا هئا. هو جڏهن اورنگا بندر تي موجود هو تہ ان وقت بہ انگريز ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا جهاز اچي سنڌ پهتا هئا. اهو زمانو 1757ع جي جنوريءَ جو پهريون ڏهاڪو هو. اُهي سنهي ڪنڊ دبن ۾ بند ڪري ۽ ڪجهہ ڳوٽين ۾ پري ڪٽي آيا هئا. هن تجارتي مال ڪان سواءِ لوهہ، ٽِن، شيهو، جست، بنگال جو پَٽُ ۽ ملبار جا ڪارا مرچ، چندن يا صندل جو ڪَاٺ، ساپان ڪاٺ (جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪرندو آهي،) ننڍا ٿونا، ڪوچينل ۽ عاج پڻ آندو هئائون.

## سنڌ جو درآمدي تجارتي مال

سنهي پوري ڪنڊي جي معنيٰ اڇي ڪنڊ آهي. چاڪاڻ تہ هتي مقامي طور بہ ڪنڊ جوڙي ويندي هئي، جنهن کي ڳُڙ ڪوٺيو ويندو هو. اِهو مناڻ روڙي يا دميءَ جي شڪل ۾ هوندو هو، جيڪو ڳچ وقت رکڻ ڪان پوءِ بہ بگڙجندو ڪونہ هو. ان جي ٻي شڪل منائي يا سستي آهي، جيڪا شڪل صورت ۾ اتي جهڙي هوندي آهي ۽ ڳڙ جي سُڌريل شڪل ٿئي ٿي. اُن سان گهڻي وقت تائين بگڙي خراب ڪانہ ٿيندي آهي ۽ سانڍي ڪٽي سگهبي آهي. مذڪورد اڇي ڪنڊ جاوا (انڊونيشيا) ڪان ايندي هئي، جيڪا رکڻ سان ڪڏهن بہ بگڙجندي ڪانہ هئي. اُن ڪنڊ جي ناهڻ جو پهريون مرحلو ايئن هو جهڙيءَ ريت موجودہ دؤر جي ڪنڊ جي صنعت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي اجا بہ وڌيڪ صاف ڪري سفيد بڻايو ويندو آهي. ڳڙ ۽ منائي جيئن تہ گهڻو وقت ساڳيءَ صورت ۾ رهي ڪونہ سگهندا آهن، تنهنڪري هلڪي پوري رنگ جي سفيد ڪنڊ سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهرائي ويندي هئي. چاڪاڻ تہ 1757ع تائين آبپاشيءَ جو سُڌريل نظام موجود ڪونہ هو.

تنهنڪري ڪمند پوکي ڪونہ سگهبو هو. هي اهڙو فصل آهي، جنهن کي داٽي پاڻي جي ضرورت آهي. هيءَ پوک ٿوري ٽڪي اُلهندي ناري سان ٿيندي هئي، جيڪو منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

مصري بہ درآمد ڪئي ويندي هئي، پر ٿوري مقدار ۾. تنهنڪري 'براهي' جو مٺي ڏنل اشارو ٻُڙ ۽ منائيءَ ڏانهن آهي.

ٻيو اهم تجارتي مال ڪارا مرچ ۽ ٻيو گرم مصالحو هو. ڪارا مرچ جيڪي اڄ بہ انڊونيشيا، هندستان ۽ سري لنڪا ۾ گهڻا ٿيندا آهن.

پندرهين کان ارڙهين صديءَ تائين يورپ ۾ "اسپائيسي" جو لفظ ٻن سون شين لاءِ ڪم ايندو هو، جنهن ۾ ڪپڙو بہ اچي وڃي ٿو. پر جيتري قدر مشرق جي تجارت جو تعلق آهي تہ دالچيني، لونگ، جاڦر کي اسپائيس سڏيو ويندو آهي، جيڪي ڪاڌي خوراڪ کي ذائقيدار بنائڻ ۾ ڪَتبُ ايندا آهن. جاڦر تمام گهڻ گهرايو ويندو هو، اُن جو سُڪل ٻُڪ خوشبودار ٿيندو آهي.

لؤنگ وڻ جو گل آهي، جيڪو سُگنڌ واسطي ڪاڌو خوراڪ ۾ وڌو ويندو هو ۽ اڄ بہ اهو ساڳئي مقصد واسطي ڪَتبُ آندو ويندو آهي. پر سنڌ ۾ هن وَکرُ جو هڪ ٻيو خاص استعمال بہ هوندو هو. سڪي لؤنگ کي رلين ۽ سوڙين ۾ سِبيو ويندو هو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن رليءَ ۽ سوڙ وڇڻ واري ماڻهوءَ کي خوشبو ايندي رهي. اڄ سنڌ ۾ لؤنگ کي ساڳيءَ ريت ڪَتبُ آندو ويندو آهي. عورتون پنهنجي ڪپڙن ۾ خوشبو پيدا ڪرڻ لاءِ لؤنگ استعمال ڪنديون هيون. پر شرط اِهو آهي تہ لؤنگ ڪپڙن ۾ ويڙهي سيڙهي گهٽي وقت لاءِ رکيا وڃن. طَريقو اهو آهي تہ ڪپڙن جي تهن ۾ ٻہ ٽي لؤنگ رکي ويڙهي خبرداريءَ سان رکيو وڃي. لؤنگ واريون رليون، سوَڙ يا ڪپڙا ڪڏهن ڪڏهن ڪَتبُ آندا ويندا هئا. وهانوَ شادي وارن ڪپڙن ۾ لؤنگ ڪَتبُ آندا ويندا هئا. جڏهن تہ اهڙيون رَليون ۽ سوڙون ڪنهن معزز مهمان لاءِ مخصوص هونديون هيون. ڪاڌ خوراڪ ۾ لؤنگن جو استعمال نهايت گهٽ هوندوهو. ورهاڱي کان پوءِ هي وکرُ ڪجهہ وڌيڪ استعمال ڪيو ويندو آهي.

سنڌي، جنس واري دالچيني نہ پر جهنگلي قسم جي دالچيني، جو چوڏو ڪتب آڻيندا هئا. 'براهي' جو بيان بہ ساڳيو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو

نڌيا ڦوٽا. هي شيءِ ڏکڻ هندستان ۽ ڏکڻ چين ۾ گهڻو ٿيندو آهي.

سنڌ ڌاتو جهڙوڪ: لوهه، رُڪ، جست، ٽِن ۽ شيهو به گهرائيندي هئي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته ٽامون مقامي طور ملي ويندو هو، تنهنڪري ٻاهران ڪونه گهرايو ويندو هو. پر اهڙو پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي ته هي ڌاتو سنڌ جي ڪهڙي ماڳ تان ملندو هو. امڪان آهي ته مٿان لس ٻيلي مان ملندو هجي. جست پتل جوڙڻ ۾ ڪم ايندو هو. هيءَ ڌاتو ٽامي ۽ جست کي ملائي ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي ٻاسڻ ٺاهڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. وچين دؤر ۾ غريب طبقي ۾ نڪر- ٽانوَ جو تمام گهڻو استعمال هوندو هو. پر پوءِ اِهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پتل جو ٽانوَ به هر غريب غربو ڪَتبُ آڻيندو هو. سرنديءَ وارا به پتل جو ٻاسڻ گهڻو ڪَتبُ آڻيندا هئا. ٽِن (قلعي) به ٽامي جي ڪاڏي پيتي ۾ ڪم ايندڙ ٽانون کي قلعي ڪرڻ لاءِ ڪم ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن شيهو، جست ۽ ٽامي کي ملائي شيهي وارو پتل جوڙيو ويندو هو. شايد قديم دؤر جي سنڌين محسوس ڪري ورتو هو ته ٻاسڻ ۾ شيهي جو استعمال خطرناڪ آهي. تنهنڪري بهتر سنجهيو ته ٽامي کي قلعي ڪري ڪَتبُ آندو وڃي. شيهي واري پتل جو استعمال ٿورو هوندو هو. اُن مليل ڌاتوءَ مان فقط گلاس ٺاهيا ويندا هئا. پر اهڙن گلاسن جي استعمال کان اڳ قلعي ڪيو ويندو هو. مقرر وقت گذرڻ کان پوءِ ساڳين پتل جي ٻاسڻن کي قلعيءَ جي ضرورت ڪانه هوندي هئي. ٻاسڻن ۾ موجود سَنڌن کي بند ڪرڻ واسطي قلعيگير قلعيءَ ۾ شيهي جو ٿورو مقدار گڏائيندا هئا. اِهو انهيءَ ڪري ڪيو ويندو هو جو شيهو قلعيءَ کان گهڻو سستو هو.

هندو ڌرم سان لاڳاپيل ڪي شيون شيهيءَ ۽ قلعيءَ کي ملائي تيار ڪيون وينديون هيون. مندرن ۾ رکيا ويندڙ ٻاسڻ پتل يا ڪنجهي مان ٺاهيا ويندا هئا. انهيءَ لاءِ ته جيئن اُهي گهڻو وقت جٽاءُ ڪري سگهن. ٽامي ۽ قلعيءَ کي ملائبو هو ته ڪنجهو چڙي پوندو هو. هن کي انگريزيءَ ۾ gum metal پڻ سڏيو ويندو آهي. مندرن جا گهنڊ به هن گڏيل ڌاتوءَ مان تيار ڪيا ويندا آهن. پتل مان چڙيون يا ٽَليون به ٺاهيون وينديون هيون، جيڪي گهرو جانورن جهڙوڪ: گهوڙن، اُٺن ۽ ڏاندن جي مُرن، پيرن ۽ ڪنڌ ۾

ڪتبُ آڻيندا هيون. عام عورتون بہ مُنهن جي سونهن ۽ سينگار لاءِ هي شيون ڪتبُ آڻينديون هيون. بينزائن اڇي رنگ جي بہ ٿيندي هئي. سنڌ ۾ بينزائن جو هي قسم گهرايو ويندو هو.

چين کان مخمل ۽ ڪارومنڊل کان ڇيٽ جو هڪ قسم ايندو هو، جيڪو سنڌ ۾ پنج روپيا ڇهہ آنا ۽ ست روپيا نوَ آنا في گز وڪامندو هو. ارڙهين صديءَ جي اڳهہ مطابق ڪپڙي جون اُهي ٻئي جنسون ڏاڍيون مهانگيون هونديون هيون. ماڻهو ايئن سمجهندو هو تہ اهڙو مهانگو ڪپڙو فقط شاهي گهراڻي جون عورتون پائينديون ۽ هنڌائينديون هونديون. پر هتان جي سرنديءَ وارن ماڻهن جون عورتون بہ اهڙا قيمتي ڪپڙا پائينديون هيون. اڳهہ بہ چوٽ تي انهيءَ ڪري چڙهيل هئا. پر هن وڙ جو ڪپڙو ايندو تمام ٿورو هو.

درسنيون (آئينا) بہ يورپ ۾ ناهيا ويندا هئا، جيڪي مشرقي ملڪن ڏانهن موڪليون وينديون هيون، جن ۾ سنڌ بہ شامل هئي. يورپ ۾ ارڙهين صديءَ دوران شيشي جي صنعت چڱيءَ ريت پير ڄمائي چڪي هئي.

سنڌ ۾ سون، چين کان ايندو هو. سنڌي ڪنڌ ۾ قديم دور کان وٺي سون ٻاهران گهرايو ويندو هو. ’پليني‘ جو بيان پهرين صدي عيسويءَ سان تعلق رکي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ، هندستان ۾ هر سال 550 ملين سيسٽر سون گهرايو ويندو آهي، جيڪو رومي شهنشاهت جي مال بدلي مال عيوض ملندو آهي. اهو سون هر قسم جي ڳهن ڳنن ناهڻ ۾ ڪتبُ ايندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سال برآمد جي ڀيٽ ۾ درآمدي گهٽ ٿيندي هئي تہ سون ۽ چاندي جام اچي ويندي هئي. ڇاڪاڻ تہ اڳ وارو سون ڳهن ٺهڻ ڪري ملڪ مان گم ٿي ويندو هو. هتي چين جي سون جو مطلب آهي، نهايت خالص قسم جو سون، جيڪو چين جا واپاري تجارتي مال جي قيمت طور ڏيندا هئا. اهو سون يورپي سڪن جي برابر هوندو هو، جن ۾ ٽامون ملايل هوندو هو. ٽامي جي ملائڻ ڪري سڪو پختو ٿي پوندو هو ۽ گردش دوران گسجڻ باوجود پنهنجو وزن وڃائي ڪونہ ڇڏيندو هو.

چانديءَ جون تارون چمڙي جي ڪم ۾ ڪتبُ اينديون هيون. سنڌ جو موچي سونهن لاءِ مرداڻين ۽ زالاڻين جُتين ۾ استعمال ڪندو هو. ورهاڱي تائين سنڌ جو سامان سيم (چانديءَ جي تارن) واريون جُتيون ڪتبُ آڻيندو رهيو آهي. چانديءَ جي اها تار 1.5 ملي ميٽر موڪري ۽ 0.2

پنجي گهڻو ڪري اِها شيءِ آهي، جنهن کي سنڌي پَٽُ يا سلڪ سڏيندا آهن.

ناريل يا ڏونگي بہ سنڌ ۾ قديم دؤر کان وٺي ايندو رهيو آهي. هيءَ کوپري جي تيل ڪڍڻ جي مقصد سان ڪانہ گهرائي ويندي هئي، پر هن کي ڪُٽي سُڪي ميوي طور کاڌو ويندو آهي. هن کي ڪُٽي سنهون ڪري ٻين خشڪ ميون ۽ ڪڻڪ جي اٽي سان ملائي ٻيون بہ ڪيئي شيون گڏي گيھہ ۾ پچي ڪُنڙي تيار ڪئي ويندي آهي. سيھہ سياري پوڊ پارپي ۾، مذڪوره ڪُنڙيءَ کي هلڪي غذا طور استعمال ڪيو ويندو هو. اڄ بہ ايئن ڪيو ويندو آهي ۽ سرنديءَ وارا ۽ غريب ماڻهو سياري جو ڪُنڙيءَ ضرور کندا آهن. Peplemoel de Gallanje بہ شايد کنهن ٻوٽيءَ جي گُل جو نالو آهي، جيڪو وچين دؤر ۾ دوا طور ڪم ايندو هو.

Radix China بابت بہ ڪجھہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

سادن ڳهن ڳنن ۾ شيشي جا موتي ڪم آندا ويندا هئا.

چين مان نهيل ڪپڙي جا ڪي تاڪيا ايندا هئا. جيڪي ڏاڍا مهانگا هوندا هئا. تنهنڪري سمجھہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ اُهي سوٽي نہ پر پَٽَ جا ڪپڙا هوندا. چاڪاڻ تہ سنڌ سوٽي ڪپڙي جي صنعت کان هزارن سالن کان وٺي مشهور آهي. اُن ڪري سوٽي ڪپڙو درآمد ڪونہ ڪيو ويندو هوندو.

پوتيسٿاءِ ۽ آرموزي جنيناري بہ شايد ريشمي قسمن جا نالا آهن، جيڪي ڪپڙي ۾ ٽيڪن ۽ پٽن بنائڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا.

بنگال جي پَٽَ جي ڌاڳي کي پرت پرڻ ۾ ڪم آندو ويندو هو.

لاک کي ڪپڙي جي چِرَ ۾ ڪتبُ آندو ويندو هو. هي شيءِ سنڌ ۾ جام ملندي هئي. پران زماني ۾ اقتدار لاءِ جنگ جاري هئي. تنهنڪري هي شيءِ گهٽ مارڪيٽ ۾ ايندي هئي ۽ ٺٽي جا ڪوري ٻاهران گهرائيندا هئا. ڪوپر چاقو، ڪيسي ۾ رکڻ وارا عام قسم جا چاقو هوندا هئا.

سُورت ڪٺپاڪ نالي ڪپھہ هئي، جيڪا سُورت مان سنڌ ايندي هئي. سنڌ ۾ ڪپھہ تہ تمام گهڻي اُپائي ويندي هئي. پر معلوم ٿئي ٿو تہ درياھہ جي رخ جي تبديليءَ ڪري ووٺڻ گهٽ ڪاهيا ويا هوندا. انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ، هالا، اڏيري لال، نصرپور، شيخ پرڪيو، ٽنڊي محمد خان، ماتلي ۽ بدين کان وهندو هو. پر تازو پنهنجو رخ بدلائي حيدرآباد کان

ڪنگڻ ڪارُ، نوشادر، گگر، هِگُ، باد زهر، پَٽُ، جيماوار پٽُ، لٽپس ٽوپنا ۽ پڻ شامل آهن.

سنڌ جي تجارتي مال سان ڇتاپيٽي سُورت جو تجارتي مال ڪندو هو. هنان جي بندرن تان سوٽي ڪپڙو ۽ سنڌ جي ململ پڻ رواني ڪئي ويندي هئي. اُن ڪان سواءِ پنجاب ۽ هندستان ڪان آيل ململ جو ڪپڙو به هتان جي بندر تان ڏور ڏيساور موڪليو ويندو هو. هتان جا ڪوري ۽ وڻجارا ميمڻ ۽ کتري هوندا هئا. هي ماڻهو سنڌي هئا. جيڪي 'شاهه بيگ' ۽ سندس پٽ 'شاهه حسن ارغون' جي ڦهري ڪيس جي پڻ ڪان ڊڄي پنهنجو اباڻو ڏيهه ڇڏي، 1530ع ڪان پوءِ هتي اچي وينا هئا. اُن ڪان پوءِ سُورت، ننتي ڪان به وڌيڪ اهم تجارتي مرڪز بڻجي ويو هو.

## محصول

يورپي ماڻهن جي اِها عادت هوندي هئي جو سنڌ ملڪ جي بادشاهه ڏانهن سوکڙيون پاکڙيون موڪلي ڪيس راضي رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي واپاري ڪوٺي سنڌ ۾ موجود ڪانه هوندي هئي ته به جڏهن سندس جهاز تجارتي سامان کڻي اچي سنڌ جا بندر پيٽيندا هئا ته سنڌ جي حڪمران ڏانهن ڪا شيءِ ضرور مُجندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو انگريز گورنر بمبئي ۾ رهندو هو، اهو به هر سال سنڌ جي بادشاهه ڏانهن ڪجهه سوکڙيون موڪليندو هو، پوءِ چاهي جهاز تجارتي سامان کڻي سنڌ نه به اچن. جيڪڏهن سوغاتون نه موڪليون ويندڀون هيون ته ڪسٽم وارو محصول وڌيڪ هنيو ويندو هو. هر تجارتي اسم تي مقرر محصول هوندو هو، جيڪو وکري جي اگهه پٽاندڙ مڙهيو ويندو هو.

## سورهين ۽ سترهين صديءَ دؤران سنڌ جي تاريخي جاگرافي

ديول سنڌ، ديبل يا ديول، عيسائين جي گرجا گهر يا يهودين جو عبادتگاهه آهي. (پارسي يهودين جي ديبل ۾ ٽين صدي عيسويءَ ڪان وٺي ديبل ۾ هڪ وسندي هئي، جيڪا ٻارهين صدي عيسويءَ تائين قائم رهي.) هي قديم بندر، ڀنڀور جي ڪندر واري ماڳ تي قائم هو، جنهن کي روم جا ماڻهو باربارياڪون ۽ يونان وارا هن کي "اليگزينڊر هيوَن" جي نالي

سان بہ ساڳي حالت ۾ هئي، جنهن 1300ع کان 1758ع تائين الائي ڪيترا ماڳ بدلايا هئا. 'اورنگزيب' سنڌ ۽ ملتان جو 1648ع کان 1652ع تائين سنڌ جو گورنر رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ چوڙ واري علائقي ۾ تبديليون اچي چڪيون هيون ۽ سنڌوءَ اُن کي ڇڏي هليو ويو هو، جنهن کان پوءِ هي بندر ڪنهن اهميت جي لائق ڪونہ رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ اورنگا بندر نالي هڪ نئون بندر وجود ۾ اچي ويو هو. هي بندر بہ هڪ صدي ڪن مس هليو. سنڌوءَ اُن سان بہ اڳين بندرن جهڙي جُٽ ڪئي. اُن کان پوءِ 'غلام شاهہ ڪلهوڙي' دوَر ۾ "شاهبندر" جي نالي سان هڪ بندر وجود ۾ اچي ويو هو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿورو اڳ ڪيٽي بندر وريءَ ترقي ڪئي هئي. سنڌوءَ جي ساڄيءَ ڪاري تي ڪيترا قديم بندر هئا. لاهري بندر سان بہ انهن جهڙي ويڌن ٿي هئي ۽ 'مينوسي' 1657ع ۾ هتي آيو هو. هن پورچوگيزن جي واپاري ڪوٺيءَ ۽ گرجا گهر بہ ڏٺو هو. انهيءَ زماني ۾ اورنگا بندر موجود هو. پر پوءِ بہ لاهري بندر کي اڃا بہ اهميت هئي. اها تعجب جهڙي ڳالهہ ڪانہ آهي، جو ديبل، ديول، لاهري بندر جون يادگيريون ماڻهن جي ذهنن اندر محفوظ رهيون. هنن کان سواءِ بيا بہ گهڻا بندر ولايتي ماڻهن، سياحن ۽ واپارين انهن نالن سان سڏيا آهن. ڪيترن ڏيهي ماڻهن بہ ايئن ڪيو ٿو ڏسجي. سورهين ۽ سترهين صديءَ وارو ديول سنڌ دراصل لاري بندر آهي. سترهين صديءَ جي پٺي اڌ ۽ ارڙهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين اورنگا بندر موجود ڏسجي ٿو. ان کان پوءِ 1760ع ۾ شاهبندر وجود ۾ اچي وڃي ٿو.

ٻاهران ايندڙ تجارتي ٻيڙين کي اورنگابندر تائين وٺي اچڻ لاءِ رهبر ٻيڙي استعمال ڪئي ويندي هئي، (جنهن کي 'براهي' ديول سنڌ سڏي ٿو،) چاڪاڻ تہ اُن جي آڏو سنڌوءَ جي چوڙ وٽ واريءَ جو وڏو دڙو يا پٽ موجود هوندي هئي. جڏهن سنڌوءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو تہ ان جي رفتار ڍري ٿي ويندي هئي ۽ سندس پاڻيءَ ۾ موجود لَٽ اتي گڏ ٿيندو ويندو هو ۽ پٽ جي شڪل اختيار ڪري ويندو هو. جڏهن ٻاهران ايندڙ تجارتي جهاز پاسيوارن ڦاٽن ذريعي سنڌوءَ ۾ داخل ٿيندا هئا تہ ڪين هڪ رهبر ٻيڙيءَ جي ضرورت پوندي هئي، جنهن جي ناکئي کي اُن ڦاٽ جي اونهائي ۽ ويڪر جي پوري خبر هوندي هئي.



Gul Hayat Institute

مڙهي ڇڏيو هو. ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪمرانن افغانن جي اهڙي ڏڇي کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف قسم جا محصول مڙهي ڇڏيا هئا ته جيئن سنڌ وارا ڪو سک جو ٽُڪر کائي نه سگهن.

'راديا رام' نالي هڪ واپاري 'براهي' سان ملڻ آيو هو. ممڪن آهي ته اُن جو صحيح نالو 'لڌارام راجا رام' تي سگهي ٿو. سنڌ جي هندن ۾ اهڙو نالو اڄ به عام آهي.

انهيءَ زماني ۾ سنڌ جو بادشاهه 'مراداياب ڪلهوڙو' هو، جنهن وٽان 'براهيءَ' کي سنڌس خط جو جواب 23- ڊسمبر 1756ع تي مليو هو. بادشاهه ته 'مراداياب خان' هو پر کيس "ميان صاحب" جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو.

20- جنوري 1757ع تي 'براهي' ٻن افغان واپارين سان مليو هو، جن جا نالا 'گوپي رام' ۽ 'راجا مل' هئا.

23- جنوري 1757ع تي 'براهي' ٽوڳن جا ٻه دٻا 'گوڊيا داسن' ۽ 'گوڊا گيو' کي وڪيا هئا. هي ٻئي نالا 'گورت داس' ۽ 'گوڙت ديو' ٿي سگهن ٿا.

## ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ملازمن جو خانگي واپار

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪاغذن مان چڱيءَ ريت ڄاڻ ملي وڃي ٿي ته ڪمپنيءَ جا اعليٰ عهديدار هندستان ۾ خانگي واپار ۾ پڻ رُڌل رهندا هئا ۽ سترهين ۽ ارڙهينءَ صدي جي پهرئين اڌ تائين تمام گهڻو نفعو ڪمائي پنهنجي گهرن ڏانهن موڪليو هئائون. اُن دولت وسيلي هنن ملڪيتون جوڙيون، ڪارخانا قائم ڪيا. اُن سان گڏ برآمدي واپار به ڪندا رهندا هئا. هي اها ئي ڪمايل دولت آهي، جنهن وسيلي انگلنڊ ۾ 1760ع دوران اقتصادي انقلاب آيو هو، جنهن کي انگريز "انگريزي انقلاب" نالي سان سڏيندا آهن، جيڪو اٺويهين صديءَ جي وچ واري "صنعتي انقلاب" جو نقيب هو.

'براهيءَ' بمبئي جي گورنر جي خانگي واپار جو هڪ سٺو مثال ڏنو آهي، جنهن پنهنجا به پلاوٽا ديبل سنڌ موڪليا هئا، جن پنهنجو تجارت يمال ڊچن جي تجارتي مال کان گهٽ اگهن تي وڪيو هو. هو رڙيون ڪري

ويون. پوکيءَ راهيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. زراعت جو سارو دارومدار واهن تي هوندو آهي. ارغونن کان آزاديءَ لاءِ سنڌين تلوارون جو هٿن ۾ کنيون تہ واهن جي کاتيءَ لاءِ ڪانئن ڪوڏرون ڪٽڻ وسري ويون. کاتيءَ نہ ٿيڻ ڪري پاڻيءَ جي کاٻٽ جو ڏڇو پيدا ٿي پيو. اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو سماٽي يا ڄاموٽ قبيلا هاري بدران ڌنار بڻجي پيٽ گذر ڪرڻ لڳا. ارغون سرڪار هنن خلاف منظم طريقي سان ڪاتِ ڪهاڙا کنيا هئا. تنهنڪري هو نڪري هليا ويا.

(4) اڪبر مغلُ جي دوَر ۾ جڏهن سنڌ دهلي سرڪار جي ڏنُ پرُو تي تہ هن مٿان ڳاٽي توڙ ڏلَ رکي وئي هئي، جيڪا اُن وقت جي بگڙيل آبپاشي نظام جي نقطہِ نظر هيٺ سهڻ کان وڌي هئي. سرڪاري ڏلُ جنس جي صورت ۾ ورتي وئي تہ هاري لاءِ اِنُ ڀاڃي ڪونہ بچيو هو، جو هو پنهنجي ٻچڙڻ جو پيٽ گذر ڪري سگهي. تنهنڪري هنن ڏلُ ڏيڻ بدران هٿن ۾ تلوارون سنڀالي ورتيون. پوءِ هر قبيلي جي لَٽ سردار پنهنجي خانگي فوجِ ۽ مسلح گهوڙي سوارن سان مختلف جڳهن تي ڌارين دشمنن سان سِر ترين تي رکي چوٽون ڪاڏيون.

(5) سورهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي وچولي (سيوهڻ سرڪار) ۾ بغاوت جي باهہ ايڏا تہ آڙاهہ مچائي ڇڏيا هئا جو ڪٿي بہ قانون ۽ امن امان جو نانو نشان ڪونہ هو. هر قبيلي پنهنجي نوعيت جو ڏلُ ۽ محصول اوڳاڙڻ جو نظام قائم ڪري ڇڏيو هو. مقامي سرڪار هر ذات جي لَٽُ سردار هيٺ هئي، جنهن پنهنجو قانوني نظام قائم ڪري ڇڏيو هو ۽ مغل سرڪار ڇڻ اُتي موجود ئي ڪانہ هئي.

(6) 1680ع ڌاري دهليءَ جي مغل سرڪار سنڌ جي مقامي لَٽ سردارن جي حڪومتن کي تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پئي هئي. کين چيو ويو هو تہ جيڪڏهن هو ڏل محصول اوڳاڙي دهلي سرڪار کي ڏيندا تہ کين لقبن خطابن سان نوازيو ويندو.

(7) هن قسم جي وايومنڊل کي محسوس ڪندي ٻين ذاتين جي لَٽَ سردارن کي بہ ڇڻ هڪ ٽيڪ ملي وئي، جن مان وڌيڪ اهم ڪلهوڙا هئا، جن 1701ع کان وٺي 1773ع تائين ساريءَ سنڌ مٿان قبضو ڄمائي ڇڏيو هو.

هن قسم جي وڳوڙي وايومنڊل ۾ سنڌوءَ يا خشڪي رستي تجارت



Gul Hayat Institute

ممڪن ٿي ڪانہ رهي هئي. پر جيڪڏهن سنڌوءَ جي ڀرپاسن وارن علائقن جي سمن سردارن ۽ اولهہ ڏکڻ جي جابلو علائقي جي بروچ رئيسن کي ڪجهہ ڀتو ڏنو ويندو هو تہ پوءِ هو واپارين کي اچڻ وڃڻ جي موڪل ڏئي ڇڏيندا هئا.

ڊچ، سنڌ ۾ نهايت ٿورو وقت ترسيا. پران مختصر عرصي جي قيام دوران جيڪا اسان کي سنڌ بابت معلومت ڏني آهي، سان اُن وقت جي سنڌ جي وڳوڙي وايومنڊل سان نهڪي بيهي ٿي.

Gul Hayat Institute

# حوالا


1- 'ايڇ. ٽي. سورليءَ' جو ڪتاب "شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سندس شاعري، زندگيءَ جو احوال ۽ دؤر". آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس 1940ع، ص 14.
2- 'سر آر. ايف. برٽن' جي تصنيف "سنڌ ري وزيٽيڊ" لنڊن، رچرڊ بينٽلي، 887.
3- ايضاً.
4- 'اين. ايم. بليموريا' جي تصنيف "پني آف رگويد اينڊ اسڪرپٽ آف موهن جو دڙو اينڊ ايسٽرن آٽلنڊ" J.S.H.S، جلد ٽيون، 1937ع، نمبر 2، ص 46-64.
5- 'ميجر جنرل اي. آر. هيگ' "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" لنڊن، ڪيگن پال اينڊ ڪمپني، 1894ع، ص 25.
6- ايضاً ص 25.
7- 'ڊاڪٽر جي. ايڇ. بريسٽيڊ' جو ڪتاب "ڪانڪوسٽ آف سولائيزيشن" شنار ماتريءَ جي ڪيترن ئي قديم ڪنڊرن مان سنڌ جون مهرون، ٺڪر جا ٿانوَ ۽ مٽيان مليا آهن. هي هڪ ناقابلِ ترديد شاهدي آهي ته سنڌ جا شنار جي ماتريءَ سان قديم واپاري ناتا هئا.
8- 'آر. ڪي. مکرجي' جي تصنيف "هسٽري آف انڊين شپنگ اينڊ ميٽر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" 1912ع، ص 91.
9- 'ڊاڪٽر جي. ايڇ. بريسٽيڊ' "ڪانڪئيسٽ آف سولائيزيشن".
10- 'وليم ونسينٽ' جو ڪتاب "ڊزرٽيشن آن دي واويج آف نيرڪس" 1797، ص 13.
11- 'ميجر جنرل آيم. آر. هيگ'، "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" لنڊن، ڪيگن پال اينڊ ڪمپني، 1894ع، ص 26.
12- 'ڊبليو. ايڇ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ 1912ع، ص 37.
13- 'جيمس مئڪمرڊو' "اين اڪائونٽ آف دي ڪنٽري آف سنڌ" 1834، جلد پهريون، ص 257-223.
14- 'آر. ڪي. مکرجي' "هسٽري آف دي انڊين شپنگ اينڊ ميٽر اون شپس فرام دي ارليئسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" پهريون ڇاپو 1912ع، ص 168.
15- 'نيپيئر' "سنڌ ڪوسڊ" 23.4.1858.
16- 'ايڇ. ٽي. سورلي' "شاهه عبداللطيف ڀٽائي: سندس شاعري، زندگي ۽ دؤر جو احوال"، لنڊن، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1940ع، ص 15.
17- 'سر. ايڇ. اي. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' ٽربائين اينڊ ڪمپني 1877-1867ع، ص 19-20.
18- 'ٽي. پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آف سنڌ" لنڊن، لانگ مين برائون اينڊ گرين، 1843ع ص 80.
19- 'جنرل سر وليم نيپيئر' "هسٽري آف سر چارلس نيپيئر، ائڊمنسٽريشن آف سنڌ اينڊ ڪمپين ان دي ڪڇي هلس" لنڊن، پارلس ويسٽرٽن، 1854ع، ص 37.
20- 'ايڇ. ٽي. سورلي' "شاهه عبداللطيف ڀٽائي: سندس شاعري، زندگي ۽ دؤر جو احوال"، لنڊن، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1940ع، ص 11.
21- 'ڪئپٽن ايڊورڊ ٿارنٽن' "اي گزيٽيئر آف دي ڪنٽريز ائڊجاسينٽ ٽُ انڊيا آف دي نارٿ ويسٽ انڪليوڊنگ سنڌ، افغانستان، بلوچستان، دي پنجاب اينڊ دي نيبرنگ اسٽيٽس." لنڊن، آلن اينڊ ڪمپني، 1844ع، جلد پهريون، ص 280.


Gul Hayat Institute

44- ’هينري ايلس‘ ”آن سنڌ“ بامبي رڪارڊ آفيس، 1809ع.
45- ’اي. ايچ. ائٽڪن‘ ”گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ“ مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، 1907ع، ص 9.
46- ايضاً ۽ ’جي. ايف. هيڊل‘ ”ممايرس آن دي رِور انڊس“ بامبي رڪارڊ، ص 405.
47- ’ٽي. جي. ڪارليس‘ بامبي رڪارڊس.
48- ’جي. ايف. هيڊل‘ ”ممايرس آن دي رِور انڊس“ بامبي رڪارڊ، ص 403.
49- ’سر وليم پاٽنجر‘ ”سنڌ مشن؛ ممايرز ائنڊ اسڪيچ“ پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽ SRBG، جلد پهريون، 1832ع، ص 571.
’ڪئپٽن جان ووڊ‘ ”رپورٽ آن دي رِور انڊس“ JASB جلد ڏهون ص 578.
50- ’جي. ايف. هيڊل‘ ”ممايرس آن دي رِور انڊس“ بامبي رڪارڊ، ص 403.
51- ’سر اليگزينڊر برنس‘ ”ٽريولس انٽو بخارا“ لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون، ص 34.
52- خاص ڪري سنڌوءَ جي وڪڙن ۾ پائيندڙ ۽ ڪاڙ ٿيندي آهي. ص 373.
53- ’اي. ايچ. ائٽڪن‘ ”گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، ڪراچي“ مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، 1907ع، ص 9. ’مئڪمرڊو‘ ”ڊزرٽيشن آن دي رِور انڊس“ جلد پهريون، 1834ع ص 20. ’ٽي پوسٽنس‘ جي ڪتاب ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ ۾ ’جان ووڊ‘ جا ڏنل حوالا. ص 379.
54- ’اي. ايچ. ائٽڪن‘ ”گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، ڪراچي“ مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، 1907ع، ص 9.
55- ’جي. ائبٽ‘ ”اي ري انٽرپريٽيشن آف دي آن هئپي وئلي“ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، بمبئي، 1924ع ص 22.
56- ’جي. ايف. هيڊل‘ ”ممايرس آن دي رِور انڊس“ بامبي رڪارڊ، ص 419.
57- ايضاً، ص 419. ’ميجر جنرل ايم. ار. هئگ‘ ”دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ لنڊن، ڪيگن پال ائنڊ ڪمپني، 1894ع، ص 118. سنڌس بيان هن ريت آهي: ”گذريل (ارڙهين) صديءَ ۾ سنڌوءَ جي رخ ۾ ايتري تہ تبديلي آئي آهي جنهن جهڙو مثال اسان ڪي اڳي ڪونہ ٿو ملي. پراڻي ۽ نئين وهڪري جي پيٽن ۾ هڪ سؤ ميل جي وِٿيءَ آهي يا ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ هجي.
58- ’اي. پي. ڊلهائوسي‘ ”جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس“ هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اڀياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
59- ’سر اليگزينڊر برنس‘ ”ٽريولس انٽو بخارا“ لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون، ص 201-62.
60- ’سر وليم پاٽنجر‘ ”سنڌ مشن؛ ممايرز ائنڊ اسڪيچ“ پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽ SRBG، جلد 571، 1832ع، ص 338-123.
61- ’اي. ايچ. ائٽڪن‘ ”گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، ڪراچي“ مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، 1907ع، ص 9.
62- ’اي. پي. ڊلهائوسي‘ ”جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس“ هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اڀياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
63- ’ٽي. پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آف سنڌ“ لنڊن، لانگ مين برائون ائنڊ گرين، 1843ع ص 373.

Gul Hayat Institute

64- 'سر وليم پاٽنجر' "سنڌ مشن؛ ممايرز اينڊ اسڪيچ" پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG، جلد 571، 1832ع، ص 338-123.
65- 'سر اليگزينڊر برنس' "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مُري 1834ع، جلد ٽيون، ص 34.
66- ڊِاي. ايڇ. ائٽڪن' "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، ڪراچي" مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، 1907ع، ص 9.
67- 'جي. اي. آلن' "ڊائري آف مارچ ٿرو سنڌ اينڊ افغانستان" لنڊن، هئچرڊ، 1943ع.
68- 'جي. ايف. هيڊل' "ممايرس آن دي رِور انڊس" بامبي رڪارڊ، ص 421.
69- 'ڪئپٽن جان ووڊ' "رپورٽ آن دي رِور انڊس" بمبئي رڪارڊس. 'پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 379.
70- 'سر اليگزينڊر برنس' "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون.
71- 'پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 32.
72- ايضاً. ص 127-126.
73- ايضاً. ص 373.
+ 'ڊبليو. ڊبليو. فوسٽر' "دي انگلش فئڪٽريز ان انڊيا: 1618-1662" 'فرٿملن' جو 'هٿملٽن' ڏانهن اپريل 1636ع ۾ لکيل خط. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقن جا بندر ٻارهوٺي اهڙا خطرناڪ آهن، جهڙي ريت ٿي. پوسٽنس' پنهنجي ڪتاب "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" ۾ بيان ڪيو آهي.
74- 'جي. ائبٽ' "سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي" بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 69.
75- ڊِاي. پي. ڊلهائوسي' "جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس" هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اپياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
76- 'ڊبليو هئملٽن' "اي جاگرافيڪل، اسٽيشٽيڪل اينڊ هسٽريڪل ڊسڪرپشن آف هندستان اينڊ دي ائڊجاسينٽ ڪنٽريز" ص 124.
77- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 373.
78- 'سر اليگزينڊر برنس "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مُري 1834ع، جلد ٽيون، ص 32.
79- ايضاً. ص 219.
80- 'ڪئپٽن ايڊورڊ ٿارنٽن' "اي گزيٽيئر آف دِي ڪنٽريز ائڊجاسينٽ ٽُ انڊيا آف دي نارٿ ويسٽ انڪليوڊنگ سنڌ، افغانستان، بلوچستان، دي پنجاب اينڊ دي نيبرنگ اسٽيٽس." لنڊن، آلن اينڊ ڪمپني، 1844ع، جلد پهريون، ص 280.
81- 'جي. ائبٽ' "سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي" بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 103.
82- ايضاً.
83- 'ڪئپٽن جان ووڊ' بمبئي رڪارڊس. ص 559.
84- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 125.
85- 'جي. ائبٽ' "سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي" بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 103.

Gul Hayat Institute

86- ’ٽي پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 124.
87- ’ڪئپٽن جان ووڊ‘ بمبئي رڪارڊس. ص 559.
88- ’ٽي پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 125.
89- ’سر اليگزينڊر برنس‘ ”ٽريولس انٽو بخارا“ لنڊن، جان مُري 1834ع، جلد ٽيون، ص 219.
90- ’ٽي. جي. ڪارليس‘ بمبئي رڪارڊس، ص 488.
91- ’سر وليم پاٽنجر‘ ”سنڌ مشن: ممايئر اينڊ اسڪيچ“ پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽ SRBG، جلد 571، 1832ع، ص 338-123.
92- ’سر اليگزينڊر برنس‘ ”ٽريولس انٽو بخارا“ لنڊن، جان مُري 1834ع، جلد ٽيون، ص 32. ’ٽي پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 137.
93- ’ڊبليو هئملٽن‘ ”اي جاگرافيڪل، اسٽيشٽيڪل اينڊ هسٽريڪل ڊسڪرپشن آف هندستان اينڊ دي اڊجاسينٽ ڪنٽريز“ 1820ع، ص 124.
94- ’جي. ائبٽ‘ ”سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي“ بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 103.
95- ’ٽي پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 130. ’اِي. پي. ڊلهائوسي‘ ”جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس“ هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اڀياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
96- ’سر وليم پاٽنجر‘ ”سنڌ مشن: ممايئر اينڊ اسڪيچ“ پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽ SRBG، جلد 571، 1832ع.
97- ’ڪئپٽن جان ووڊ‘ بمبئي رڪارڊس. ص 552.
98- ’ٽي پوسٽنس‘ ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ لنڊن، لانگ مين، براڻون اينڊ گرين، 1843ع، ص 130.
99- ايضاً، ص 383.
100- ’اِي. پي. ڊلهائوسي‘ ”جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس“ هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اڀياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
101- ’ڊبليو. ڊبليو. فوسٽر‘ ”گائيڊ ٽُ دي انڊيا آفيس رڪارڊ، 1858-1600ع.
102 ’ڪئپٽن جان ووڊ‘ بمبئي رڪارڊس. ص 552.
103- ڪئپٽن جان ووڊ اي جرني ٽو سورس آف رور اوڪسس، لنڊن، جان مووي، 1872ع، ص 28.
104- ايضا.
105- ڊبليو. فوسٽر، گائيڊ ٽو انڊيا آفيس رڪارڊ، 1600-1858ع.
106- ڪيپٽن جان ووڊ، بامبي رڪارڊ، ص 552.
107- ’ڊاڪٽر لارڊ. پي.‘ ”ممايرآن دي پلٿن آف دي انڊس“ ص 55. هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اڀياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
108- ’اِي. پي. ڊلهائوسي‘ ”جاگرافيڪل ممايرس آن دي انڊس“ هي يادگيرين تي ٻڌل

Gul Hayat Institute

ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اپياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
109- 'ڪئپٽن جان ووڊ' بمبئي رڪارڊس. ص 379.
110- ايضاً. ص 382.
111- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون ائنڊ گرين، 1843ع، ص 377-78.
112- 'ڊاڪٽر لارڊ. پي.' "ممايَر آن دي پلئن آف دي انڊس". هي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ويسٽ انڊيا اسٽيٽ ايجنسي راجڪوٽ ۾ رکيل رڪارڊ جو اپياس ڪري 1832ع ۾ لکيو ويو هو.
113- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون ائنڊ گرين، 1843ع، ص 379.
114- 'سر اليگزينڊر برنس' "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مُري 1834ع، جلد ٽيون، ص 34.
115- 'ڊبليو هئملٽن' "اي جاگرافيڪل، اسٽيشٽيڪل ائنڊ هسٽريڪل ڊسڪرپشن آف هندستان ائنڊ دي ائڊجاسينٽ ڪنٽريز" 1820ع، ص 130-115.
116- 'سر وليم پاٽنجر' "سنڌ مشن: ممايَر ائنڊ اسڪيچ" پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG، جلد 571، 1832ع.
117- 'ڊبليو. هئملٽن' جا 'اليگزينڊر برنس' جي ڪتاب "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون ص 130-115 تي ڏنل احوال.
118- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون ائنڊ گرين، 1843ع، ص 363.
119- 'ليگزينڊر برنس "ٽريولس انٽو بخارا" لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون ص 217.
120- 'ڊبليو. ڊبليو. فوسٽر' "دي انگلش فئڪٽريز ان انڊيا: 1618ع کان 1662ع".
121- 'ڪئپٽن جان ووڊ' "اي جرني ٽُ دي سورس آف دي رِور اوڪسس" لنڊن، جان مري، 1872ع.
122- ڪيپٽن جان ووڊ، بامبي رڪارڊ، ص 578.
123- 'ڊلهائوسي' ص 68. رينيل ص جي. ايف. آر، ص 290. سنڌس بيان آهي ته ٻيڙيون ڪشمير ۽ پنجاب جو بهترين تجارتي مال کڻي اينديون آهن. 'وليم ونسينٽ' "وائيج آف نيرڪس" ص 9 ۽ 10. سنڌس بيان آهي ته سنڌوءَ وسيلي ملتان، اٽڪ ڪابل ۽ ڪشمير جو ڪپڙو ايندو آهي. 1615ع، ص 268. 1610ع، ص 52. 'ڊبليو. ڊبليو. فوسٽر' سنڌس بيان آهي ته تجارتي مال آگري کان لاهور ايندو آهي، جتان سنڌوءَ وسيلي ٻيڙين ذريعي ڪڇي هيٺ ايندو آهي.
124- قديم سنڌ: 'اليٽ' جي محاڳ ۾ ڏنل 'ابن خردازبہ' ۽ 'المسعودي' جو احوال. جلد پهريون ص 14 ۽ 22.
125- ڏسو منزلن بابت 'ٽي. پوسٽنس' جو "پرسنل آبزرويشن آف سنڌ" لنڊن، لانگمين براڻون ائنڊ گرين، 1843ع ص 246.
126- 'اين وٽنگٽن' "ارلي ٽريولس ان انڊيا" 1583ع کان 1619ع تائين.
127- 'سر وليم پاٽنجر' "سنڌ مشن: ممايَر ائنڊ اسڪيچ" پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG، 1832ع، جلد 571.
128- 'ٽي پوسٽنس' "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" لنڊن، لانگ مين، براڻون ائنڊ گرين، 1843ع، ص 246.

129- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
130- اليگزينڊر برنس''ٽريولس انٽو بخارا'' لنڊن، جان مري 1834ع، جلد ٽيون، ص 217.
131- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
132- 'پال پٽن' ص 86-85. 'برنس' (مشن 1837-1835ع)
133- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
134- 'ڊاڪٽر جي. ايچ. بريسٽيڊ' جو ڪتاب ''ڪانڪيسٽ آف سولائيزيشن''.
135- 'اين. جي. مجمدار' ''اڪسپلوريشن ان سنڌ''
136- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
137- 'ايس. پرچيز' ''هز پلگرمس'' جلد چوٿون. 'اين وٽنگٽن' ''ارلي ٽريولس ان انڊيا'' (1619-1853ع)، ص 171.
138- 'ڊبليو. ڊبليو. فوسٽر' ''دي انگلش فئڪٽريز ان انڊيا: 1618ع کان 1662ع''.
139- 'جي. ائبٽ' ''سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي'' بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 69. 'اين وٽنگٽن' ''ارلي ٽريولس ان انڊيا'' (1619-1853ع)، ص 171.
140- ''هسٽري آف سر چارلس نيپيئرس ائڊمنسٽريسن'' ص 58. 'ٿارنٽن' ''گزيٽيئر آف دي ڪنٽريز ايڊجاسمينٽ ٽُ انڊيا آن دي نارٿ ويسٽ'' جلد ٻيون، ص 352-350. ''رووي آن دي انڊس ٽُ خيرپور.'' ''ٽريبون، گهري، راڄڙي، اوڊر، منڙ، سوراهه، سردار گهر يا گهوٽهڙو، مراد علي، ڪوراه ڪڇڙي، جيسلمير، رووي. سنگراره مير رستم جو عداد قلعو، مير رستم جو مٺا در قلعو، بندر ڪنياره جيسلمير جي راجا جو ڪڇري قلعو.
141- پارليامينٽري پيپرس پوليٽيڪل، ص 99.
142- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
143- 'جنرل سر وليم نيپيئر ايف. پي' ''هسٽري آف سر چارلس نيپيئرس ايڊمنسٽريشن آف سنڌ ۽ ڪمپيئن ان ڪچي هِلس'' لنڊن. چارلس ويسٽرٽن، 1854ع، ص 58.
144- 'ٽي پوسٽنس' ''پرسنل آبزرويشن آن سنڌ'' لنڊن، لانگ مين، براؤن اينڊ گرين، 1843ع.
145- 'اي. ايف. بئلي' ''ڪراچي؛ پاسٽ، پريزنٽ اينڊ فيچر'' ڪلڪتو ٿئڪر اينڊ ڪمپني، 1890ع.
146- 'سر وليم پاٽنجر' ''سنڌ مشن؛ ممباير اينڊ اسڪيچ'' پوليٽيڪل ڊپارٽمنٽSRBG ، 1832ع، جلد 571.
147- 'جئمس مئڪمرڊو' ''ڊزرٽيسن آن رِور انڊس''JRAS جلد پهريون، 1834ع، ص 20-44.
148- 'ڊاڪٽر جئمس برنس': ''نئريٽو آف اي وزٽ ٽُ دي ڪورٽ آف سنڌ ائٽ حيدرآباد آن دي انڊس'' لنڊن، رابرٽ ڪئڊيل، 1831ع، ص 35.
149- 'ڊلهائوسي' جي ڊائري، تاريخ 12- جنوري 1832ع.



Gul Hayat Institute

150- 'جيمس مئڪمردو' ''ڊزرٽيسن آن رِور انڊس''JRAS جلد پهريون، 1834ع، ص 20-44.
151- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب ''هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽوريئنس'' لنڊن، ٽرنبر ائنڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 77.
152- 'ميجر جنرل هئگ' ''دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري'' لنڊن، ڪيگن پال ائنڊ ڪمپني، ص 26.
153- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب ''هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽوريئنس'' لنڊن، ٽرنبر ائنڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 77.
154- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف ''هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف'' 1912ع، ص 168.
155- 'ميجر جنرل اي. آر. هئگ' ''دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري'' لنڊن، ڪيگن پال ائنڊ ڪمپني، 1894ع، ص 26.
156- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب ''هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽوريئنس'' لنڊن، ٽرنبر ائنڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 49.
157- ايضاً، ص 77.
158- ايضاً، ص 59.
159- 'ايس. پرچس' ''هز پلگرمس'' جلد چوٿون، ص 268.
160- 'ڊاڪٽر اي. سي. داس' ''رگويدڪ انڊيا'' ڪلڪته، 1924ع، ص 73-72.
161- 'اين. جي. مجمدار' ''اڪسپلوريشن ان سنڌ''
162- ''قديم سنڌ''
163- 'ڊاڪٽر اي. سي. داس' ''رگويدڪ انڊيا'' ڪلڪته، 1924ع، ص 72.
164- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف ''هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف'' 1912ع، ص 86. ۽ 'رٽگوزيا آر.' ''ويدڪ انڊيا'' ص 306.
165- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو ''دي پيريپلس آف ايريٿرين سي'' نيويارڪ، 1912ع، ص 165.
166- 'ڊاڪٽر جي. ايچ. بريسٽيڊ' جو ڪتاب ''ڪانڪيسٽ آف سولائيزيشن''.
167- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف ''هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف'' 1912ع، ص 95. 'هيروڊوٽس' سنڌ جي ڪپهه جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان هن ريت آهي: ''وڻ ۾ جنس ۾ اُن کان وڌيڪ بهتر جهنگلي ڪپهه، جنهن مان سنڌي ڪپڙا اُڻندا هئا.'' هي حوالو 'رابنسن' جي تصنيف ''انڊيا ائنڊ دي ويسٽرن ورڪس'' ص 25-24.
168- 'ڊاڪٽر اي. ايچ. جي. مئڪي' ''بيڊ ميڪيم ان اينشنٽ سنڌ'' جنرل آمريڪن اورينٽل سوسائٽي، جلد 57. نمبر 1، 1937ع.
169- ايضاً.
170- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف ''هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف'' 1912ع، ص 92-91.
171- 'ڊاڪٽر اي. سي. داس' ''رگويدڪ انڊيا'' ڪلڪته، 1924ع، ص 73-72.
172- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف ''هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف'' 1912ع، ص 78.
173- ايضاً.
174- 'ڊاڪٽر اي. سي. داس' ''رگويدڪ انڊيا'' ڪلڪته، 1924ع، ص 73-72.
175- 'ڊاڪٽر اي. ايچ. پاسڪوئي' ''مئنيول آف دي جيالاجي آف انڊيا ائنڊ برما'' 1850ع،

Gul Hayat Institute

جلد پهريون، ص 32-31. * روم سان تعلق رکندڙ 'ٽرٽجن' پنهنجيءَ هڪ مُهم دؤران هاڪار بندو اچي فرات جي چوڙ وٽ پهتو هو ۽ ڏٺو هئائين تہ اُتان جا تجارتي ٻيڙا سِڙهہ سياهي سنڌ ڏانهن هاڪارڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. ڏسو 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 2. سنڌوءَ ماٿريءَ ۽ فرات جي وچ ۾ قديم تجارتي تعلقات هئا جنهن بابت ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجايش ڪانہ آهي. هنن قديم واپري ناتن جا اهڃاڻ خط ميخي وارين لکتن ۾ ڏسي سگهجن ٿا جيڪي "متاني" جي حتي نسل جي بادشاهہ جي دؤر (1500 ق.م کان 1400 ق.م) سان لاڳاپيل آهن.

176- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف "هسٽري آف انڊين شپنگ اينڊ ديٽر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" 1912ع، ص 91.

177- ايضاً. ص 91.

178- ايضاً. ص 131.

179- "بمبئي گزيٽيئر" جلد پهريون، ڀاڱو پهريون، ص 490.

180- 'مانيڪ پٿاوالا' "اي جاگرافيڪل اينالائيسس آف دي لوئر انڊس بيسن (سنڌ)"JSHS جلد ٻيون، ڀاڱو پهريون، ص 29-28.

181- 'اي. جي. راپسن' "اينشنٽ انڊيا" ڪلڪتو، سوسيل گپتا، ص 85.

182- ايضاً، ص 85.

183- ايضاً، ص 85، ۽ 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف "هسٽري آف انڊين شپنگ اينڊ ديٽر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" 1912ع، ص 84.

184- ايضاً، ص 84.

185- 'ڊاڪٽر جي. ايچ. بريسٽيڊ' جو ڪتاب "ڪانڪيسٽ آف سولائيزيشن" ص 229.

186- 'وليم ونسينٽ' "ڊزرٽيشن آن دي واويج نيرڪس" 1797ع، ص 10.

187- ايضاً ص 13.

188- 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 171.

189- ايضاً. ص 71.

190- 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 71. 'ميجر جنرل هيگ' "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" لنڊن، ڪيگن پال اينڊ ڪمپني، 1894ع، ص 25-24. 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 166-76.

191- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 37 ۽ 286.

192- ايضاً، ص 37. 'رالنسن' جي مٿي بيان ڪيل ڪتاب جو ص 33. 'ڊبليو. ايچ. شوف' جي مٿي بيان ڪيل ڪتاب جو ص 77.

193- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 37.

194- ايضاً، ص 38-37.

195- ايضاً، ص 167.

196- ايضاً، ص 168.

Gul Hayat Institute

197- 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا ائنڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 120.
198- ايضاً ص 125.
199- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 68 ۽ 220.
200- 'سر ايچ. جي. رالنسن' جي مٿي بيان ڪيل ڪتاب جو ص 125.
201- 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا ائنڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 124. 'ڪوسٽس' جو ڪشتاڻ جيڪو موجود دؤر جو ڪوٽ لڪدي آهي. ڪراچي ۾ هن کي "اپلر" سڏيو ويندو آهي. مشرق بعيد وارا هن کي پوچوڪ ڪوٺيندا آهن. "ساسوريا لاپا هينز" کي روم وارا "رادي" سڏيندا هئا. هيءَ شيءِ روم ۾ پنجن دينارن يعني هڪ پائونڊ ۾ ملندي هئي.
202- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 169.
203- ايضاً ص 169.
204- ايضاً ص 169.
205- 'رالنسن' جي مٿي بيان ڪيل ڪتاب جو ص 126.
206- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 169.
207- 'رالنسن' جي مٿي بيان ڪيل ڪتاب جو ص 125.
208- 'سر ايچ. جي رالنسن' جو ڪتاب، "انٽرڪورس بٽوين انڊيا ائنڊ دي ويسٽرن ورلڊ: فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ٽُ دي فال آف دي روم" ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، 1916ع، ص 102. ڪوسٽس، لائڪم ۽ ٻيون خوشبودار شيون روم ۾ مهانگيون وڪامنديون هيون.
209- بمبئي گورنمينٽ رڪارڊ.
210- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 170-171.
211- 'جي. اٿبٽ' "سنڌ: ري انٽرپريٽيشن آف دي ان هئپي وئلي" بمبئي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1924ع، ص 70.
212- ايضاً ص 70.
213- 'ڊبليو. ايچ. شوف' جو "دي پيريپلس آف ايريٿرين سي" نيويارڪ، 1912ع، ص 172.
214- ايضاً ص 173.
215- ايضاً ص 173.
216- 'آر. ڪي. مکرجي' جي تصنيف "هسٽري آف انڊين شپنگ ائنڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" 1912ع، ص 168.
217- ايضاً ص 168.
218- "چچنامو" ص 11.
219- ايضاً ص 11.
220- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب "هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽوريئنس" لنڊن، ٽرنبر ائنڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 139.
221- ايضاً ص 139.

Gul Hayat Institute

222- 'مولوي نور محمد نظام الدين' "تاريخ سنڌ" (قديم سنڌ) حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، 1933ع، جلد پهريون، ص 140.
223- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب "هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽورينس" لنڊن، ٽرنبر اينڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 120.
224- ايضاً ص 138.
225- 'آر. ڪي. مڪرجي' جي تصنيف "هسٽري آف انڊين شپنگ اينڊ ديئر اون شپس فرام دي ارليئيسٽ ٽائيمس ان دي پرشين گلف" 1912ع، ص 168.
226- 'جيمس مئڪمرڊو' "اين اڪائونٽ آف سنڌ وِٿ ريمارڪس آن اسٽيٽ آف سوسائٽي؛ دي گورنمينٽ مئنرس ۽ ڪسٽمس آف دي پيپلس" JRAS ڇاپو پهريون، 1934ع، ص 257-223.
227- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب "هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽورينس" لنڊن، ٽرنبر اينڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 37.
228- ايضاً ص 37.
229- 'بولچند ديارام' "سنڌ جي تاريخ" (سنڌيءَ ۾) 1920ع ص 13.
230- ايضاً ص 15.
231- ايضاً ص 16-15.
232- 'سر. ايچ. ايم. اليٽ' ۽ 'جان ڊائوسن' جو ڪتاب "هسٽري آف انڊيا ٽولڊ باءِ اٽس اون هسٽورينس" لنڊن، ٽرنبر اينڊ ڪمپني، 1876ع، جلد پهريون، ص 77.
233- ايضاً ص 77.
234- ايضاً ص 77.
235- ايضاً ص 77.
236- 'ابن بطوطا' "ٽريولس اِن ايشيا اينڊ آفريڪا" لنڊن، روليج ڪيگن پال، 1929ع، ص 187.
237- ايضاً ص 187.

Gul Hayat Institute

# مددي ڪتابن جو وچور


Aichison, C.U.A., A. Collection of Treaties,Engagements and Sanads Relating to India and Neighbouring Countries, Vol. VI, Calcutta, 1876.

Danvers, F.G., History of Portuguese in India, 2 Vols. 1965.

Foster, W., Embassy of Sir Thomas Roe to the Court of Great Mughal, 1915-19, 2 Vols., Hakluyt Society, 1921.

English Factories in India, Vols., IV, 1930-33, V, 1634-36, VI 1637-41, VIII, 1646-50, IX, 1651-54, X, 1655-60m XI, 1660-64, 1906-1932, Oxford University Press, London.

England's Quest for Eastern Trade, London, 1933.

Hag, Sir Wolseley, Canbridge Histroy of India, Vol. VI, Calcutta, 1935.

Maclagan, Sir, E., The Jesuits and the Great Mughal, London, 1932.

Manucci, Miccolao, Storia do Mogor (1653-1708), Vol. I, translation W. Irwine, London, 1907.

Mukerjee, Rise and Fall of East India Co., Lahore, 1974.

Moreland, W.H., India at the Deat of Akbar, London, 1920.

From Akbar to Aurangzeb, London, 1923.

The Shahbander in the Eastern Seas, J. Royal Asiatic Society, 3rd Series, London, 1920.

Akbar's Land Revenue System, J. Royal Asiatic Society, 3rd Series London, 1918.

Sorley, H.T., Sahh Abdul Latif of Bhit, Oxford University Press, London, 1940.


Gul Hayat Institute

تاريخي دؤر وارن ماڳن مان پتو پوي ٿو ته سنڌ جي ثقافت ڏاڍي نرالي ۽ انوکي هئي ۽ کن ڳالهين ۾ مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيبن کان به شاهوڪار هئي.... مسٽر راکل داس بئنرجي موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪري دنيا کي سنڌ جي قديم ۽ شاندار ثقافت سان روشناس ڪرايو، جنهن کان دنيا اڳي واقف ڪانه هئي ۽ اها مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيبن جي سهيوڳي هئي. هي سڀيتا ڪي ٻه ٽي صديون نه پر گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار سال پراڻي آهي. هن کان سواءِ سنڌ سان لاڳاپيل هڪ اهم حقيقت هي به آهي، جنهن اسان جو گهڻو ڌيان ڇڪايو آهي ته سنڌ جي سنڌ وَرڪي واپاري دنيا ۾ پکڙيل آهن. گڏوگڏ سنڌي واٽين جو هٽ مهذب دنيا جي هر ڪند ڪڙڇ ۾ ملندو. هنن جي هر جاءِ تي موجودگي ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو آهي.

سنڌي ماڻهو لئيءَ مان لٽ پيچي تازو واپاري ڪونه بڻيا آهن، ڇوته سنڌ جي تجارت پراچين سمي کان جاري هئي.... سنڌ کي مصر سان مشابهت ڏيندي چيو ويو ته اُها 'نيل' ۽ 'سنڌوءَ' جي سوکڙي آهي. ڪڏهن هن کي ''اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جي ماٽري'' به سڏيو ويو آهي... سنڌ جي تجارت جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪندي چارلس نيپيئر چيو ته، ''شيطان هتان جي تجارت کي ٻاهه جيان اڳتي وڌائيندو.'' تنهنڪري هن سنڌ کي خطرناڪ ۽ هيبتناڪ سمجهيو.

Gul Hayat Institute

روشني

A ROSHNI BOOK
History
Pakistan Rs : 100.00